ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO -2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) اڱارو 23 ڊسمبر 2025ع 02 رجب المرجب 1447 ھ صفحا 6 - ملهه 30 روپيه شمارو (130)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

پاڪ فوج پيشه ورانه تياري ۽ متحد قيادت ذريعي ثابت ڪيو ته ملڪي سرحدون محفوظ آهن: بلاول ڀٽو زرداري

ڪمال ۽ ترقي ورثي ۾ نه ملندي آهي، منهنجو والد آصف علي زرداري ٻه ڀيرا صدر چونڊيو ويو، هن کي پاڪستان ۾ سياسي قيدي طور تي تيرهن سال قيد گذارڻ جو اعزاز پڻ حاصل آهي

اسان معاشي دٻاءُ، علائقائي غير يقيني صورتحال ۽ تيزي سان بدلجندڙ دنيا جهڙن چئلينجن کي منهن ڏئي رهيا آهيون، پر پاڪستان ۾ ڪڏهن به همت جي کوٽ نه رهي آهي

اسان جي هٿياربند فوجن هڪ ڀيرو ٻيهر پيشه ورانه تياري ۽ متحد قيادت ذريعي، پاڪستان پنهنجي خودمختياري جو دفاع ڪيو ۽ هڪ واضح فوجي فتح حاصل ڪئي آهي

ملڪ جي خدمت ڪرڻ ڪو پيشو ناهي، اها زندگي ڀر جي وابستگي آهي پاڪستان ۾ قابليت جي کوٽ ناهي مسئلو تڏهن پيدا ٿئي ٿو جڏهن قابليت پنهنجو مقصد وساري ڇڏي ٿي

ڪيڊٽ ڪاليج جي شاگردن مان ڪجهه هٿياربند فوج جي وردي پائيندا. ڪجهه سرڪاري ادارن ۾ ملڪ جي خدمت ڪندا، رستا مختلف ٿي سگهن ٿا، پر فرض ساڳيو آهي

پيپلز پارٽي جي چيئرمين ڪيڊٽ ڪاليج پٽارو جي 63 هين والدين جي ڏهاڙ واري تقريب ۾ خاص مهمان طور شرڪت ڪئي، ڪيس ڪيڊٽس پاران گارڊ آف آنر پيش ڪيو ويو

جامشورو/ ڪوٽڙي (رپورٽ: عرفان برفت/ حسين شورو) ڪيڊٽ ڪاليج پٽارو جي 63 هون والدين جو ڏهاڙو ملهايو ويو تقريب ۾ پيپلز پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري مهمان خصوصي جي حيثيت ۾ شريڪ ٿيو جڏهن ته سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

جامشورو: پ پ چيئرپرسن بلاول ڀٽو زرداري ۽ وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ تقريب ۾ شريڪ آهن

سنڌ ۾ ماڻهن جي زندگين ۾ سڌاري ۽ تبديلي لاءِ 1018 ارب رپين جا ترقياتي منصوبا جوڙيا آهن: وڏو وزير

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سومر ڏينهن پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ۽ ناڻي کاتن جي گڏيل اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪئي جنهن ۾ موجوده مالي سال لاءِ صوبي جي ترقياتي حڪمت عملي ۽ سيڙپڪاري منصوبن جو

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

سڄي ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ 6200 رپين جي واڌ رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي) سڄي ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ 6 هزار 200 رپين جي واڌ سان في تولو سون 4 لک 62

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڀارت سان جنگ ۾ الله تعاليٰ پاڪستان کي فتح ڏياري، جنهن تي قوم ڀرپور خوشيون ملهايون: وزيراعظم

وزيراعظم پاران انڊر 19 ايشيا ڪپ جي فاتح پاڪستان ڪرڪيٽ ٽيم رانديگرن لاءِ هڪ هڪ ڪروڙ رپين جو اعلان

ڀارت کي عبرتناڪ شڪست ڏيندڙ پاڪستاني ٽيم کي وزيراعظم طرفان مانجهاندو ڏنو ويو، ڪارڪردگي جي واکاڻ

ٽيم انتظاميا ۽ پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ جون ڪوششون ۽ محسن نقوي جي محنت قابل قدر آهي: وزيراعظم شهباز شريف

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف انڊر 19 ايشيا ڪپ جي فاتح پاڪستان ڪرڪيٽ ٽيم جي هر رانديگر جي لاءِ هڪ هڪ ڪروڙ رپين جو اعلان ڪندي چيو آهي ته ٽيم قوم جو ڳاٽ فخر

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

خراجِ عقيدت
هلو هلو لاڙڪاڻي هلو
27 ڊسمبر
يوم شهادت
ايشيا جي عظيم اڳواڻ قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي سياسي فلسفي جي وارث شهيد بنت شهيد محترمه بينظير ڀٽو صاحبه جي 18 هين ورسيءَ تي شهيد راڻيءَ کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ لاڙڪاڻي هلي صدر پاڪستان آصف علي زرداري، پاڪستان پيپلز پارٽي جي نوجوان ۽ محبوب چيئرمين بلاول ڀٽو زرداريءَ جا هٿ مضبوط ڪري قيادت ۽ پارٽي سان عهد وفا جو وچن ورجائي شهيدن جي ڇڏيل مشن کي مڪمل ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪريو.
پاران
محمد رمضان مري
صدر پاڪستان پيپلز پارٽي تعلقو چمبڙ ضلعو ٽنڊوالهيار

عمران خان ڳالهين جي تجويز ٻيهر رد ڪري ڇڏي، معافي کان سواءِ ڪنهن به قسم جون ڳالهيون نه ٿينديون: حڪومت

احتجاجي تحريڪ بابت عمران خان جي هدايت ئي حتمي هوندي، انهي تي عمل ڪيو ويندو، اها پاليسي سڌو سنئون پارٽي قائد عمران خان طرفان آئي آهي، انهي ڪري اهائي لاڳو ٿيندي: سيڪريٽري اطلاعات پي ٽي آءِ

محمود خان اڇڪزئي ڳالهين سميت پنهنجون سياسي سرگرميون جاري رکي سگهن ٿا پر پي ٽي آءِ قيادت عمران خان جي تازي هدايتن جي پابند آهي وزيراعليٰ ڪي پي ڪي آئين جي بالادستي لاءِ احتجاجي تحريڪ جي تياري ڪري

9 مئي جي واقعن، عمران خان ۽ پارٽي جي سوشل ميڊيا تي فوج مخالف مهم، تي معافي يا معذرت کان سواءِ پي ٽي آءِ سان ڳالهيون ممڪن نه آهن، معافي کانسواءِ ڳالهين جا اميد نه رکي وڃي: وزيراعظم شهباز شريف

فوجي ٺڪاڻن تي حملا ڪيا ويا، شهيدن جو مذاق اڏايو فوج ۽ انهي جي اعليٰ قيادت خلاف ڪردار ڪشي جي مهم هلائي، اهڙين حالتن ۾ ڪنهن به قسم جون ڳالهيون ٿي نٿيون سگهن: اپوزيشن جي ڪانفرنس بعد ردعمل

اسلام آباد (م ڊ) عمران خان جي سماجي رابطن جي پليٽ فارم ايڪس تي جاري ڪيل تازي ترين بيان موجب محمود خان اڇڪزئي طرفان ڳالهين جي اپيل کي رد ڪيو ويو آهي انهي سان گڏ ئي پي ٽي آءِ جي سيڪريٽري اطلاعات به واضح ڪيو

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

فيلڊ مارشل عاصم منير جي سعودي وزير دفاع سان ملاقات، اسٽريٽجڪ چئلينجز تي ڳالهيون

فيلڊ مارشل سيد عاصم منير کي سعودي عرب جو اعليٰ ترين قومي اعزاز ڪنگ عبدالعزيز ميڊل عطا

پاڪ فوج جي سربراهه، سعودي عرب جي دفاع واري وزير شهزاده خالد بن سلمان عبدالعزيز آل سعود سان پڻ ملاقات ڪئي

علائقائي سلامتي جي صورتحال، دفاعي ۽ عسڪري سهڪار، اسٽريٽجڪ حصيداري واري عمل ۽ بدلجندڙ جيو اسٽريٽيجڪ چئلينجز تي غور ويچار

راولپنڊي (اي پي پي) چيف آف ڊفينس فورسز ۽ چيف آف آرمي اسٽاف فيلڊ

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

راولپنڊي: سعودي وزير پاران فيلڊ مارشل عاصم منير کي اعليٰ اعزاز ڏنو پيو وڃي

اسان دفاعي قوت کي سياسي طور تي نه پر دفاع جي لحاظ کان مضبوط ڏسڻ چاهيون ٿا: مولانا فضل الرحمان

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) جي يو آءِ سربراهه مولانا فضل الرحمان چيو آهي ته

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

محمد اورنگزيب طرفان مسيحي برادري کي ڪرسمس جون مبارڪون

حڪومت ملڪ ۾ اقليتن جي حقن جي تحفظ لاءِ پُرعزم آهي: ناڻي وزير

آئين سمورن شهرين کي بنا فرق جي برابريءَ جي حقن جي ضمانت ڏئي ٿو

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي ۽ محصولن واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب چيو آهي ته حڪومت ملڪ ۾ اقليتن جي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ماسڪو ۾ بم ڌماڪو ليفٽيننٽ جنرل مارجي ويو

ڌماڪي ۾ جنرل اسٽاف جي آپريشنل ٽريننگ ڊائريڪٽوريٽ جو سربراهه ماريو ويو

ماسڪو (اي پي پي) روس جي گادي واري شهر ماسڪو جي ڏاکڻي علائقي ۾ صبح جو سوير ڪيل بم ڌماڪي ۾ هٿياربند فوج

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

صدر آصف جي زرداري جي بغداد ۾ امام موسيٰ الڪاظم ع ۽ امام محمد التقي الجواد ع جي روضن تي حاضري

نجف ايئرپورٽ تي گورنر يوسف مڪي ڪناوي صدر جو استقبال ڪيو، صدر ۽ نجف جي گورنر وچ ۾ ايئرپورٽ تي ملاقات ٿي

صدر ائمه اهلبيت ع جي تعليمات کي علم، صبر، حڪمت ۽ اخلاقي طاقت جو مستقل سرچشمو قرار ڏنو، حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني جي مزار تي به حاضري

صدر امام اعظم ابو حنيفه ع جي مزار تي پڻ حاضري ڀري ۽ سڀني مزارن جي منتظمين ۽ خطيبن سان پڻ ملاقاتون ڪيون

بغداد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري بغداد ۾ امام موسيٰ الڪاظم ع ۽ امام محمد التقي الجواد ع جي روضن تي حاضري ڀري، مسلمان امت جي امن اتحاد

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

بغداد: صدر آصف علي زرداري، عبدالقادر پٽيل صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ۽ ٻيا مقدس مزارن تي حاضري ڀري رهيا آهن

پنجاب پراپرٽي اونرشپ آرڊيننس تي عملدرآمد معطل، حڪومت عدالتي سپرميسي ختم ڪري ڇڏي: چيف جسٽس عاليه نيلم

اوهان جو بس هلي ها ته اوهان آئين کي به معطل ڪري ڇڏيو ها: لاهور هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جو چيف سيڪريٽري سان مڪالمو

عدالت سمورين درخواستن تي اعتراض ختم ڪري فل بئنچ جوڙڻ جي سفارش ڪري ڇڏي، پراپرٽي اونرشپ آرڊيننس تحت ڏنل قبضا واپس

لڳي ٿو ته ڪجهه ماڻهن جي خواهش آهي ته انهن کي سمورا اختيار ڏنا وڃن پر هي قانون بڻيو ڇو آهي ان جو مقصد ڇا آهي: عدالت

افسوس آهي ته جيڪڏهن ڊي سي اوهان جي گهر جو قبضو ڪنهن ٻئي کي ڏئي ڇڏي ته اوهان وٽ اپيل جو ڪو حق نه هوندو

لاهور (م ڊ) لاهور هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس عاليا نيلم هڪ ڪيس جي ٻڌڻي دوران چيف سيڪريٽري پنجاب سان مڪالمو ڪندي چيو آهي ته اوهان عدالتي سپرميسي کي ختم ڪري ڇڏيو اوهان جو

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

عظمت کی اونچی اُڑان
پی آئی اے کا عالمی وقار بحال کرنے کیلئے
وزیر اعظم محمد شہباز شریف کا تاریخی اقدام
Great People to Fly With
پاکستان انٹرنیشنل ائرلائنز PIA کی نجکاری
لائیو ٹیلی کاسٹ
شفاف اور قابل اعتماد نجکاری کے عمل کی لائیو ٹیلی کاسٹ اور سٹریمنگ
23 دسمبر 2025 کو 3:30 بجے
Privatisation Commission: Facebook | X | YOUTUBE | INSTA
GOP: Facebook | X | YOUTUBE
TV Channels
نجکاری - راہِ خوشحالی
PID (I) 5194-D/25
GovtofPakistan
حکومت پاکستان
URAAN PAKISTAN
privatisationcommissionofpakistan
ministryofprivatisation
PrivComPakistan
privatisationcommission261

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

سول/فيملي جج، جي ايم-4th حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 2425 سال 2024

مسمات حاجران ڌيءُ حاجي عمر....پلينٽف...خلاف: ذوالفقار سومرو پٽ غلام اصغر سومرو بالغ مسلم رهندڙ شورو وليج ويجهو اسپيشل فلور مل لاشاري چوڪ تعلقو قاسم آباد ضلعو حيدرآباد...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار مينٽيننس، ريڪوري آف ڊاوري آرٽيڪلز ڊاور اماؤنٽ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 06-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج، جي ايم-4th حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم-I ڪوٽ غلام محمد
فيملي سوٽ نمبر 91 سال 2025

مسمات ماروي ڌيءُ يعقوب شيخ وينل وارڊ نمبر 06 ڪوٽ غلام محمد....پلينٽف..خلاف: سهيل عباس ولد محمد سومار ذات ڪوسو وينل بلوچ محلا ننگر پارڪر تعلقو ننگر ضلعو ٿرپارڪر...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 06-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول اينڊ فيملي جج اينڊ جي ايم-I ڪوٽ غلام محمد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ٿرڊ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج حيدرآباد
سمري ايگزيڪيوشن نمبر 56 سال 2025 اِن
سمري سوٽ نمبر 168 سال 2024

محمد عارف پٽ نور محمد...پلينٽف...خلاف: محمد وسيم خالد پٽ محمد خالد خورشيد رهندڙ هائوس نمبر G/3847 محلا پريٽ آباد حيدرآباد، ٻي ايڊريس: سخي پير روڊ ويجهو مين ٽيڪسي اسٽينڊ لياقت ڪالوني حيدرآباد....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ايگزيڪيوشن ايپليڪيشن اِن ابو سمري سوٽ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 07-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ٿرڊ ايڊيشنل سيشنز جج حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 597 سال 2025

مسمات اميران ڌيءُ عبدالمجيد بروهي رهندڙ ڳوٺ علي گل رند تعلقو نوابشاهه ....پلينٽف...خلاف: عبدالغني پٽ شاهه بيگ بروهي رهندڙ ڳوٺ پريل برهماڻي ويجهو خدا آباد تعلقو ۽ ضلعو دادو سيل نمبر: 0308-8392417 ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 23-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج-II شهيد بينظير آباد
ايف سي سوٽ نمبر 190 سال 2025

آصف علي پٽ محمد يوسف ڏاهري رهندڙ ڳوٺ اميد ڏاهري تعلقو قاضي احمد ....پلينٽف..خلاف: (1) راحب (2) صاحب خان (3) فيصل (4) سدورو سڀ پٽ راحب ڏاهري رهندڙ حاجي اميد ڏاهري تعلقو قاضي احمد (5) محمد اشرف (6) نظام دين ٻئي پٽ غلام حسين ڏاهري ٻئي رهندڙ ڳوٺ مقيم ڏاهري تعلقو قاضي احمد (7) اي سي تعلقو قاضي احمد (8) مختيارڪار (روينيو) قاضي احمد (9) سب رجسٽرار سڪرنڊ (10) ڊي سي شهيد بينظير آباد...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ايپليڪيشن انڊر سيڪشن 5 آف لميٽيشن ايڪٽ ۽ ايپليڪيشن يو/او 9 رول 9 آر ڊبليو سيڪشن 151 سي پي سي لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 06-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج-II شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول، فيملي جج اينڊ جي ايم-III سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
گارڊين شپ ايپليڪيشن نمبر 41 سال 2025

راحب علي پٽ بهادر جلباڻي رهندڙ رهندڙ پير زڪري نمبر 1 سڪرنڊ تعلقو سڪرنڊ ضلعو شهيد بينظير آباد...ايپليڪينٽ...خلاف: (1) شوڪت علي (2) شاهد علي ٻئي پٽ مرحوم بهادر جلباڻي (3) پبلڪ ايٽ لارج...آپوننٽس

نالي مٿين آپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن نالي (1) صاحب خان (2) ظهور احمد (3) امير علي جي گارڊين جي مقرري لاءِ تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 23-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول، فيملي جج اينڊ جي ايم-II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم ميرپورخاص
(روبرو جناب مريم صبا)
فيملي سوٽ نمبر 125 سال 2025

ماروي ڌيءُ الله وسايو ذات شيدي رهندڙ ٽالپر ٽائون ميرپورخاص سيل نمبر 03182047055 ....پلينٽف..خلاف: غلام ظهير ولد نوح ذات ڪوري رهندڙ واپڊا ڪالوني سيٽلائيٽ ٽائون ميرپورخاص سيل نمبر 03181319530 ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ مينٽيننس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 23-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

فرسٽ سينئر سول جج ميرپورخاص
ايگزيڪيوشن درخواست نمبر 19 سال 2024
ايف سي سوٽ نمبر 04 سال 2023

محمد عارف ولد نور محمد ذات مري رهندڙ ڳوٺ شير واهه ديهه 136 سنڌڙي ضلعو ميرپورخاص ....پلينٽف..خلاف: (1) فضل خان ولد جمال خان (2) اي سي سنڌڙي (3) مختيارڪار سنڌڙي (4) سب رجسٽرار سنڌڙي (5) سينئر ميمبر بورڊ روينيو حيدرآباد ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف ايگزيڪيوشن آف ڊڪري زير قلم 21 رول 11 سي پي سي تحت دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 24-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سينئر سول جج ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

فرسٽ سينئر سول جج ميرپورخاص
ايگزيڪيوشن درخواست نمبر 05 سال 2025
ايف سي سوٽ نمبر 26 سال 2023

محمد عارف ولد نور محمد ذات مري رهندڙ ڳوٺ شير واهه ديهه 136 سنڌڙي ضلعو ميرپورخاص ....پلينٽف..خلاف: (1) فضل خان ولد جمال خان (2) اي سي سنڌڙي (3) مختيارڪار سنڌڙي (4) سب رجسٽرار سنڌڙي (5) سينئر ميمبر بورڊ روينيو حيدرآباد ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف ايگزيڪيوشن آف ڊڪري زير قلم 21 رول 11 سي پي سي تحت دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 24-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان

ڪورٽ نوٽيس

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم ميرپورخاص
(روبرو جناب مريم صبا)
گارڊين درخواست نمبر 19 سال 2025

عبدالغني ولد پير بخش ذات خاصخيلي رهندڙ ڳوٺ مير شير محمد خان ٽالپر ضلعو ميرپورخاص ....ايپليڪينٽ...خلاف: (1) مسمات ثانيه زال سهيل ڌيءُ منظور علي ذات خاصخيلي رهندڙ ڳوٺ جمن ميرواهه گورچاڻي تعلقو شجاع آباد ضلعو ميرپورخاص (2) مسمات بشيران زال منظور علي ذات خاصخيلي رهندڙ ڳوٺ مير شير محمد خان ٽالپر ضلعو ميرپورخاص....آپوننٽس (2) سجاد ولد عبدالغني عمر 04 سال ...مائنر

نالي مٿين آپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10،25 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن جي گارڊين جي مقرري لاءِ ته جيئن انهن جي تعليم و تربيت تي خرچ ڪري سگهجي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 24-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم ميرپورخاص

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار نالي نظير احمد جوڻيجو ولد غلام علي جوڻيجو رهندڙ ڳوٺ شاهنواز جوڻيجو تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي (1) غلام علي جوڻيجو ولد نصير محمد تاريخ 12-11-1988 (2) مسمات سليم اختر ڌيءُ شاهنواز جوڻيجو تاريخ 11-11-2025 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين/ سروي نمبر 170/1،2، 190/2 ۽ ٻيا ايراضي حصي موجب ديهه راهوڪي ٽپو اي-ٽنڊو قيصر تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام / بيان ڏني آهي فوتي غلام علي جا وارث: (1) نظير احمد جوڻيجو (پٽ) (2) مسمات شاهين (ڌيءُ)، فوتڻ مسمات سليم جا وارث: (1) مسمات تسليم (ڌيءُ)، (2) مسمات راحيلا (ڌيءُ)، (3) زوهيب احمد (پٽ)، (4) مسمات صباءِ (ڌيءُ)، (5) نظير احمد (مڙس)، جن جي نالي تي فوتي کاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪوبه جائزوارث هجڻ جي دعويٰ ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس: جڪرا ڦاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي کاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندي

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي محمد عمر ولد بخشڻ لنڊ درخواست ڏني آهي ته هن جو پيءُ نالي بخشڻ ولد جهندو لنڊ جيڪو فوت ٿي ويل آهن فوتي کي ديهه ڀاڏر ٽپو مٽي تعلقي بدين ۾ بلاڪ نمبر 1.2/ 37 مان ايراضي حصي موجب 3_13 ايڪڙ حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي کاتي لاءِ جلسي عام ڳوٺ حسين خان لنڊ تعلقو بدين ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري ٻن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتي جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتي بخشڻ ولد جهندو لنڊ جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 محمد عمر پٽ فوتي جو 2 مسمات حاجياڻي ڌيءُ فوتي جي 3 مسمات راڻي ڌيءُ فوتي جي جائز وارث ڇڏيا آهن تنهنڪري هر عام وخاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

بحڪم: مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

عام اطلاع

جيئن ته تاريخ 21 ڊسمبر بوقت رات 11 وڳي ڳوٺ هالا پراڻا کان واپس ايندي رستي ۾ منهنجو پرس ڪري گم ٿي ويو آهي جنهن جي ڪافي ڳولا ۽ پڇا ڳاڇا ڪرڻ باوجود هٿ نه اچي سگهيو آهي جڏهن ته منهنجي پرس ۾ 20 هزار روڪ رقم قومي شناختي ڪارڊ ۽ ڪجهه مختلف بينڪن جا چيڪ هر هڪ الائيڊ بينڪ چيڪ نمبر (1) 48164273 (2) 48164274 جاز بينڪ چيڪ نمبر 73368701 ۽ ميزان بينڪ چيڪ نمبر (1) D-43972833، (2) D-43972834، (3) D-43972835، (4) D-51698199، (5) D-51698202، جا ٽوٽل اٺ عدد چيڪ ان پرس ۾ مٿي ڄاڻايل رقم سميت ڪري گم ٿي ويا آهن هن عام اطلاع بعد مٿي ڄاڻايل چيڪن سان منهنجو ڪوبه تعلق نه آهي نه رهندو هي بيان منهنجو رڪارڊ تي رکيو وڃي ته جيئن وقت سر ڪم اچي سگهي.

راحب علي ميمڻ ولد عبدالرحيم ميمڻ رهندڙ محلا ٿلها هالا نوان تعلقا هالا ضلع مٽياري.
شناختي ڪارڊ نمبر: 41802-0588745-9
موبائل: 0307-3506450

لاتعلقي جو اظهار

آئون نالي غلام قادر ولد سومر ذات ملاح وينل ملاح محلا لڳ الحسيني امام بارگاهه سڳيون هن اشتهار ذريعي پنهنجي نافرمان پٽ روشن علي ملاح کان لاتعلقي جو اظهار ڪريان ٿو جيڪو ڪافي عرصي کان غلط صحبت ۾ اچي ويو آهي ۽ نشو واپرائڻ سان گڏ چورين ۽ ٻين غلط ڪارين ڪري رهيو آهي اڄ کان بعد سندس ڪنهن به ڏيتي ليتي يا ڪنهن ٻئي فعل سان منهنجو منهنجي پٽن ۽ ٻين فيملي ميمبرن جو ڪوبه تعلق نه آهي ان جو هو خود ذميوار آهي منهنجو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جيئن وقت سر ڪم اچي سگهي.

باران: غلام قادر عرف قادن ملاح ملاح محلا سڳيون
شناختي ڪارڊ نمبر: 45208-82033303

گمشدگي جو اطلاع

جيئن ته آئون نالي مريم خاتون زال قادر بخش چوهاڻ وينل محلا عثمان آباد سيٺارجا تعلقو ميرواهه ضلع خيرپور جيئن ته منهنجي مڙس قادر بخش چوهاڻ جي اسٽيٽ لائيف انشورنس ۾ پاليسي رکيل هئي جنهن جو فائل گم ٿي ويو آهي پاليسي نمبر RNL 5026503191 آهي جيڪو فائل ڪٿي گم ٿي ويو آهي هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي ته جيئن وقت سر ڪم اچي سگهي.

المشتهر: مريم خاتون زال قادر بخش چوهاڻ وينل محلا عثمان آباد سيٺارجا تعلقو ميرواهه ضلع خيرپور

لاتعلقي جواظهار

هرعام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته منهنجي ڌيءُ نالي فائزه ڌيءُ محمد علي عباسي عمر 22 سال پنهنجي مرضي سان شادي ڪئي آهي جنهن سبب پنهنجي مذڪوره ڄاڻايل ڌيءُ سان لاتعلقي جو اظهار ڪري رهيو آهيان ۽ ڪيس پنهنجي منقولا ۽ غير منقولا جائيداد کان پڻ عاق ڪري رهيو آهيان. اگر ڪو به شخص يا ادارو سندس سان ڪنهن به قسم جي ڏيتي ليتي ڪندو ته ان جو منهنجي فيملي سان ڪو به واسطو نه رهندو منهنجو ۽ منهنجي فيملي جو ان جي ڪنهن به قول فعل سان ڪنهن به قسم جو ڪو به واسطو نه آهي نه رهندو منهنجو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جيئن وقت ضرورت ڪم اچي سگهي.

محمد علي ولد چاند محمد عباسي رهندڙ گهر نمبر 2242 امريڪن ڪوارٽر لعل شهباز اسپتال لطيف آباد حيدرآباد

عام اطلاع

هرعام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته منهنجي ڪلائينٽ مرحوم محمد عباس ولد محمد يوسف جي پٽ نالي دانش ولد مرحوم محمد عباس جي دڪان نمبر 1655 وارڊ E واقع فقير جو پڙ حيدرآباد منهنجي ڪلائينٽ کي خبر ملي آهي ته ڪجهه جعلساز ماڻهو غيرقانوني طريقي سان دڪان جو کاتو پنهنجي نالي تبديل ڪرائي رهيا آهن ته اسان هن جا پيڇ پائر آهيون اگر ڪنهن به جعلسازي جي ذريعي ڪو به غلط ڪم ڪيو ته اهو پنهنجو نفي نقصان جو پاڻ ذميوار هوندو اسان ان جي خلاف سخت قانوني ڪاروائي ڪرڻ جامجاز هونداسين هن اشتهار ذريعي اطلاع ٿو ته ڪجي دڪان جي سٽي آهي سروي نمبر 1666 جنهن جو ڪيس 1986 کان هلندڙ آهي منهنجو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جيئن وقت ضرورت ڪم اچي

ايم تحسين قريشي لا ايسوسيئيٽ
موبائل نمبر 03003318218

تصحيح

بروز آچر 21 ڊسمبر 2025 جي اشاعت ۾ عام اطلاع ۾ اشتهار ڏيندڙ جو نالو غلطي سان محمد فضل خان لکجي ويو آهي جنهن کي درست ڪري محمد فضيل خان لکيو ۽ پڙهيو وڃي

آهي ته احتجاجي تحريڪ بابت عمران خان جي هدايت ئي حتمي هوندي ۽ انهي تي عمل ڪيو ويندو ٻئي طرف وزيراعظم شهباز شريف جي ويجهن ذريعن جو چوڻ حوالي سان رابطو ڪرڻ تي پي ٽي آءِ جي سيڪريٽري اطلاعات شيخ وقاص اڪرم چيو ته احتجاجي تحريڪ جي پاليسي سڌو سنئون پارٽي قائد عمران خان طرفان آئي آهي انهي ڪري اهائي لاڳو ٿيندي هن چيو ته محمود خان اڇڪزئي ڳالهين سميت پنهنجون سياسي سرگرميون جاري رکي سگهن ٿا پر پي ٽي آءِ قيادت عمران خان جي تازي هدايتن جي پابند آهي شيخ وقاص اڪرم موجب عمران خان خيبرپختونخواهه جي وڏي وزير کي هدايت ڏني آهي ته اهو قانون جي حڪمراني ۽ آئين جي بالادستي لاءِ احتجاجي تحريڪ جي تياري ڪري اپوزيشن اتحاد طرفان گذريل ڏينهن منعقد ڪيل قومي ڪانفرنس ۾ اتحاد جي سربراهه محمود خان اڇڪزئي چيو هو ته آئين کي ٽڪرن ۾ تبديل ڪيو ويو آهي انهي نازڪ مرحلي تي هن اڳوڻي وزيراعظم نوازشريف ۽ جمعيت علماءِ اسلام جي سربراهه مولانا فضل الرحمان کي اپيل ڪئي آهي ته اهو اڳيان اچي ۽ ملڪ کي بحران مان ڪڍڻ لاءِ ڳالهين جي شروعات ڪري انهي ڏينهن عمران خان طرفان ايڪس تي جاري بيان ۾ نه صرف فيلڊ مارشل کي تنقيد جو نشانو بنايو ويو پر خيبرپختونخواهه جي وڏي وزير سهيل آفريدي کي احتجاجي تحريڪ جي هدايت به ڏني وئي انهي حوالي سان نجي چينل سان ڳالهيون ڪندي پي ٽي آءِ جي سيڪريٽري اطلاعات واضح ڪيو ته پارٽي عمران خان جي پاليسي لائن تي ئي هلندي، شيخ وقاص اڪرم سان رابطو ڪري اهو ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته پي ٽي آءِ جي حتمي پاليسي ڪهڙي آهي ۽ پارٽي اڇڪزئي جي موقف تي عمل ڪندي يا عمران خان جي هدايت تي ٻئي طرف وزيراعظم جي ويجهي هڪ سينئر ذريعي کان جڏهن کان اها ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته حڪومت محمود خان اڇڪزئي جي ڳالهين جي آڇ تي ڪهڙو رد عمل ڏيندي ته هن چيو ته 9 مئي جي سنگين ڏوهن ۽ پارٽي جي باني چيئرمين عمران خان طرفان جاري فوج مخالف مهم کي نظرانداز ڪندي پي ٽي آءِ سان معنيٰ جوڳيون ڳالهيون ڪيئن ممڪن آهن؟ ذريعن موجب شهباز شريف حڪومت جو موقف آهي ته اظهار ندامت يا معذرت کان سواءِ ڳالهيون ممڪن نه آهن هن چيو ته اهڙن ماڻهن فوجي ٺڪاڻن تي حملا ڪيا، شهيدن جو مذاق اڏايو فوج ۽ انهي جي اعليٰ قيادت خلاف ڪردار ڪشي جي مهم هلائي اهڙين حالتن ۾ ڪنهن به قسم جون ڳالهيون ٿيون ٿي سگهن

مارشل سيد عاصم منير مملڪت سعودي عرب جي سرڪاري دوري دوران سعودي عرب جي دفاع واري وزير شهزاده خالد بن سلمان عبدالعزيز آل سعود سان ملاقات ڪئي. گذريل ڏينهن پاڪ فوج جي سڌ سماءَ واري شعبي (آءِ ايس پي آر) مطابق ملاقات دوران گڏيل دلچسپي جي معاملن بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي جنهن ۾ علائقائي سلامتي جي صورتحال، دفاعي ۽ عسڪري سهڪار، اسٽريٽيجڪ حصيداري واري عمل ۽ بدلجندڙ جيو اسٽريٽيجڪ چئلينجز شامل هئا. ان موقعي تي پاڪستان ۽ سعودي عرب وچ ۾ موجود تاريخي ۽ پائيدار لاڳاپن جي هڪ ڀيرو ٻيهر تصديق ڪئي وئي خادم الحرمين الشريفين شاهه سلمان بن عبدالعزيز آل سعود جي جاري ڪيل شاهي فرمان تحت فيلڊ مارشل سيد عاصم منير کي مملڪت سعودي عرب جي اعليٰ ترين قومي اعزاز ڪنگ عبدالعزيز ميڊل (اعليٰ درجو) به عطا ڪيو ويو اهو اعزاز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي شاندار عسڪري خدمتن ۽ قيادت، پاڪستان ۽ سعودي عرب وچ ۾ دفاعي سهڪار اسٽريٽيجڪ هم آهنگي ۽ ادارتي رابطن کي هٿي وٺرائڻ ۾ اهم ڪردار جو اعتراف ڪري ٿو اهو اعزاز علائقائي امن ۽ استحڪام لاءِ سندس خدمتن خاص طور دهشتگردي جي روڪٿام ۽ سلامتي جي شعبن ۾ مسلسل سهڪار جي عڪاسي به ڪري ٿو سعودي عرب جي قيادت فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي پيشيوراڻين صلاحيتن ۽ اسٽريٽيجڪ ويزن کي ساراهيندي ٻنهي ملڪن جي پراڻن پائيدار لاڳاپن کي مضبوط بڻائڻ لاءِ سندس عزم جي تعريف ڪئي. فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ان موقعي تي خادم الحرمين الشريفين ۽ سعودي قيادت پاران اهو اعزاز ڏيڻ تي شڪريو ادا ڪندي ان کي پاڪستان ۽ سعودي عرب وچ ۾ مضبوط ۽ پائيدار لاڳاپن جي علامت قرار ڏنو هن مملڪت سعودي عرب جي سلامتي، استحڪام ۽ خوشحالي لاءِ پاڪستان جي عزم جو ورجاءُ ڪيو ڪنگ عبدالعزيز ميڊل (اعليٰ درجي) جي اها اعزازي تقريب پاڪستان ۽ سعودي عرب جي لاڳاپن جي گهرائي ۽ علائقائي ۽ عالمي امن کي هٿي ڏيڻ لاءِ ٻنهي ملڪن جي گڏيل عزم جي عڪاسي آهي

اسان دفاعي قوت کي سياسي قوت جي طور تي نه پر دفاع جي لحاظ کان مضبوط ڏسڻ چاهيون ٿا اهو دفاعي قوتن جو حق آهي ته سياسي قوت جي طور تي مضبوط هجي، عوام ۽ سياستدانن جو حق نه. فلسطيني فوج کي ڪڏهن به نه موڪليو وڃي هن اهو اظهار ڪراچي ۾ سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري سان گڏ صحافين سان ڳالهائيندي ڪيو سنڌ جي گورنر فضل الرحمان کي اعزازي ڊگري ڏني مولانا فضل الرحمان چيو ته اسان پنهنجي روايتن کي بچائڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهيون هڪ ٻئي جو احترام ڪرڻ اسان جي روايت آهي اعزازي ڊگري لاءِ شڪريو پر مان مولانا سڏجڻ چاهيان ٿو ڪا به افغان حڪومت ڪڏهن به پاڪستان جي دوست نه رهي آهي هن چيو ته اڄ جي افغانستان جي تناظر ۾ اهو نه ڏسڻ گهرجي ته ڪجهه ماڻهو اُتان کان آيا ۽ ڪارروائي ڪئي ۽ هليا ويا اسان کي 78 سالن جي افغان پاليسي تي ڳالهائڻ گهرجي افغانستان ڪڏهن به پاڪستان جو دوست نه رهيو آهي ڇا اسان جي افغان پاليسي ۾ ناڪامي ناهي؟ ظاهر شاهه کان وٺي اشرف غني تائين اسان کي ڪا افغان دوست حڪومت نه ملي آهي ان جو سبب ڇا آهي؟ جيڪڏهن اسان پنهنجو بيان تيار ڪريون ٿا، ته اسان انهن تي الزام لڳائينداسين. پر اسان کي پنهنجي دلين ۾ به ڏسڻ گهرجي ته ڇا اهو اسان جي افغان پاليسي جي ناڪامي ناهي؟ اسان کي ان تي به بحث ڪرڻ گهرجي. تازين ترميمن ۾، ڪيترائي قانون منظور ڪيا ويا آهن جيڪي قرآن ۽ سنت جي خلاف آهن مولانا فضل الرحمان چيو ته پاڪستان جو آئين چوي ٿو ته آئين ڏاهڻ قرآن ۽ سنت کان انحراف ۾ نه ڪيو ويندو پر اسان تازين ترميمن ۾ ڪيترائي قانون منظور ڪيا آهن ڇا اهو 18 سالن کان گهٽ عمر جي شادي جو بل هجي، گهريلو تشدد جو بل هجي يا ٽرانس جينڊر ايڪٽ، اسان قرآن ۽ سنت کي پوئتي ڇڏي ڏنو ۽ صرف گڏيل قومن جي صلاح تي قانون سازي ڪئي. اڃو ته هن مسئلي تي ڳالهايون اسان ڳالهائڻ لاءِ تيار آهيون جيڪڏهن توهان معين درجه بندي ۾ آهيو ته پوءِ صرف مذهبي ادارا شامل آهن هن چيو ته جڏهن توهان هڪ طرفي طور تي ڪنهن اداري خلاف اهڙو رويو اختيار ڪندا آهيو ته اهو پنهنجي سيڪيورٽي بابت پريشان ٿي ويندو آهي. ته پوءِ مذهبي ادارا ۾ هڪ ادارو آهن جيڪڏهن توهان عالمي درجه بندي تي وڃو ٿا ته توهان عدليه، واپار سميت هر شعبي ۾ پوئتي آهيو ۽ جيڪڏهن توهان معين درجه بندي ۾ آهيو ته پوءِ توهان صرف مذهبي علوم جي ميدان ۾ آهيو ان جي تعريف ڪرڻ گهرجي اسان دفاعي قوت کي سياسي طور تي نه پر دفاع جي خاطر مضبوط ڏسڻ چاهيون ٿا

۽ سلامتي لاءِ دعا ڪئي ايوان صدر جي پريس ونگ پاران سومر ڏينهن جاري ڪيل بيان موجب صدر آصف علي زرداري ڪاظميه مقدس ۾ امام موسيٰ الڪاظم ؑ ۽ امام محمد التقي الجواد ؑ جي روضن تي حاضري ڀري صدر روضه ڪاظميه تي مسلمان امت جي امن اتحاد ۽ سلامتي لاءِ دعا گهري ۽ اتي زائرين جي ڪتاب ۾ پنهنجا تاثرات پڻ قلمبند ڪيا صدر آئمه اهلبيت ؑ جي تعليمات کي علم، صبر، حڪمت ۽ اخلاقي طاقت جو مستقل سرچشمو قرار ڏنو صدر حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني جي مزار تي فاتحه خواني ڪئي ۽ امام اعظم ابو حنيفه ؒ جي مزار تي پڻ حاضري ڀري صدر آصف علي زرداري سيني مزارن جي منتظمين ۽ خطيبن سان پڻ ملاقاتون ڪيون صدر آصف علي زرداري نجف پهچي ويو نجف ايئرپورٽ تي گورنر يوسف بيگ ڪناوي صدر جو استقبال

نوشڪي ۾ ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، فائرنگ ۾ 3 ڀائرن سميت 4 ڄڻا قتل

ڪلي قادرآباد ۾ معمولي تڪرار تي جهيڙي سبب ڌرين ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ

نوشڪي (اي پي پي) نوشڪي جي علائقي ڪلي قادرآباد ۾ معمولي تڪرار تي جهيڙي سبب 3 ڀائرن سميت 4 ڄڻا قتل ٿي ويا. نوشڪي ۾ ٻن ڌرين وچ ۾ فائرنگ سبب 3 ڀائر بابو علم خان بيبرگ خان ذوالقرنين پٽ دينار خان باديني جڏهن ته ٻي ڌر مان سهيل احمد پٽ محمد ايوب باديني قتل ٿي ويا آهن پوليس ذريعن مطابق ڌرين وچ ۾ جهيڙي جو سبب خالي دڪان کي ڪرائي تي وٺڻ آهي

ڪشميري پاڪستان جي نظرياتي سرحدن جا محافظ آهن: انجنيئر امير مقام

آزاد ڪشمير ۾ مسلم ليگ (ن) کي مضبوط ۽ منظم ڏسي خوشي ٿي رهي آهي

اسان جي پهرين ترجيح آهي، ڪشمير جي عوام کي ڪڏهن مايوس ٿيڻ نه ڏينداسين

اسلام آباد (اي پي پي) ڪشمير ۽ گلگت بلتستان ۽ سيفران واري وفاقي وزير انجنيئر امير مقام ڀارت جي آبي اڳرائيءَ کي سخت مذمت ڪندي چيو آهي ته پاڪستان آخري حد تائين وڃڻ لاءِ تيار آهي، ڪشميري پاڪستان جي نظرياتي سرحدن جا محافظ آهن آزاد ڪشمير ۾ مسلم ليگ (ن) کي مضبوط ۽ منظم ڏسي خوشي ٿي آهي. ڪالهه اسلام آباد ۾ مسلم ليگ (ن) آزاد ڪشمير جي مرڪزي قيادت سان گڏ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي انجنيئر امير مقام چيو ته ماضيءَ ۾ جيڪو ٿيو اهو گذري ويو هاڻ اسان هڪ آهيون اسان جو قائد نواز شريف آهي، ڪشمير جو مسئلو اسان جي پهرين ترجيح آهي، ڪشمير جي عوام کي ڪڏهن مايوس ٿيڻ نه ڏينداسين، ڪشميري پاڪستان جي نظرياتي سرحدن جا محافظ آهن فرنٽ لائن تي جميل آهيون امير مقام چيو ته ڪشمير جو ڪيس حق جي ويڙهه ڪانپوءِ پهريون ڀيرو واضح ٿيو آهي هن چيو ته آزاد ڪشمير ۾ مسلم ليگ (ن) کي مضبوط ۽ منظم ڏسي خوشي ٿي آهي وفاقي وزير چيو ته پارٽي ۽ قيادت طرفان سردار مير اڪبر کي پليڪار چئون ٿا، اسان سڀ هڪ آهيون اسان جو قائد ميان محمد نواز شريف آهي جيڪڏهن ڪشمير جي عوام مينڊيٽ ڏنو ته (ن) ليگ ڪين مايوس نه ڪندي هن چيو ته ڪشمير جي حوالي سان (ن) ليگ جي پاليسي سڀني آڏو آهي، ڪشميري بنا پگهار جي پاڪستان جا محافظ آهن ڪنهن به منصوبي ۾ ڪشميري عوام پوئتي ناهي رهيو هن چيو ته ڪشميري سالن کان ڀارت خلاف جدوجهد ۾ مصروف آهن دنيا چاهي ته هاڻ اهو مسئلو حل ٿئي ان موقعي تي پي ٽي آءِ آزاد ڪشمير جي اسيمبلي ميمبر سردار مير اڪبر خان (ن) ليگ ۾ شامل ٿيو سردار مير اڪبر خان (ن) ليگ ۾ شموليت تي باضابطه تقريب منعقد ٿي ان موقعي تي آزاد ڪشمير جي اڳوڻي وزيراعظم راجا فاروق خان پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو ته سردار مير اڪبر کي (ن) ليگ ۾ پليڪار چئون ٿا، مير اڪبر اسان سان ئي گڏ هو مير اڪبر خان جي شموليت سان باغ ضلعي ۾ پارٽي مضبوط ٿيندي هن چيو ته ايندڙ چونڊن ۾ آزاد ڪشمير ۾ (ن) ليگ جي حڪومت هوندي

وس هلي ها ته اوهان آئين کي به معطل ڪري ڇڏيو ها. لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ پنجاب پراپرٽي آنرشپ آرڊيننس خلاف داخل درخواستن تي ٻڌڻي ٿي، چيف جسٽس لاهور هاءِ ڪورٽ جسٽس عاليا نيلم کي عابده پروين سميت ٻين درخواستن تي ٻڌڻي ٿي، عدالت پنجاب پراپرٽي آنرشپ آرڊيننس تي عملدرآمد روڪي ڇڏيو. عدالت سمورين درخواستن تي اعتراض ختم ڪري فل بينچ جوڙڻ جي سفارش ڪري ڇڏي، عدالت پراپرٽي آنرشپ آرڊيننس تحت ڏنل قبضن کي واپس ڪري ڇڏيو عدالتي حڪم تي چيف سيڪريٽري عدالت ۾ روبرو پيش ٿيو چيف جسٽس عاليا نيلم چيو ته حڪومت کي ٻڌايو ته هي قانون رهجي ويو ته جاتي امرا به اڌ ڪلاڪ ۾ اوهان جي هٿن مان نڪري ويندو چيف سيڪريٽري صاحب لڳي ٿو ته اوهان هي قانون نه پڙهيو آهي، لڳي ٿو ته ڪجهه ماڻهن جي خواهش آهي ته انهن کي سمورا اختيار ڏنا وڃن پر هي قانون بڻيو ڇو آهي ان جو مقصد ڇا آهي افسوس آهي ته جيڪڏهن ڪي سي اوهان جي گهر جو قبضو ڪنهن ٻئي کي ڏئي ڇڏي ته اوهان وٽ اپيل جو ڪو حق نه هوندو اوهان جو قانون چئي ٿو ته هاءِ ڪورٽ معاملي تي اسٽي آرڊر به نٿي ڏئي سگهي، قانون موجب جنهن شڪايت ڪئي اهو ئي درخواستگذار هوندو ڇا هتي جعلي رجسٽريون ۽ جعلي دستاويز ناهن ٺاهيا ويندا؟

جي جنرل اسٽاف جي آپريشنل ٽريننگ ڊائريڪٽوريٽ جو سربراهه ليفٽيننٽ جنرل فانيل سرواروف مارجي ويو آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق ٻڌايو ويو آهي ته هڪ ڪار ۾ رکيل بم جي ڌماڪي ۾ ليفٽيننٽ جنرل فانيل سرواروف سخت زخمي ٿي پيو جيڪو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو ان حوالي سان مختلف رخن کان جاچ جاري آهي جنهن ۾ هڪ امڪان اهو به آهي ته ان ڪارروائي ۾ يوڪرين جو هٿ هجي

حقن جي تحفظ، جامع ۽ هم آهنگ معاشري جي قيام لاءِ پرعزم آهي هن اها ڳالهه گذريل ڏينهن ناڻي واري وزارت جي سينيئر عملدارن سان فنانس ڊويزن جي مسيحي برادريءَ سان تعلق رکندڙ عملي سان ڪرسمس جي تقريب ۾ شرڪت جي موقعي تي خطاب ڪندي چئي ان موقعي تي هن مذهبي هم آهنگي رواداري ۽ شموليت لاءِ پاڪستان حڪومت جي عزم جو ورجاءُ ڪيو وفاقي وزير مسيحي برادري کي ڪرسمس جي مبارڪون پيش ڪيون ۽ امن همدردي ۽ گڏيل احترام جهڙن قدرن جي اهميت تي زور ڀريو هن چيو ته اهي قدر پاڪستاني معاشري جو بنياد ۽ مختلف مذهبن کي مڃيندڙن وچ ۾ هم آهنگي کي هٿي ڏين ٿا ناڻي واري وزير ان ڳالهه جو ورجاءُ ڪيو ته پاڪستان جو آئين سمورن شهرين کي بنا فرق جي برابريءَ جي حقن جي ضمانت ڏئي ٿو ۽ حڪومت ملڪ ۾ اقليتن جي حقن جي تحفظ ۽ جامع ۽ هم آهنگ معاشري جي قيام لاءِ پرعزم آهي ناڻي واري وزير ان موقعي تي ڪرسمس جو ڪيڪ به ڪٽيو

شاهه ايم اين ملڪ اسد سڪندر ملڪ سڪندر حيدرآباد جو ڪمشنر فياض حسين عباسي، ڄامشوري جو ڊي سي غضنفر قادري، ڪيڊٽس جا والدين ۽ ڪيڊٽس وڏي انگ ۾ شريڪ هئا. مهمان خاص بلاول ڀٽو زرداري کي ڪيڊٽس پاران گارڊ آف آنر پيش ڪيو ويو آهي تقريب ۾ ڪيڊٽس طرفان پي ٽي شو جمناسٽڪ ۽ گهوڙي سواري سوڊر ٻين مهارتن جو مظاهرو ڪيو ويو پرنسپل ڪموڊور فيصل اقبال قاضي پاران تقريب ۾ ساليانو رپورٽ پيش ڪئي وئي. بلاول ڀٽو زرداري پرنسپال ڪيڊٽ ڪاليج سان گڏجي پريڊ جو معائنو ڪيو ۽ فيڪلٽي سان ملاقات ڪئي. پرنسپال پاران فيڪلٽي جو تعارف ڪرايو ويو. تقريب دوران پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري بهترين ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندڙ شاگردن ۾ انعام پڻ ورهايا ان موقعي تي خطاب ڪندي پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ڪيڊٽ ڪاليج اسان کي سيکاريو ويندو آهي ته ڪمال ۽ ترقي وڙهي ۾ نه ملندي آهي هي ادارو منهنجي خاندان بلاول ڀٽو لاءِ پڻ ذاتي اهميت رکي ٿو منهنجو پيءُ آصف علي زرداري به هڪ ڀيرو ساڳئي جاءِ تي بيٺو هو جتي توهان اڄ بيٺا آهيون جنهن کي ٻه ڀيرا صدر چونڊجڻ جو اعزاز حاصل هو ڪيڊٽ ڪاليج اهڙي تعليم ۽ تربيت فراهم ڪري ٿو جيڪا توهان جي مستقبل کي سنواريندي جيئوٽيڪ منهنجو پيءُ ٻه ڀيرا صدر چونڊيو ويو هو پر هن کي پاڪستان ۾ سياسي قيدي طور تي تيرهن سال گذارڻ جو منفرد اعزاز پڻ حاصل آهي مون کي پڪ آهي ته ڪيڊٽ ڪاليج پٽارو ۾ سکيل ثابت قدمي ۽ همت هن کي پنهنجي زندگي جي ڏکين دورن ۾ ثابت قدم رکيو هتي شاگردن کي سيکاريو ويندو آهي ته نظم و ضبط سزا نه پر آزادي آهي توهان جيڪو وردي پائي هئي اها توهان کي ٻين کان مٿي بلند ڪرڻ لاءِ نه هئي پر توهان کي ياد ڏيارڻ لاءِ هئي ته قيادت مراعات کان وڌيڪ بار آهي اڄ پاڪستان هڪ اهڙي موڙ تي بيٺو آهي جيڪو هر نسل اڳ ڏٺو آهي اسان معاشي دٻاءُ علائقائي غير يقيني صورتحال ۽ تيزي سان بدلجندڙ دنيا جهڙن چئلينجن کي منهن ڏئي رهيا آهيون پر مان پوري اعتماد سان چوان ٿو ته پاڪستان ۾ ڪڏهن به همت جي کوٽ نه رهي آهي مزاحمت جي ڪڏهن به گهٽتائي نه رهي آهي ۽ جڏهن قوم متحد هئي پاڪستان ڪڏهن به ناڪام نه ٿيو آهي اسان جي هٿيار بند فوجن هڪ ڀيرو ٻيهر هن حقيقت کي ثابت ڪيو آهي پيشه ورانه تياري ۽ متحد قيادت ذريعي پاڪستان پنهنجي خودمختياري جو دفاع ڪيو ۽ هڪ واضح فوجي فتح حاصل ڪئي هي فتح صرف فوجي نه پر اخلاقي پڻ هئي پاڪستان فوج دنيا کي ياد ڏياريو ته پاڪستان آزمائش جي وقت ۾ مضبوط، منظم ۽ پرعزم آهي پ پ چيئرمين اسان کي هڪ ٻي اهم ڳالهه به ياد رکڻ گهرجي ته قومن جي طاقت صرف هٿيارن سان نه پر ڪردار سان ماپي ويندي آهي سڀاڻي جو پاڪستان انهن ماڻهن جي تعمير ٿيندو جيڪي شارٽ ڪٽ جي بدران ايمانداري، ذاتي مفاد جي بدران خدمت ۽ سهولت جي بدران جرئت کي ترجيح ڏين ٿا توهان مان ڪجهه هٿيار بند فوج جي وردي پائيندا ڪجهه ڪلاس رومن ليبارٽرين عدالتن بورڊ رومز ۽ سرڪاري ادارن ۾ ملڪ جي خدمت ڪندا توهان جا رستا مختلف

پيشو ناهي اهو زندگي ڀر جي وابستگي آهي پاڪستان ۾ قابليت جي کوٽ ناهي مسئلو تڏهن پيدا ٿئي ٿو جڏهن قابليت پنهنجو مقصد وساري ڇڏي ٿي مان توهان کي گذارش ڪريان ٿو ته ڪڏهن به ڪاميابي کي پنهنجو واحد مقصد نه بڻايو ڪاميابي توهان کي عاجزي کان پري نه ڪري ۽ نه ئي توهان جي ضمير جي آواز کي خاموش ڪري غرور سان نه پر مثال سان اڳواڻي ڪريو شور سان نه پر عزم سان ڪريو سنڌ هميشه پاڪستان جي ڪهاڻي جو دل رهي آهي مان دعا ڪريان ٿو ته سنڌ هن ملڪ کي اهڙا اڳواڻ ڏئي جيڪي اصولن سان وابسته آهن جڏهن توهان اڄ هن پريڊ گرائونڊ مان زندگي ۾ قدم رکو ٿا ته اهي سچائيون پاڻ سان گڏ کڻي وڃو ڪيڊٽس کي بلاول ڀٽو جي صلاح ڏني ته جڏهن رستو صاف نه هجي، ته ايمانداري چونڊيو جڏهن دٻاءُ وڌيڪ هجي، ته نظم و ضبط تي ڀروسو ڪريو ۽ جڏهن وطن سڏي، ته همت سان جواب ڏيو الله توهان جي عملن کي توهان جي والدين ۽ استادن لاءِ فخر جو ذريعو بڻائي الله توهان جي قيادت کي پاڪستان کي مضبوط ڪري ۽ هميشه ياد رکو ته سڀ کان وڏو مقام جيڪو توهان حاصل ڪري سگهو ٿا اهو آهي پاڪستان جي ماڻهن جو خادم بڻجڻ آهي

جائزو ورتو ويو. اجلاس وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيو جنهن مضبوط ۽ شموليتي ٿي ٻڌل سنڌ لاءِ جامع ويزن پيش ڪيو ويو جنهن تحت مجموعي طور 1018 ارب رپين جي ترقياتي حجم جو تعين ڪيو ويو آهي. اجلاس ۾ صوبائي وزير پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ جام خان شورو، صوبائي وزير ورڪس حاجي علي حسن زرداري، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، چيئرمين پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ نجم شاهه، وزيراعليٰ جو سيڪريٽري رحيم شيخ سيڪريٽري ناڻو فياض جتوئي، سيڪريٽري ورڪس نواز سوهو ۽ ٻيا اعليٰ عملدار شريڪ ٿيا. انفراسٽرڪچر ويزن ۽ انفراسٽرڪچر جي مضبوطي: پنهنجو ويزن بيان ڪندي وڏي وزير چيو ته ترقياتي حڪمت عملي 2025-26 موسمي تبديليءَ سان هم آهنگ انفراسٽرڪچر عمارتن روڊن ۽ رهائشي منصوبن تي مرڪوز آهي. هن پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ کاتي کي هدايت ڪئي ته اهڙن منصوبن کي ترجيح ڏني وڃي جيڪي موسمي لچڪ وڌائڻ ۽ يقيني بڻايو وڃي ته سڀ نوان منصوبا شديد موسمي حالتن کي منهن ڏيڻ جي سگهه رکن. هن لاڳاپيل کاتن کي پڻ هدايت ڪئي ته منصوبابندي ۽ منظوري جي مرحلن ۾ آفتن جي خطري کي شامل ڪيو وڃي. وڏي وزير چيو ته اسان جي ترقياتي حڪمت عملي جو بنيادي محور موسمي طور مضبوط انفراسٽرڪچر تيز رفتار ٻوڏ بحالي ۽ شموليت تي ٻڌل ترقي آهي. مان چاهيان ٿو ته ترقي تي خرچ ٿيندڙ هر رپيو غربت ۾ گهٽتائي ۽ پائيدار ترقي جي هدفن جي حاصلات ۾ ڪردار ادا ڪري. هن چيو ته ٻوڏ متاثر علائقن جي بحاليءَ ۾ متاثر ٿيل تعليمي ۽ صحت ادارن جي بحالي شامل هوندي جڏهن ته بهتر رابطن سان وڏا شهر ڳنڍيا ۽ شهري مرڪزن ۾ ماس ٽرانزٽ نظام کي هٿي ملندي. هن زور ڏنو ته غربت ۾ گهٽتائي ۽ شموليت تي ٻڌل ترقي سڀني کاتن جي گڏيل ترجيح هئڻ گهرجي. ساليانو ترقياتي پروگرام 2025-26: وڏي وزير مراد علي شاهه ٻڌايو ته سنڌ حڪومت ساليانو ترقياتي پروگرام 2025-26 تحت مختلف اهم شعبن لاءِ مجموعي طور 520 ارب رپيا رکيا آهن. روڊن جو انفراسٽرڪچر: اجلاس کي آگاهه ڪيو ويو ته روڊن جي انفراسٽرڪچر لاءِ 582 ارب رپين جو وڏو منصوبو تيار ڪيو ويو آهي جنهن ۾ ٻوڏ بحالي ۽ ٻين وڏن منصوبن تحت 970 ڪلوميٽر روڊن جي تعمير ۽ بحالي شامل آهي جن ۾ سنڌ ڪوسٽل هاءِ وي پڻ شامل آهي. ڪراچي لاءِ مخصوص روڊ منصوبن تي 194 ارب رپيا رکيا ويا آهن جن ۾ شاهراهه ڀٽو ڪوريڊور، مليرندي پل ۽ مختلف انڊرپاسز ۽ فلاءِ اوورز شامل آهن. جن جو مقصد ٽريفڪ جو دٻاءُ گهٽائڻ آهي. وڏي وزير ورڪس اينڊ سروسز کاتي کي هدايت ڪئي ته ڪراچي جي اهم روڊ منصوبن تي ڪم تيزيءَ سان مڪمل ڪيو وڃي ۽ معيار ۽ مقرر مدت تي سختي سان عمل ڪيو وڃي. هن خبردار ڪيو ته دير ۽ ناقص ڪم هرگز برداشت نه ڪيو ويندو. چيئرمين پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ نجم شاهه بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته سڀني وڏن روڊ منصوبن خاص طور ڪراچي ۽ ٻوڏ متاثر ضلعن ۾، جسماني ۽ مالي اڳڀرائي جي نگراني لاءِ مانيٽرنگ نظام وڌيڪ مضبوط ڪيو پيو وڃي. تعليم: تعليم جي شعبي ۾ 340 ارب رپين جي سيڙپڪاري واري منصوبي جي منظوري ڏني وئي آهي جنهن تحت ٻوڏ متاثر 1600 سيڪنڊري اسڪولن جي ٻيهر تعمير 9 نون ڪيڊٽ ڪاليجن جو قيام ۽ سکر ۾ عورتن جي يونيورسٽي جو قيام شامل آهي. وڏي وزير اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي کاتي کي هدايت ڪئي ته ٻوڏ متاثر علائقن ۾ اسڪولن جي بحالي جو ڪم ترجيحي بنيادن تي مڪمل ڪيو وڃي ته جيئن ٻار تعليم کان محروم نه ٿين. هن نون منصوبن ۾ ڇوڪرين جي تعليم تي خاص ڌيان ڏيڻ جي به هدايت ڪئي. صحت: صحت جي شعبي لاءِ 300 ارب رپيا رکيا ويا آهن جن تحت 9 ڊسٽرڪٽ هيڊڪوارٽر اسپتالن جي واڌ ۽ ڪراچي، حيدرآباد ۽ ٻين وڏن شهرن ۾ ميڊيڪل ڪاليج قائم ڪيا ويندا. ان کان علاوه 146.9 ارب رپيا گرانٽس اِن ايڊ طور رکيا ويا آهن ته جيئن ايس آءِ يو ٽي اين آءِ سي وي ڊي ۽ انڊس اسپتال جهڙن ادارن جي ڪارڪردگي برقرار رهي. پاڻي صفائي ۽ صحت: پاڻي صفائي ۽ نيڪال جي شعبي لاءِ 930 ارب رپين کان وڌيڪ سيڙپڪاري جو منصوبو آهي. جنهن ۾ ڪراچي لاءِ ڪي-فور واٽر سپلاءِ منصوبو (136.9 ارب رپيا) ۽ حب ڪينال منصوبو شامل آهي. توانائي ۽ ٽرانسپورٽ: حڪمت عملي ۾ توانائي لاءِ 69.97 ارب رپين جو پيڪيج شامل آهي جڏهن ته ٽرانسپورٽ لاءِ 155.34 ارب رپين جا ريڊ، ييلو ۽ اورنج لائين بي آر ٽي منصوبا شامل آهن. دنيا جو سڀ کان وڏو هائوسنگ منصوبو: سنڌ پيپلز هائوسنگ فار فلڊ افيڪٽيز منصوبو صوبائي ايجنڊا جو اهم ستون آهي جنهن جو مقصد 2022 جي ٻوڏ کان متاثر 21 لک گهرن جي بحالي آهي. هيئنر تائين 20 لک گهرن جي تصديق ۽ لڳ ڀڳ 14 لک ادائيگيون مڪمل ٿي چڪيون آهن. جدت تي ٻڌل فنانسنگ ۽ عالمي ڀائيوارين: وڏي وزير کي ڊيلٽا بليو ڪاربن منصوبي بابت آگاهه ڪيو ويو جنهن مان ساليانو 15 کان 20 ملين ڊالر آمدني جي اميد آهي. ان کان علاوه عالمي ترقياتي ڀائيوارن طرفان فارن پروجيڪٽ اسسٽنس تحت 1557.65 ارب رپين جي سهائتا فراهم ڪئي وئي

وزيراعظم جي بجلي جي ويلنگ چارجز مناسب سطح تي آڻڻ لاءِ سفارشون پيش ڪرڻ جي هدايت

اجلاس ۾ وزيراعظم کي معاشي ترقي لاءِ توانائي جي شعبي ۾ سڌارن جي حوالي سان سفارشون پيش

صنعتن کي علائقائي ڇناپيٽي اگهن تي بجلي جي فراهمي جي لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهيون: وزيراعظم

مختلف ورڪنگ گروپس جون سفارشون مڪمل ٿيڻ کانپوءِ معيشت جي ترقي جو قومي پروگرام جوڙيو ويندو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف پاور ڊويزن کي بجلي جي ويلنگ چارجز کي مناسب سطح تي آڻڻ جي لاءِ ڌرين جي مشاورت سان سفارشون پيش ڪرڻ جي هدايت ڪندي چيو آهي ته بجلي جي ڀهچ جي نظام کي بهتر ڪرڻ جي لاءِ سمورو ڌيان ڏنو آهي، صنعتن کي علائقائي ڇناپيٽي اگهن تي بجلي جي فراهمي جي لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهيون اهڙن خيالن جو اظهار هن معاشي ترقي جي لاءِ توانائي جي شعبي جي حوالي سان جوڙيل نجي شعبي جي ورڪنگ گروپ جي اجلاس کي خطاب ڪندي ڪيو جيڪو وزيراعظم جي صدارت ۾ ڪالهه سومر ڏينهن ٿيو. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب اجلاس ۾ وزيراعظم کي معاشي ترقي جي لاءِ توانائي جي شعبي ۾ سڌارن جي حوالي سان سفارشون پيش ڪيون ويون وزيراعظم پاور ڊويزن واري وزير کي بجلي جي ويلنگ چارجز کي مناسب سطح تي آڻڻ جي لاءِ ڌرين جي مشاورت سان سفارشون پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي هن چيو ته ٻين شعبن ۾ ناهيل مختلف ورڪنگ گروپس جون سفارشون مڪمل ٿيڻ کانپوءِ معيشت جي ترقي جو قومي پروگرام جوڙيو ويندو بجلي جي ڀهچ جي نظام کي بهتر ڪرڻ جي لاءِ حڪومت سمورون ڌيان ڏنو آهي. هن چيو ته حڪومت جي ڀرپور ڪوشش آهي ته صنعتن کي علائقائي ڇناپيٽي اگهن تي بجلي ملي. وزيراعظم محمد شهباز شريف شهزاد سليم جي سربراهي ۾ نجي شعبي سان مشاورت جي لاءِ ناهيل توانائي واري ڪميٽي جي محنت ۽ ڪوشش کي ساراهيو اجلاس ۾ ٽيرف اسٽرڪچر، بجلي جي ڀهچ جي حوالي سان مشڪلاتن مناسب اگهن ۽ بجلي جي شعبي سان لاڳاپيل ٻين معاملن تي سفارشون پيش ڪيون ويون اجلاس کي بجلي جي ٽرانسميشن ۽ وولٽيج جي نظام کي اعتماد جوڳو بڻائڻ جي حوالي سان پڻ سفارشون پيش ڪيون ويون. اجلاس ۾ موسمياتي تبديلي واري وفاقي وزير مصدق ملڪ اقتصادي معاملن واري وفاقي وزير احد خان چيمه، ناڻي ۽ اوڳاڙيءَ واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب، اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ پاور ڊويزن واري وفاقي وزير سردار اويس احمد خان لغاري، پيٽروليم واري وزير علي پرويز ملڪ ناڻي ۽ ريلوي واري مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني، وزيراعظم جو خاص معاون هارون اختر ۽ لاڳاپيل اعليٰ سرڪاري آفيسر شريڪ ٿيا.

ملڪ جي پرڏيهي مٽاسٽا جي ناڻي جي ذخيرن ۾ مجموعي طور 5.162 ارب ڊالرن جي واڌ

اسٽيٽ بينڪ وٽ ناڻي جي ذخيرن جو ڪاٿيتو 11.731 ارب ڊالرز ۽ ڪمرشل بينڪن وٽ 4.195 ارب ڊالرز رڪارڊ

12 ڊسمبر تي ختم ٿيل هفتي ۾ ملڪي پرڏيهي مٽاسٽا جي ناڻي جي ذخيرن جو ڪاٿيتو 21.089 ارب ڊالرز رڪارڊ ڪيا ويا

اسلام آباد (اي پي پي) ملڪ جي پرڏيهي مٽاسٽا جي ناڻي جي ذخيرن ۾ جاري ڪيلينڊر سال دوران مجموعي طور تي 5.162 ارب ڊالرن جي واڌ ٿي آهي. اسٽيٽ بينڪ مطابق گذريل سال ڊسمبر جي پڄاڻي تي ملڪي ناڻي جي ذخيرن جو ڪاٿيتو 15.927 ارب ڊالرز رڪارڊ ڪيو ويو هو جنهن مان اسٽيٽ بينڪ وٽ ناڻي جي ذخيرن جو ڪاٿيتو 11.731 ارب ڊالرز جڏهن ته ڪمرشل بينڪن وٽ 4.195 ارب ڊالرز رڪارڊ ڪيا ويا. 12 ڊسمبر تي ختم ٿيل هفتي ۾ ملڪي پرڏيهي مٽاسٽا جي ناڻي جي ذخيرن جو ڪاٿيتو 21.089 ارب ڊالرز رڪارڊ ڪيا ويا جنهن مان اسٽيٽ بينڪ وٽ ناڻي جي ذخيرن جو ڪاٿيتو 15.88 ارب ڊالرز جڏهن ته ڪمرشل بينڪن وٽ 5.202 ارب ڊالرز رڪارڊ ڪيا ويا جيڪي 2.62 مهينن جي امپورٽ لاءِ ڪافي آهن. جاري ڪيلينڊر سال دوران اسٽيٽ بينڪ جي ناڻي جي ذخيرن ۾ 4.155 ارب ڊالرز جڏهن ته ڪمرشل بينڪن جي ناڻي جي ذخيرن ۾ 1.007 ارب ڊالرن جي واڌ ٿي آهي.

پاڪ فوج جي ڪارڪردگي ٽرمپ کي حيران ڪري ڇڏيو، 2025 پاڪ آمريڪا لاڳاپن ۾ انقلابي تبديلي جو سال قرار

2025 ۾ واشنگٽن جو انڊيا فرسٽ دور ختم ٿيو ۽ پاڪستان کي اوليت حاصل رهي: آمريڪي اخبار واشنگٽن ٽائمز جي رپورٽ

آمريڪي پاليسي شفٽ جي بنياد مئي جي پاڪ ڀارت جنگ بڻجي، پاڪستان جي ملٽري ڪارڪردگي ٽرمپ کي حيران ڪيو

مارچ ۾ ٽرمپ قومي خطاب ۾ پاڪستان جي غير امڪاني تعريف ڪئي، جنهن واشنگٽن ۾ پاليسي جو رخ تبديل ڪيو

واشنگٽن (م د) مشهور آمريڪي اخبار واشنگٽن ٽائمز جي آرٽيڪل ۾ پاڪستان جي اهميت جو اعتراف ڪندي 2025 پاڪ آمريڪا لاڳاپن ۾ انقلابي تبديلي جو سال قرار ڏنو ويو آهي آمريڪي اخبار واشنگٽن ٽائمز لکيو آهي ته 2025 ۾ واشنگٽن جو انڊيا فرسٽ دور ختم ٿيو ۽ پاڪستان کي اوليت حاصل رهي، آمريڪي پاليسي شفٽ جي بنياد مئي جي پاڪ ڀارت جنگ بڻجي پاڪستان جي ملٽري ڪارڪردگي ٽرمپ کي حيران ڪري ڇڏيو واشنگٽن ٽائمز جي آرٽيڪل ۾ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل عاصم منير ۽ آمريڪي صدر ٽرمپ جي لاڳاپن جو خصوصي تجزيو به شامل ڪيو ويو آهي اخبار موجب پاڪستان ناپسنديده رياست کان ڀائيوار ملڪ بڻجي ويو ٽرمپ جي ڏکڻ ايشيا پاليسي ۾ پاڪستان کي مرڪزي ٿنڀ قرار ڏنو ويو آهي شروعات ۾ ڀارت کي ڪواڊ ۽ ٻين فورمز جي ذريعي بالادست بنائڻ جي سوچ هئي ۽ اسلام آباد کي سائيڊ لائين ڪرڻ جي اميد ڪئي پئي وئي، پر ڀارت جي سياسي حالتن شخصي آزادين تي پابندين غير يڪسان ملٽري پرفارمنس ۽ سفارتي سختي ڀارت کي ريجنل اسٽيبلائزر جي طور تي شڪي بنائي ڇڏيو. آمريڪي اخبار لکيو ته پاڪ آمريڪا لاڳاپن ۾ پهريان ڳجهو ڪائونٽر ٽيررازم ايڪسچينجز سامهون آيو انهي سان واشنگٽن کي سيڪيورٽي تعاون جو واضح اشارو مليو مارچ ۾ ٽرمپ قومي خطاب ۾ پاڪستان جي غير امڪاني تعريف ڪئي، جنهن واشنگٽن ۾ پاليسي جو رخ تبديل ڪري ڇڏيو اسلام آباد موقعي کي فوري طور تي ڪيش ڪيو هر محدود تعاون غير امڪاني ڪريڊٽ ۾ تبديل ٿيندو ويو ۽ فيصلو ڪندڙ موڙ پاڪ ڀارت مئي جنگ کان پوءِ آيو اخبار موجب پاڪستان ڊسيپلن اسٽريٽجڪ فوڪس اسمٽرڪ ڪيپيبلٽي کي آمريڪي اميدن کان ڪافي وڌيڪ قرار ڏنو ويو انهي لمحي پاڪستان کي ٻيهر سنجيده ريجنل ايڪٽر جي طور تي ڏٺو ويو مئي جنگ کان پوءِ ٽرمپ جي لاءِ اسٽريٽجڪ نقشو ري ڊرا ٿيو پاڪستان کي ڏکڻ ايشيا ويزن جي اينڪر ڪندڙ (ايمرجنگ اسسٽ) قرار ڏنو ويو واشنگٽن پوسٽ جي آرٽيڪل ۾ لکيو ويو آهي ته پاڪستان جي ملٽري ماڊرنائزيشن کي نئين عالمي اهميت ملي ڪمانڊ اسٽرڪچر ۾ اوورهال ٿيو ۽ چيف آف ڊفينس فورسز جو عهدو فعال بنايو ويو انهي عهدي تي فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جو نالو نمايان طور تي کنيو ويو بطور آرمي چيف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي ڪردار جي به تعريف ڪئي وئي، سيز فائر تي ڀارت جو سخت رد عمل ٽرمپ کي سلو نه لڳو جڏهن ته پاڪستان آمريڪي ڊپلوميسي کي قدر ۽ شڪرگذاري جي طور تي قبول ڪيو آمريڪي اخبار لکيو ته فيلڊ مارشل عاصم منير ٽرمپ جي انرسرڪل جو اسٽار بڻجي ويو ٽرمپ عاصم منير کي هاف جوڪنگ پرومانس چيو ويو عاصم منير کي Deliberate ۽ Disciplined Dark Hours mystery جهڙا لقب ڏنا ويا. وائيٽ هائوس ۾ لنچ گڏجاڻي کي ڪنهن پاڪستاني ملٽري هيڊ لاءِ پهرين مثال قرار ڏنو ويو اخبار موجب فيلڊ مارشل جو سينٽ ڪام هيڊ ڪوارٽرز ۾ ريڊ ڪارپيٽ استقبال ٿيو آمريڪي عسڪري قيادت سان گڏ اعليٰ سطحي اسٽريٽجڪ ڳالهيون ڪيون ويون 2026 جي شروعات تي پاڪستان کي ٽرمپ جي گرينڊ اسٽريٽيجي جي مرڪز پرسان ڏٺو پيو وڃي نئين آمريڪي پاليسي جي پائيداري دهلي ۽ اسلام آباد جي رويي سان مشروط رهندي 2025 ۾ آمريڪي پاليسي ۽ ڏکڻ ايشيا جو توازن ري رائيٽ ڪرڻ ۾ پاڪستان ۽ فيلڊ مارشل اصل ڪردار ادا ڪيو

منصوبا شامل آهن. اجلاس جي پڄاڻيءَ تي سيد مراد علي شاهه زور ڏنو ته سڀئي کاتا گڏيل رابطي سان ڪم ڪن ته جيئن 1018 ارب رپين جي ترقياتي حڪمت عملي کي عملي طور عوام، خاص طور ٻوڏ متاثر ۽ پوئتي پيل علائقن جي ماڻهن جي زندگين ۾ واضح سڌاري ۾ تبديل ڪري سگهجي.

هزار 362 رپين جو ٿي ويو. آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن [illegible]

چانديءَ جي قيمت 218 رپين جي واڌ ڪانپوءِ 7205 رپيا ۽ 10 گرام چانديءَ جي قيمت 187 رپين جي واڌ ڪانپوءِ 6177 رپيا ٿي وئي ايسوسيئيشن رپورٽ ڪيو ته عالمي مارڪيٽ ۾ سون جي قيمت 4338 ڊالر مان وڌي 4400 ڊالر ٿي وئي.

سان بلند ڪري ڇڏيو آهي. هو ڪالهه سومر ڏينهن انڊر 19 ڪرڪيٽ ٽيم ايشيا [illegible]

ٽيم انتظاميا ۽ پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ جون ڪوششون ۽ محسن نقوي جي محنت قابل قدر آهي. وزيراعظم شهباز شريف علي رضا ۽ سمير منهاس جي ڪارڪردگي کي ساراهيندي ٽيم جي ڪاميابي ۾ ڪردار ادا ڪندڙ سمورن رانديگرن، ڪوچز ۽ ٻئي اسٽاف کي شاباس ڏني. وزيراعظم چيو ته ڀارت سان جنگ ۾ الله تعاليٰ پاڪستان کي فتح ڏياري، وزيراعظم هر رانديگر جي لاءِ هڪ هڪ ڪروڙ رپيا ۽ ٽيم مئنيجمينٽ جي [illegible]

Oil & Gas Development Company Limited
ogdc the energy

INVITATION TO E-BID
THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-CSR-307046758-2025	SUPPLY OF UTILITY WATER	12.01.2026 AT 1030 HRS
2.	OGDCL-SCM-LBT-PT-CESS-306173988-2025	CONSTRUCTION OF BOX CULVERT	12.01.2026 AT 1130 HRS
3.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-PROD-306774546-2025	ACQUIRING SLICK LINE SERVICES	13.01.2026 AT 1030 HRS
4.	OGDCL-SCM-LBT-PT-CESS-306379564-2025	CONSTRUCTION OF TWO WASHROOMS WATER TANK, AND SANITARY FITTING WITH WATER SUPPLY PUMP	13.01.2026 AT 1130 HRS
5.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-PROD-306814273-2025	ACQUIRING SLICK LINE SERVICES	14.01.2026 AT 1030 HRS

EXTENSION NOTICE
BID CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on 24.11.2025, and 29.11.2025, it is notified that the bid submission/opening dates of the following cases are extended as follows:

SR #	TENDER NO.	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-FA-CB-DS-302853318-2025	XANTHAN GUM	31.12.2025 AT 1100 HRS
2.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-EXPL-304769944-2025	SERVICES FOR ACQUISITION, PROCESSING AND INTERPRETATION OF GRAVITY AND MAGNETIC SURVEYS	02.01.2026 AT 1030 HRS

3. Bidders who have already submitted/ sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date/ time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) website at www.ppra.org.pk.
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders or discovery.ariba.com/profile/AN01562899621. For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
7. OGDC reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Plot No. 03, Jinnah Avenue

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

تحريڪ تحفظ آئين پاران ڪوٺايل قومي ڪانفرنس!
صفحو 4

مير اعظم علي ٽالپر
ڪجهه سرد ته ڪجهه گرم ڊسمبر 2025 ع
صفحو 4

20 ماڻهو اغوا وارو واقعو پوليس لاءِ خطرناڪ پيغام!
ايڊووڪيٽ عبيدالله چڇڙ
صفحو 4

رسول بخش رئيس
قيمتي سرمايو
صفحو 4

حڪومت طرفان هارين جي زرعي قرض تائين ڊجيٽل رسائي ۽ سهولتن لاءِ نئون ڊجيٽل ايپ ”زرخيز“ متعارف

فنانس ڊويزن، اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان ۽ پاڪستان بينڪس ايسوسيئيشن جي سهڪار سان ڊجيٽل پليٽ فارم جو آغاز

هاري زرعي ايپ جي ذريعي سڌو سنئون درخواست ڏئي سگهندا ۽ آن لائين طريقي سان قرض حاصل ڪري سگهندا

هارين جي سهولت لاءِ لون مينيجمينٽ انفارميشن سسٽم (LIMS) ذريعي زرعي مشاورتي سهولتون به ڏنيون وينديون

زرخيز ايپ مالي شموليت کي هٿي ڏيڻ لاءِ هڪ اهم قدم آهي، جيڪو هارين کي جديد ۽ آسان زرعي مالي خدمتون مهيا ڪندو: وفاقي وزير خزانه

هي پليٽ فارم هارين کي جديد زرعي طريقن ۽ ٽيڪنالاجي تائين رسائي فراهم ڪندي، وقت، خرچ ۽ غير ضروري رڪاوٽن ۾ گهٽتائي ايندي: گورنر اسٽيٽ بينڪ

اسان اسٽيٽ بينڪ ۽ حڪومت سان گڏجي هارين کي جديد، شفاف ۽ آسان مالي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهيون: چيئرمين پي بي اي

اسلام آباد(پ ر) پاڪستان حڪومت جي فنانس ڊويزن، اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان ۽ پاڪستان بينڪس ايسوسيئيشن (PBA) جي سهڪار سان زرعي شعبي ۾ انقلاب آڻڻ لاءِ هڪ جديد ڊجيٽل پليٽ فارم ”زرخيز“ جو آغاز ڪيو آهي هن قدم جو مقصد زرعي قرضن جي فراهمي کي آسان بڻائڻ آهي جتي هاري زرعي ايپ جي ذريعي سڌو سنئون درخواست ڏئي سگهندا ۽ آن لائين طريقي سان قرض حاصل ڪري سگهندا. درخواست جمع ڪرائڻ کان پوءِ ضروري تصديق ڪانپوءِ زرعي قرض هاري جي بئنڪ اڪائونٽ ۾ منتقل ڪيو ويندو. هن منصوبي تحت 75 سيڪڙو تائين حصيداري زرعي ماليياتي سهولت فراهم ڪئي ويندي، خريداري لاءِ منظور ٿيل زرعي وينڊرز جي ذريعي ادائيگي جي سهولت پڻ لاءِ لون مينيجمينٽ انفارميشن سسٽم (LIMS) ذريعي زرعي مشاورتي سهولتون به ڏنيون وينديون جنهن سان جديد زرعي ٽيڪنالاجي بيج، ڀاڻ ۽ ٻين زرعي شين تائين رسائي ممڪن بڻجي سگهندي، نئين هارين لاءِ خاص طور تي 10 سيڪڙو حصيداري سبسڊي پڻ مهيا ڪئي وئي آهي ان کان علاوه، فصل جي نقصان، قدرتي آفتن ۽ ٻين خطري جي حالتن ۾ اضافي مالي تحفظ لاءِ زرعي انشورنس جي سهولت پڻ فراهم ڪئي وئي آهي. وفاقي وزير خزانه ۽ اقتصادي معاملن پنهنجي بيان ۾ چيو ته ”زرخيز ايپ مالي شموليت کي هٿي ڏيڻ لاءِ هڪ اهم قدم آهي جيڪو هارين کي جديد ۽ آسان زرعي مالي خدمتون مهيا ڪندو هي قدم حڪومت جي ڊجيٽل پاڪستان ۽ زرعي ترقي واري گورنر اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان چيو ته ”زرخيز ايپ ذريعي هارين کي قرض حاصل ڪرڻ جو عمل ڊجيٽل بڻايو ويو آهي جنهن سان وقت، خرچ ۽ غير ضروري رڪاوٽن ۾ گهٽتائي ايندي هي پليٽ فارم هارين کي جديد زرعي طريقن ۽ ٽيڪنالاجي تائين رسائي فراهم ڪندو“ پاڪستان بينڪس ايسوسيئيشن جي چيئرمين چيو ته ”بينڪنگ انڊسٽري زرعي ايپ جي ڪامياب نفاذ لاءِ پرعزم آهي اسان اسٽيٽ بينڪ ۽ حڪومت سان گڏجي هارين کي جديد، شفاف ۽ آسان مالي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهيون“ زرخيز ايپ گوگل پلي اسٽور ۽ ايپل ايپ اسٽور تي دستياب آهي جتي هاري ان کي ڊائون لوڊ ڪري پنهنجي ويجهي بئنڪ سان به رابطو ڪري سگهن ٿا.

دادو واسي پ پ اميدوار سامهون اليڪشن وڙهڻ سبب 9 سالن کان انتقامي ڪاررواين جو شڪار

جام شاهد علي حيدري ٻاٽ جي انتقامي ڪاررواين ۽ نالو مسلسل فورٿ شيڊول ۾ داخل ڪرائڻ خلاف بک هڙتال

سال 2013 جي عام چونڊن ۾ اين اي 232 ۽ پي ايس 74 تي پ پ اميدوار خلاف اليڪشن وڙهيو: جام شاهد علي حيدري ٻاٽ

پ پ وارن منهنجي خلاف ملڪ سان بغاوت ڪرڻ سوڌو قتل جون ايف آئي آرون داخل ڪرائڻ شروع ڪري ڇڏيون آهن

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) دادو واسي پ پ اميدوار سامهون اليڪشن وڙهڻ سبب 9 سالن کان انتقامي ڪاررواين جو شڪار، نالو فورٿ شيڊول ۾ داخل، قومي شناختي ڪارڊ بلاڪ، حيدرآباد ۾ احتجاج، دادو جي ڳوٺ جام خان ٻٽ جو رهواسي ۽ 2013 جي عام اليڪشن ۾ ارباب رحيم جي ٽڪيٽ تي چونڊن ۾ حصو وٺندڙ جام شاهد علي حيدري ٻاٽ پ پ اميدوارن جي انتقامي ڪاررواين ۽ نالو مسلسل فورٿ شيڊول ۾ داخل ڪرائڻ خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪري علامتي بک هڙتال ڪئي. ان موقعي تي هن چيو ته سال 2013 جي عام چونڊن ۾ اين اي 232 ۽ پي ايس 74 تي سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير ارباب غلام رحيم جي پارٽي پيپلز مسلم ليگ جي ٽڪيٽ تي پ پ اميدوارن خلاف فارم ڀرائي اليڪشن وڙهي جنهن تي پ پ اميدوارن منهنجي خلاف رڻ ٻاري ڇڏيو ۽ نه ڪٽڻ واري انتقامي ڪاررواين جو سلسلو شروع ڪري ڇڏيو ۽ منهنجي خلاف ملڪ سان بغاوت ڪرڻ سوڌو قتل جون ايف آئي آرون داخل ڪرائڻ شروع ڪري ڇڏيون ۽ فورٿ شيڊول ۾ نالو وجهي ڇڏيو جنهن تحت ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائڻ جو سلسلو جاري آهي. هن چيو ته فورٿ شيڊول تحت منهنجو قومي شناختي ڪارڊ بلاڪ آهي مان ڪاڏي نڪري نٿو سگهان بيماري ترڙي گهريلو مسئلن سبب حد جي ٿاڻي کي اطلاع ڏيڻ باوجود منهنجي خلاف پوليس ڪيس داخل ڪري ڇڏي ٿي. هن چيو ته فورٿ شيڊول جي معياد 3 سال هوندي آهي پر منهنجي خلاف 11مئي 2013کان جاري فورٿ شيڊول اڄ تاري جاري آهي جيڪا پوليس جي سياسي ملي ڀڳت ۽ جمهوري پارٽي سڏائيندڙ پيپلز پارٽي جي وحشياڻي انتقامي ڪارروائي جو کليل ثبوت آهي. هن چيو ته پيپلزپارٽي چونڊيل اميدوارن پاران جاري انتقامي ڪاررواين مون سميت منهنجي خاندان کي مشڪلات ۾ وجهي ڇڏيو آهي جيڪا انساني حقن جي کليل خلاف ورزي آهي. هن چيف جسٽس سنڌ هائي ڪورٽ ۽ انساني حقن جي تنظيمن کي اپيل ڪئي ته سنڌس جو نالو فورٿ شيڊول مان ڪيرائي آزاد ڪيو وڃي ۽ انتقامي ڪاررواين ڪندڙ پ پ اميدوارن ۽ پوليس خلاف ڪارروائي ڪري انصاف ۽ تحفظ ڪيو وڃي

احتجاج
احتجاج
احتجاج
11 مئی 2013 کے الیکشن کی سزا کب ختم ہوگی؟
سیاسی انتقامی سزا کب ختم ہوگی؟

حيدرآباد: دادو جو رهواسي مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪندي

وڳڻ ۾ حدخلين ۽ ناجائز اڏاوتن روڊ سوڙها ڪري ڇڏيا، ٽريفڪ جام روز جو معمول بڻيل

ڪلاڪن جا ڪلاڪ روڊن تي گاڏين جون قطارون، ٽريفڪ کي منظم ڪرڻ لاءِ اهلڪار مقرر نه ٿي سگهيا

ڏورانهن علائقن کان ايندڙ مسافر، مريض، شاگرد ۽ ڪاروباري ماڻهو شديد ڏکيائين کي منهن ڏيڻ تي مجبور

ايمرجنسي حالتن ۾ به رستا بند هئڻ سبب قيمتي وقت ضايع ٿي رهيو آهي، جيڪو ڪنهن به وڏي حادثي جو سبب بڻجي سگهي ٿو: شهري

وڳڻ(ن ع) وڳڻ شهر ۾ ٽريفڪ جام جو مسئلو سنگين صورت اختيار ڪري ويو آهي جتي ڪلاڪن جا ڪلاڪ روڊن تي گاڏين جون قطارون لڳل رهنديون آهن پر افسوس جو مقام آهي ته ٽريفڪ کي منظم ڪرڻ لاءِ ڪو به پوليس عملدار يا ٽريفڪ اهلڪار وارڊن مقرر نظر نٿو اچي. شهري حلقن موجب ٽريفڪ جام جو وڏو سبب غيرقانوني انڪروچمينٽ، حدخلين، روڊن تي بي ترتيب ريڙهيون، دڪانن جو سامان ۽ بي ضابطه پارڪنگ آهي جنهن سبب عام رستا سوڙها ٿي ويا آهن. انتظاميه جي خاموشي صورتحال کي وڌيڪ خراب بڻائي ڇڏيو آهي ٽريفڪ جام سبب نه رڳو شهري، پر ڏورانهن علائقن کان ايندڙ مسافر، مريض شاگرد ۽ ڪاروباري ماڻهو شديد ڏکيائين کي منهن ڏئي رهيا آهن ايمرجنسي حالتن ۾ به رستا بند هئڻ سبب قيمتي وقت ضايع ٿي رهيو آهي، جيڪو ڪنهن به وڏي حادثي جو سبب بڻجي سگهي ٿو شهري مهراڻ ممتاز وڳڻ لا لا عبدالحفيظ پٺاڻ ڪامران پنهور مطالبو ڪيو آهي ته ڊپٽي ڪمشنرقمبر شهدادڪوٽ اسسٽنٽ ڪمشنر وارهه ۽ ٽائون انتظاميه وڳڻ پوليس جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور تي انڪروچمينٽ خلاف آپريشن ڪري، ٽريفڪ پوليس کي فعال بڻايو وڃي،ويڙا تي ويل اهلڪارن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي جيئن وڳڻ شهر کي هن عذاب مان ڇوٽڪارو ملي سگهي.

سعودي عرب ۾ جده واڪ 2 انيشيئيٽو جي شروعات 25 ڊسمبر تي ٿيندي

جده(اي پي پي) سعودي عرب جي جده ڪمشنري جي سياري جي موسم جي ايڊيشن تحت جده واڪ 2 انيشيئيٽو جي شروعات 25 ڊسمبر کان ٿيندي اها چار هفتا جاري رهندي پرڏيهي ميڊيا موجب ريجنل ميونسيپالٽي جو چوڻ آهي ته جده واڪ ٽو قدر صحت ۽ رانديون واري وزارت جي سهڪار سان ڪيو ويندو ۽ ان تي عمل واڪنگ چيلنج ايپ جي شراڪت سان ٿيندو. واڪنگ چئلينج ايپ تحت ڪنيل اهو قدم هفتي جا ٽي ڏينهن خميس، جمعي ۽ ڇنڇر تي شهر جي مختلف واڪنگ ٽريڪس تي ٿيندو جنهن جو مقصد زندگي جي معيار کي بلند ڪرڻ ۽ صحت منداڻي طرز عمل کي اختيار ڪرڻ آهي. ميونسپالٽي واڪنگ انيشيئيٽو ۾ دلچسپي رکندڙن کي هدايت ڪئي آهي ته هو ايپ تحدي المشي (واڪنگ چيلنج) پروگرام ۾ پاڻ کي رجسٽر ڪرائين

شام پاران سعودي عرب ڏانهن منشيات اسمگل ڪرڻ جي وڏي ڪوشش ناڪام

دمشق (اي پي پي) شام سعودي عرب ڏانهن منشيات اسمگل ڪرڻ جي وڏي ڪوشش ناڪام بڻائي ڇڏي آهي پرڏيهي ميڊيا موجب شام جي گهرو وزير چيو ته 26 هزار نشي واريون گوريون (ڪيپٽاگون) سعودي عرب ڏانهن اسمگل ڪرڻ جي ڪوشش ناڪام بڻائي ڇڏي آهي وزارت جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته حما شهر ۾ هڪ بس اسٽيشن جي گيراج ۾ هڪ ميٽل بيڊ ۽ ڪاٺ جي هڪ ڪور اندر منشيات وڏي مهارت سان لڪائي وئي هئي بيان ۾ چيو ويو آهي ته ضروري قانوني ڪارروائي ڪئي جنهن ۾ منشيات جي ضبطگي شامل آهي، ملزمن جي سڃاڻپ ۽ گرفتاري لاءِ جاچ جاري آهي وزارت موجب منشيات جي اسمگلنگ جي نيٽ ورڪس پاران استعمال ڪيل ڊوکو ڏيڻ جي طريقن باوجود سيڪيورٽي فورسز انهن سرگرمين جو پتو لڳائڻ ۽ ان کي ناڪام بڻائڻ ۾ اعليٰ سطح جي تياري ۽ ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪيو آهي ان کان علاوه اردن جي بارڊر فورسز ڏاکڻي علائقي ۽ اولهندي سرحد ويجهو پڻ ڊرون ذريعي منشيات اسمگل ڪرڻ جي ڪوشش ناڪام بڻائي ڇڏي بارڊر فورسز سرحدي علائقي جي نگراني دوران منشيات سان ڀريل هڪ ڊرون جي نگراني ڪئي ۽ ان کي اردن جي علائقي ۾ ڪيرايو ويو.

سعودي عرب مصنوعي ذهانت لاءِ حڪومتي تياري جي انڊيڪس ۾ سرفهرست

رياض(اي پي پي) سعودي عرب آڪسفورڊ انسائيٽس اداري طرفان جاري ڪيل گورنمينٽ اي آءِ ريڊينس انڊيڪس 2025ع ۾ وچ اوڀر ۽ اتر آفريڪا جي خطي ۾ پهرين پوزيشن حاصل ڪري ورتي آهي.پرڏيهي ميڊيا مطابق گورنمينٽ اي آءِ ريڊينس انڊيڪس هڪ مخصوص عالمي اهڃاڻ آهي جيڪو عوامي پاليسين ۽ حڪومتي خدمتن ۾ مصنوعي ذهانت کي استعمال ڪرڻ جي صلاحيت جي پيمائش ڪري ٿو ان انڊيڪس ۾ سڄي دنيا جي 195 ملڪن جو جائزو ورتو ويندو آهي جنهن جو بنياد بهتر حڪمراني، بنيادي ڍانچي ۽ اداراجاتي رضامندي جهڙن معيارن تي هوندو آهي اهو انڊيڪس جديد ٽيڪنالاجي جي شعبي ۾ ملڪن جي تنظيمي رٿابندي ۽ فيصلا سازي لاءِ اهم ترين عالمي حوالن مان هڪ سمجهيو ويندو آهي. سال 2025ع جي ان انڊيڪس ۾ سعودي عرب پاران پهرين پوزيشن حاصل ڪرڻ ان شعبي ۾ مملڪت جي قومي تجربي جي پختگي ظاهر ڪري ٿو.

پ پ تعلقه شهدادڪوٽ جي هڪ اهم گڏجاڻي

شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي ورسي جي متعلق ويچار

ورسي جي مکيه تقريب ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ۾ پارٽي جا ورڪر ڀرپور شرڪت ڪندا: اڳواڻ

شهدادڪوٽ(ذ ر) پ پ پ تعلقه شهدادڪوٽ جي هڪ اهم گڏجاڻي تعلقه صدر مير آصف لغاري جي صدارت هيٺ منعقد ٿي گذري جنهن ۾ شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي ورسي جي متعلق ويچاريو ويو گڏجاڻي ۾ نائب صدرن مير دريا خان مستوئي غلام رسول بروهي، رئيس عبدالخالق چانڊيو، مير ڪچلو خان مغيري، محمد نواز لغاري، ميرمنظور ڪوسو پنهل وڏو ۽ تعلقه ڪائونسل جي ميمبرن چونڊيل نمائندن ذيلي تنظيم جي نمائندن پارٽي ورڪرن جي هڪ وڏي انگ شرڪت ڪئي گڏجاڻي ۾ فيصلو ڪيو ويو ته ماضي جيان شهيد راڻي جي ورسي جي مکيه تقريب ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ۾ پارٽي جا ورڪر ڀرپور شرڪت ڪندا ورسي جي تقريب ۾ شرڪت لاءِ سوين گاڏين جا قافلا روانا ٿيندا ان موقعي تي گڏجاڻي ۾ شهيد راڻي سميت پ پ پ جي شهيدن ۽ پارٽي جي فوتي ڪارڪنن جي ثواب لاءِ فاتحه پڙهي وئي

شهدادڪوٽ پ پ جي منعقد گڏجاڻي جو ڏيک

سيف اسٽڊ هاءِ اسڪول جمال فقير خاصخيلي ۾ ثقافتي تقريب

ثقافت، فن ۽ سماجي موضوعن تي مبني دلچسپ ۽ پر معنيٰ ٽيبلوز پيش

قومون پنهنجي ٻولي، ثقافت، محبت ۽ ڀائيچارو ياد رکنديون آهن: اڳواڻ

شهدادپور(ن ع) شهدادپور جي علائقي ويجهو سيف اسٽڊ هاءِ اسڪول جمال فقير خاصخيلي ۾ هڪ رنگين ۽ دلڪش ثقافتي تقريب جو منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ اسڪول جي استادن، شاگردن معزز شخصيتن ۽ صحافين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي.تقريب جي شروعات ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين طرفان سنڌ جي روايتي ثقافت، فن ۽ سماجي موضوعن تي مبني دلچسپ ۽ پر معنيٰ ٽيبلوز پيش ڪيا ويا، جيڪي حاضرين جي دل کي ڇهي ۾ ولي ويا. ان کان علاوه تقرير جي مقابلي پڻ ڪرايو ويو جنهن ۾ شاگردن پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪيو. مهمانن اڳوڻي ايم پي اي فقيرمحمد بخش خاصخيلي، اسڪول باني بابر ميمڻ سنئير استاد رحمت الله خاصخيلي سنئير صحافي مهدي حسن پنهور اسلم آزاد خاصخيلي چيو ته سنڌ جي هزارين سالن تي مشتمل قديمي عظيم ثقافت جي اهميت کي اجاگر ڪندي چيو ته زنده قومون پنهنجي ٻولي، ثقافت، محبت، ڀائيچاري مهمانوازي، ادب ۽ اخلاق جي ڪري ئي پنهنجي الڳ سڃاڻپ قائم رکنديون آهن.ان موقعي تي گلزار خاصخيلي،اياز عمراڻي امتياز خاصخيلي خطاب ڪندي چيو ته ٻهراڙيءَ جي اسڪولن ۾ سهولتن جي تمام گهٽتائي ۽ وسيلن جي اڻهوند هجڻ باوجود شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ وڏي صلاحيت ۽ خوداعتمادي موجود آهي. سنڌن مطابق اڄ جي جديد دور ۾ جن ملڪن ترقي ڪئي آهي اها تعليم جي ذريعي ئي ڪئي آهي تنهنڪري اسان کي پڻ پنهنجي اسڪولن ۽ تعليمي نظام کي مضبوط بنيادن تي استعمال ڪرڻو پوندو تعليم جي ذريعي ئي اسان پنهنجي ثقافت ۽ ٻولي جي خدمت ڪري سگهون ٿا.

ON Schooling & Educating System

شهدادپور سيف جي اسڪول ۾ ثقافتي تقريب ۾ ٽيبلوز پيش ڪيو پيو وڃي

ٺٽون ڳوٺ ٺٽون ڳوٺ پرسان هر سال جيان 2 روزا مفت اکين جي ڪئمپ ۾ علاج ڪيو پيو وڃي

ٺٽون ڳوٺ پرسان هر سال جيان 2 روزا مفت اکين جي علاج جي ڪئمپ

مفت اکين جي ڪئمپ ۾ 3100 ماڻهن جي چڪاس ڪري آپريشن ڪيا ويا

مفت اکين جي ڪئمپ مان ڪيترن ئي ٻي ٻهچ ماڻهن فائدو ورتو آهي: اڳواڻ

ٺٽون ڳوٺ(ن ع) ٺٽون ڳوٺ پرسان هر سال جيان 2 روزا مفت اکين جي نائين ڪئمپ راڌڻ ۾ دي سوسائٽي نور دي پريونشن اينڊ ڪيور آف بلائينڊنس جي تعاون سان مرحوم خان محمد شيخ جي رائيس ملز ۾ لڳائي وئي جنهن ڪئمپ جي نگراني ڊاڪٽر عبدالڪريم شيخ ڪئي ان مفت اکين جي ڪئمپ ۾ 3100 ماڻهن جي اکين جي چڪاس ڪئي وئي جنهن مان 510 ماڻهن جا آپريشن ڪيا ويا آپريشن ۾ سنڌ جا نالي وارا اکين جا ماهر ڊاڪٽر موجود رهيا جن غريب ٻي ٻهچ مردن عورتن ۽ ٻارڙن جا آپريشن ڪري مفت ۾ لائنس مفت ۾ دوائون مفت ۾ چشما ڏنا ويا ان مفت اکين جي ڪئمپ ۾ آس پاس جي مريضن لاءِ ماني سان گڏ رهائش جو پڻ پروگرام رکيل هو ان مفت اکين جي ڪئمپ مان ڪيترن ئي ٻي ٻهچ ماڻهن فائدو ورتو ڪئمپ ۾ آيل ماڻهن ۽ سڄاڻ ڌرين ان عمل تي ڊاڪٽر عبدالڪريم شيخ سميت سموري ٽيم کي دعائون پڻ ڪيون ۽ ساراهه پڻ ڪئي ۽ چيو ته هن مهنگائي جي دور ۾ اهڙيون ڪئمپون لڳڻ گهرجن جيئن ٻي ٻهچ غريب ماڻهن کي سهولتون ملي سگهن

مٽياري ويجهو پليجاڻي جي ڳوٺ محمد صديق ميمڻ ۾ مچ ڪچهري

مچ ڪچهري دوران شاعر سڪندر شر پنهنجي شاعري سان محفل کي خوب سينگاريو

سڪندر گل ٽگڙ آزاد نظمن سميت بهترين شاعري پيش ڪري سامعين کان داد حاصل ڪيو

مٽياري(ذ ر) مٽياري ويجهو پليجاڻي جي ڳوٺ محمد صديق ميمڻ ۾ ادبي ۽ ثقافتي رنگن سان سجايل مچ ڪچهري پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ علائقي جي اديبن شاعرن ۽ سماجي شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مچ ڪچهري پروگرام جي اڳواڻي قادر ميمڻ شاهد علي ميمڻ سردار عامر ٽگڙ ممتاز علي بروهي، خالد حسين ميمڻ زاهد علي ميمڻ ۽ زمان ٽگڙ ڪئي، جڏهن ته پروگرام ۾ ادبي سنگت جي نگراني پڻ شامل رهي. پروگرام ۾ مهمان خاص طور حاجي گل حسين ٽگڙ تاج محمد ميمڻ عبد الستار ميمڻ حافظ سجاد ميمڻ محمد نواز شر، سيد پنيال شاهه مصطفيٰ ميمڻ مهتاب ڏيٿو سميت ڪوڙ سارا ادبي دوست شريڪ ٿيا. مچ ڪچهري دوران شاعر سڪندر شر پنهنجي شاعري سان محفل کي خوب سينگاريو جڏهن ته سڪندر گل ٽگڙ آزاد نظمن سميت بهترين شاعري پيش ڪري سامعين کان داد حاصل ڪيو شرڪت ڪندڙن جو چوڻ هو ته اهڙيون ادبي گڏجاڻيون سنڌي ادب، ٻولي ۽ ثقافت جي واڌ ويجهه لاءِ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون ۽ مستقبل ۾ به اهڙن پروگرامن جي تسلسل کي جاري رکيو ويندو

مٽياري ويجهو پليجاڻي جي ڳوٺ محمد صديق ميمڻ ۾ مچ ڪچهري جو ڏيک

ماتلي ۾ اڪرم ڪينال تي هڪ سال کان ٽٽل پُل جو معاملو عدالت پهچي ويو

گذريل هڪ سال کان پُل تباهه حال هجڻ خلاف باقائده قانوني جنگ جو آغاز ڪيو ويو

علي رضا سوڍو پاران ايڊووڪيٽ محمد فياض آرائين معرفت هاءِ ڪورٽ حيدرآباد ۾ پٽيشن داخل

ماتلي(ن ع) ماتلي ۾ اڪرم ڪينال تي هڪ سال کان ٽٽل پُل جو معاملو هاءِ ڪورٽ پهچي ويو حيدرآباد کي ڏگڙي، مٺي ۽ ٿرپارڪر سان ڳنڍيندڙ اڪرم ڪينال تي ماتلي ۾ واقع پل گذريل هڪ سال کان تباهه حال هجڻ خلاف قانوني جنگ جو آغاز ڪيو ويو آهي سوشل ورڪر ۽ ”دي انسرچ هيومن رائيٽس“ جي ضلعي صدر علي رضا سوڍو پاران نالي واري وڪيل محمد فياض آرائين معرفت هاءِ ڪورٽ حيدرآباد ۾ پٽيشن داخل ڪرائي جنهن ۾ سنڌ سرڪار ۽ چيف سيڪريٽري سنڌ سيڪريٽري ورڪس اينڊ سروسز چيف انجنيئر ۽ سپرنٽينڊنٽ انجنيئر روڊز حيدرآباد، ايڪسين روڊز بدين ۽ ڊپٽي ڪمشنر بدين کي ڌر بڻايو ويو آهي ڪروڙين روپين جا ٽينڊر جاري ٿيڻ باوجود هڪ سال کان وڌيڪ عرصو گذري ويو آهي

ماتلي ٽٽل پل معاملي تي عدالت ۾ درخواست داخل ڪندڙ وڪيل سوشل ورڪرن جو فوٽو

ٿر جي 47 ليڊي هيلٿ ورڪرن کي پڪو نه ڪرڻ خلاف احتجاج

پڪو نه ڪرڻ ۽ 8 مهينن جون رهيل پگهارون نه ملڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

اسان جون رهيل پگهارون ڏيئي فاقه ڪشي کان بچايو وڃي: ليڊي هيلٿ ورڪرز

مٺي (ذ-ر) ٿر جي 47 ليڊي هيلٿ ورڪرن کي پڪو نه ڪرڻ ۽ 8 مهينن جون رهيل پگهارون نه ملڻ خلاف گذريل ڏينهن نيلم ڪماري، هاجره ڀيو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ 30 ليڊي هيلٿ ورڪرن وارڻ سوڍو ڦانگاريو بائي پاس روڊ تي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرايو ۽ هنن ڊي سي ٿرپارڪر ۽ ڊي ايڇ او ٿرپارڪر کان مطالبو ڪيو آهي ته اسان جون رهيل پگهارون ڏيئي فاقه ڪشي کان بچايو وڃي

مٺي ليڊي هيلٿ ورڪرس پاران پگهارون نه ملڻ ۽ پڪو نه ڪرڻ خلاف احتجاجي ڌرڻو هڻي ويٺل آهن

الخدمت فائونڊيشن سڪرنڊ پاران سرٽيفڪيٽ ڏيڻ جي تقريب

الخدمت سماجي خدمتن جي حوالي سان صف اول ۾ شامل آهي: اڳواڻ

ايئن چئي سگهجي ٿو ته الخدمت پنهنجي نالي جو ڀرم رکي ڪم ڪري رهي آهي

سڪرنڊ (ن ع) الخدمت فائونڊيشن سڪرنڊ پاران شاهين آئي ٽي حب سڪرنڊ ۾ ڪمپيوٽر جي تعليم پرائيندڙ شاگردياڻين کي ڪورس مڪمل ڪرڻ تي مڃتا سرٽيفڪيٽ ڏيڻ جي شاندار تقريب شاهين آئي ٽي سينٽر تي منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ مختلف مڪتب فڪر جي شخصيتن شرڪت ڪئي جن ۾ الخدمت جو ضلعي صدر ڊاڪٽر عمران باجوه سڪرنڊ پريس ڪلب جو جنرل سيڪريٽري غلام حيدر سولنگي شهري اتحاد جو صدر سانول ڪيريو علي رضا ماڇوٺو تعليمي شخصيتون محمد ارشد آرائين انجنيئر احمد علي انصاري استاد اشرف آرائين ذبير منصوري حافظ رضوان احمد ۽ محمود مصطفيٰ مگسي سميت ڪئي شخصيتون شريڪ هيون جڏهن ته ڪائون ڪاميٽي سڪرنڊ جي چيئرمين سيد عذير اختر شاهه مهمان خاص طور ۽ سينيئر صحافي اڪرم شهزاد اعزازي مهمان طور شرڪت ڪئي جن الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته الخدمت سماجي خدمتن جي حوالي سان صف اول ۾ شامل آهي جنهن لاءِ ايئن چئي سگهجي ٿو ته الخدمت پنهنجي نالي جو ڀرم رکي ڪم ڪري رهي آهي اڄوڪي پروگرام ۾ يتيم نياڻين کي مفت ليپ ٽاپ ڏيڻ سندن بهترين ڪارنامو آهي ان ڪري اسين ڪين يقين ٿا ڏياريون ته اسان جو ساٿ ۽ سهڪار الخدمت سان هميشه جيان رهندو هنن وڌيڪ چيو ته فلاحي ڪم ڪرڻ رياست جي ذميواري آهي پر جڏهن رياستون ناڪام ٿينديون آهن يا پنهنجون ذميواريون پوريون نه ڪنديون آهن ته پوءِ سماجي تنظيمون عوام جي پرگهور لهنديون آهن جنهن ۾ الخدمت پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهي آهي پروگرام جي پڄاڻي تي الخدمت جي صوبائي اڳواڻ ڪنور راشد مڪرم مهمانن جو شڪريو ادا ڪيو ۽ پروگرام سميت الخدمت تي تفصيلي ڳالهايو ان موقعي تي شاهين آئي ٽي حب جي ايم ڊي ڪنور حسان راشد ٻڌايو ته شاهين آئي ٽي سينٽر ۾ ڪمپيوٽر جي تعليم پرائيندڙ 20 نياڻين کي ڪورس مڪمل ڪرڻ تي مڃتا سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا آهن جڏهن ته 6 ڇهن يتيم نياڻين کي الخدمت پاران مفت ليپ ٽاپ پڻ ڏنا ويا آهيون هن وڌيڪ ٻڌايو ته شاهين آئي ٽي سينٽر ۾ تعليم حاصل ڪندڙ يتيم نياڻين کي 50 سيڪڙو رعايت ڪئي ويندي آهي ۽ 50 سيڪڙو الخدمت ادا ڪندي آهي ان کان اڳ الخدمت سڪرنڊ جي جنرل سيڪريٽري انجنيئر نثار احمد راجپوت آيل مهمانن کي آجياڻو پيش ڪيو پروگرام ۾ حيدر خانزاده شرافت شيخ عبدالقادر ڳنڀول رضا محمد سيال انوار احمد راجپوت خليل احمد راجپوت ۽ قاضي جاويد سنائي پڻ موجود هئا آخر ۾ ليپ ٽاپ ۽ سرٽيفڪيٽ وصول ڪندڙ شاگرديائين پنهنجي الڳ الڳ خطاب ۾ الخدمت ۽ شاهين آئي ٽي جي انتظاميه جو شڪريو ادا ڪيو

هالا سول سوسائٽي اڳواڻ اڳوڻو سعودي ڪنسلٽنٽ عنايت الله ميمڻ جي پٽ جي شادي تقريب ۾ اهم سياسي سماجي اڳواڻ شريڪ آهن

پ پ سنڌ جي ماڻهن جي محبوب پارٽي آهي، بلاول ڀٽو جلد وزيراعظم بڻجندو: گل محمد جکراڻي

جنرل ضياءَ جي دور ۾ 5 سال جيل ۾ گذاري چڪو آهيان، ڪيترائي ڪيس داخل ڪيا ويا، عدالت ۾ ڪوڙا ثابت ٿيا

پڙهائي جي دور ۾ اسٽوڊنٽ فيڊريشن جو حصو به رهي چڪو آهيان، زندگيءَ جو گهڻو وقت جيل ۾ گذريو آهي

پنهنجي علائقي ۾ راڄن جا فيصلا ڪندو آهيان، ڪوشش ڪري اهڙو فيصلو ڏيندو آهيان جنهن ۾ ٻئي ڌريون راضي هجن: ميڊيا سان ڳالهيون

مسوري ڳوٺ(ن ع) اڳوڻي ايم اين اي ۽ پ پ ڪشمور جي صدر ضلعي ڪائونسل چيئرمين گل محمد جکراڻي ۽ اڳوڻي جيل سپرنٽينڊنٽ شاهنواز ساند پريس ڪلب مسوري ڳوٺ جو دورو ڪيو ان موقعي تي پ پ اڳواڻ گل محمد جکراڻي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته منهنجي بابا هميشه حق ۽ سچ جو ساٿ ڏيڻ سيکاريو آهي. آئون ڪشمور ۾ پيدا ٿيو آهيان مون ڪشمور مان شروعاتي تعليم حاصل ڪئي. 1974 کان اسڪول جي دور کان اليڪشن ۾ حصو وٺڻ جي شروعات ڪئي، اسڪول جي دور ۾ جنرل ڪيتان جي اليڪشن ۾ حصو ورتو جيڪا مون کٽي هئي، انهي کانپوءِ 1976 ۾ ڊگري ڪاليج سکر ۾ اعليٰ تعليم لاءِ داخلا ورتي،پڙهائي جي دور ۾ اسٽوڊنٽ فيڊريشن جو حصو به رهي چڪو آهيان زندگيءَ جو گهڻو وقت جيل ۾ گذريو جنرل ضياءَ جي مارشل لا جي دور ۾ 5 سال جيل ۾ گذاري چڪو آهيان ڪيس داخل ڪيا ويا جن کي ڪورٽ ڪوڙو ثابت ڪيو هو مير گل محمد جکراڻي ٻڌايو ته جيل ڪاٽي جو وزير به رهي چڪو آهيان.آئون پنهنجي علائقي ۾ مختلف راڄن جا فيصلا ڪندو آهيان ڪوشش ڪري اهڙو فيصلو ڏيندو آهيان جنهن ۾ ٻئي ڌريون راضي هجن پارليامينٽري سيڪريٽري ايجوڪيشن ۽ پارليامينٽري ڊفينس ۾ به رهيو چڪو آهيان. پيپلز پارٽي سنڌ جي ماڻهن جي دلين جي پارٽي آهي مخالف ڪيترو به سازشون ڪن پر عوام اڄ به بي بي بينظير ۽ ان جي خاندان سان محبت ڪري ٿو ۽ عوام به اهو چاهي ٿو ته مستقبل جو وزير اعظم بلاول ڀٽو زرداري ٿئي، اهو وقت پري ناهي انشاالله تمام جلد اڪثريت ليڊر پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي وزير اعظم ڪنداسين ان موقعي تي پريس ڪلب مسوري ڳوٺ جي صدر نور محمد ترڪ مير گل محمد خان جکراڻي ۽ اڳوڻي جيلر شاهنواز ساند کي پريس ڪلب اچڻ تي کين سنڌ جي ثقافت اجرڪون اوڍائي آڌر ڀاءُ ڪيو جڏهن ته چيئرمين محمد بخش وگهيو سنئير نائب صدر شوڪت نونداڻي محبوب خاصخيلي، معشوق وگهيو ۽ ٻين آيل مهمانن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪون اوڍائي آڌر ڀاءُ ڪيو

مسوري ڳوٺ ضلعي ڪائونسل چيئرمين گل محمد جکراڻي ۽ اڳوڻي جيل سپرنٽينڊنٽ شاهنواز ساند پريس ڪلب جو دورو ڪندي

مٽياري ضلع انتظاميه جو غيرقانوني طور هلندڙ پيٽرول پمپن ۽ يونٽن خلاف ايڪشن

شاهپور پليجاڻي چوڪ الهڏنو ساند ۽ پرپاسي وارن علائقن ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر مٽياري جا اوچتا ڇاپا

الهڏنو ساند چوڪ تي مقيم شاهه پيٽروليم سروس ۽ ڪوٽ حاجي عرس سوهو پرسان هلندڙ پيٽروليم سروس سيل

اهي يونٽ بنا اجازت ۽ مقرر قانوني معيارن جي هلندڙ هئا، جيڪي عوامي تحفظ لاءِ خطرو بڻيل هئا: اي سي مٽياري

مٽياري(ذ ر) مٽياري لڳ شاهپور پليجاڻي چوڪ الهڏنو ساند ۽ پرپاسي وارن علائقن ۾ غيرقانوني طور هلندڙ پيٽرول پمپن ۽ يونٽن خلاف ضلعي انتظاميا سخت قدم کڻي ورتا آهن اسسٽنٽ ڪمشنر مٽياري عبدالستار شيخ ۽ مختيارڪار مٽياري سجاد لغاري جي اڳوائي ۾ الهڏنو ساند، شاهپور پليجاڻي چوڪ ۽ ٻين علائقن ۾ اوچتا ڇاپا هنيا ويا، جن دوران ڪيترن ئي غيرقانوني پيٽرول يونٽن کي سيل ڪيو ويو انتظامي ڪارروائي دوران الهڏنو ساند چوڪ تي مقيم شاهه پيٽروليم سروس ۽ ڪوٽ حاجي عرس سوهو پرسان هلندڙ پيٽروليم سروس کي غيرقانوني قرار ڏئي سيل ڪيو ويو اختيارين موجب اهي يونٽ بنا اجازت ۽ مقرر قانوني معيارن جي هلندڙ هئا، جيڪي عوامي تحفظ لاءِ خطرو بڻيل هئا. اي سي مٽياري عبدالستار شيخ جي اڳوائي ۾ تشڪيل ڏنل ٽيم جي ڇاپا مار ڪارروائي جي خبر ملندي ئي ڪيترن ئي ٻين غيرقانوني پيٽرول يونٽن مالڪن پنهنجا يونٽ پاڻمرادو بند ڪري ڇڏيا، انتظاميا واضح ڪيو آهي ته غيرقانوني ڪاروبار خلاف ڪارروائي جو سلسلو جاري رهندو ۽ ڪنهن سان به رعايت نه ڪئي ويندي

مٽياري ضلع انتظاميه غيرقانوني طور هلندڙ پيٽرول پمپن ۽ يونٽن خلاف ڪارروائي ڪئي پئي وڃي

مٺي ويجهو ڳوٺ ويجهيار ۾ پابندي پيل گيم سينچري ايريا ۾ غير قانوني شڪار

پابندي پيل گيم سينچري ايريا ۾ غير قانوني شڪارين بندوق جا فائر ڪري 7 تتر ماري ڇڏيا

ڳوٺاڻن مڙسي ڪري وائلڊ لائف کاتي کي اطلاع ڪيو، شڪارين تي اعتراض ڪري وڊيو ٺاهي وائرل

شڪارين خلاف جانچ ڪري ملس گناهه نمبر 7/2025 قلم 1/9 ۽ 21 تحت ڪيس داخل ڪيو ويو

مٺي (ذ-ر) ڪالهه شام مٺي جي ڳوٺ ويجهيار پرسان جهنگ ۾ شڪارين خميسو سوسرو مقامي ڳوٺاڻا عثمان سوسرو مختيار ملاح هڪ گاڏي نمبر ڪي ايس 6777 سنوار ٿي پابندي پيل علائقي ۾ شڪار ڪندي 7 تتر ماري ڇڏيا آهن گيم کاتي جي ٽيم واقعي واري هنڌ پهچي ڳوٺاڻن جا اعتراض وارا بيان وٺي شڪارين خلاف جانچ ڪري ملس گناهه نمبر 7/2025 قلم 1/9 ۽ 21 تحت ڪيس داخل ڪيو آهي جوابدارن ڏوهه جو اعتراف ڪري ورتو آهي

حيدرآباد ۾ پوڙهيت مبينا طور 4 ڏينهن کان پراسرار گم

پوليس پاران لاعلمي جو اظهار، زال جو مڙس جي هٿ ڪري نه ڏيڻ خلاف احتجاج

مڙس جو ڪنهن به سياسي پارٽي سان ڪڏهن به ڪو واسطو نه رهيو آهي: ثمينا شيخ

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد ۾ پوڙهيت مبينا طور 4 ڏينهن کان پراسرار گم، پوليس پاران لاعلمي جو اظهار، زال جو مڙس جي هٿ ڪري نه ڏيڻ خلاف احتجاج. حيدرآباد سائيٽ جي ڳنجو ٽڪر واري علائقي مان پراسرار گم ٿيل پوڙهيت جي زال ثمينا شيخ ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاج ڪيو. ان موقعي تي هن ڏانهنيندي چيو ته 19ڊسمبر ڏهاڙي شام ڌاري منهنجو مڙس ايوب شيخ گهران ٻاهر ڪير وٺڻ نڪتو جيڪو ڏينهن گذرڻ باوجود گهر نه موٽيو آهي. هن چيو ته سنڌس مڙس ايوب شيخ بجلي جو ڪم ڪري گهر جو گذرسفر ڪندو آهي مڙس جو ڪنهن به سياسي پارٽي سان ڪڏهن به ڪو واسطو نه رهيو آهي نه ئي ڪنهن سان دشمني آهي. هن چيو ته مڙس جي ڳولا جي سلسلي ۾ سائيٽ ٿاڻي سوڌو شهر جا مختلف ٿاڻا ڳوليا آهن پر پوليس لاعلمي جو اظهار ڪري رهي آهي. هن چيو ته اطلاع ڏيڻ باوجود پوليس مڙس جي ڳولا ۾ مدد نه ڪري رهي جنهن سبب گهر ۾ روج راڙو مچل آهي. هن ڊي آءِ جي حيدرآباد. ايس ايس پي حيدرآباد کي اپيل ڪئي ته مڙس جي ڳولا ۾ مددڪري انصاف ڪيو وڃي

حيدرآباد ڳنجو ٽڪر جي رهواسي عورت پنهنجي مڙس جي گمشدگي خلاف احتجاج ڪندي

ٽنڊوڄام ۾ او جي ڊي سي ايل جي سهڪار سان مفت ڪئمپ

رورل هيلٿ سينٽر ۾ اکين جي بيمارين جي علاج لاءِ مفت ڪئمپ لڳائي وئي

ڪئمپ جو مقصد غريب ۽ ٻي ٻهچ ماڻهن کي مفت علاج جي سهولت فراهم ڪرڻ آهي: امام علي عباسي

ٽنڊوڄام (ٽ ر) ٽنڊوڄام ۾ او جي ڊي سي ايل جي سهڪار سان مفت اکين جي علاج جي ڪئمپ لڳائي وئي. خبر موجب آئل اينڊ گيس ڊيولپمينٽ ڪمپني لميٽيڊ او جي ڊي سي ايل جي سهڪار سان ٽنڊوڄام جي رورل هيلٿ سينٽر ۾ اکين جي بيمارين جي علاج لاءِ مفت ڪئمپ لڳائي وئي. ڪئمپ جو افتتاح ريجنل ڪوآرڊينيٽر حيدرآباد ريجن امام علي عباسي، سينيئر سي ايس آر آفيسر برڪت علي سوهو ۽ ايڊمنسٽريٽر هيلٿ سينٽر ظفر ڏاريجو ڪيو. ڪئمپ ۾ ٽنڊوڄام ۽ ان جي پرپاسي جي سوين مريضن جي اکين جي مفت چڪاس ڪئي وئي ۽ ٽيسٽون ڪيون پڻ ڪيون ويون جڏهن ته ڪيترن ئي مريضن جا آپريشن پڻ ڪيا ويا. انهي موقعي تي او جي ڊي سي ايل جي آر سي امام علي عباسي ۽ ٻين جو چوڻ هو ته او جي ڊي سي ايل پاران هر سال آئل فيلڊس ۽ ٽنڊوڄام ۾ ڪئمپون لڳايون وڃن ٿيون جنهن جو مقصد غريب ۽ ٻي ٻهچ ماڻهن کي مفت علاج جي سهولت فراهم ڪرڻ آهي. هنن چيو ته او جي ڊي سي ايل لڳندڙ ڪئمپن ۾ ملڪ جا ماهر ڊاڪٽر مريضن جو علاج ڪن ٿا. هنن چيو ته نظر کان محروم ماڻهن کي ٻيهر روشني فراهم ڪرڻ انساني خدمت جي اعليٰ مثال آهي جنهن لاءِ او جي ڊي سي ايل جون ڪوششون جاري رهنديون

ٽنڊوڄام او جي ڊي سي ايل پاران مفت ميڊيڪل ڪئمپ ۾ مريضن جي چڪاس ڪئي پئي وڃي

سوئي گيس ڪان هنگورجا تائين لنڪ روڊ جو مرمتي ڪم شروع

صوبائي وزير ورڪس اينڊ سروسز سنڌ پاران روڊ جي ڪم جو جائزو ورتو

اهم لنڪ روڊ جي مرمتي ڪم شروع ٿيڻ تي علائقي واسين پاران خوشي جو اظهار

ٺري ميرواهه (ن ع) سوئي گيس سيدارجا هنگورجا کي ملائيندڙ اهم لنڪ روڊ سوين ڳوٺن سميت مهراڻ نيشنل هاءِ وي ۽ قومي شاهراهه هنگورجا کي ملائي ٿو گذريل 30 سالن کان هن روڊ جي ڪا به مرمت نه ٿي هئي جنهن سبب روڊ مڪمل طور کنڊرات جو شڪار بڻيل هو ۽ سفر ڪرڻ جي قابل نه هو ماڻهون سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻ تي مجبور هئا پير آف هنگورجا سينيٽر سيد ڪاظم علي شاهه لڪياري صوبائي وزير ورڪس اينڊ سروسز حاجي علي حسن زرداري کي روڊ جي خراب حالت متعلق آگاهي ڏني هئي جنهن تي صوبائي وزير پاڻ روڊ جو دورو ڪري جائزو ورتو ۽ فوري طور مرمتي ڪم شروع ڪرائي ڇڏيو آهي لنڪ روڊ جي مرمتي ڪم شروع ٿيڻ تي علائقي واسين خوشي جو اظهار ڪيو آهي ۽ پيپلز پارٽي جي حڪومت، صوبائي وزير حاجي علي حسن زرداري ۽ سينيٽر سيد ڪاظم علي شاهه لڪياري جو شڪريو ادا ڪيو آهي جن 30 سالن کانپوءِ هڪ وڏو مسئلو حل ڪري عوام کي وڏي تڪليف کان نجات ڏيارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ سفري سهولت فراهم ڪئي آهي

سڪرنڊ ۾ هشو ڪيولراماڻي کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ فڪري ويهڪ

سڪرنڊ (ن ع) جيئي سنڌ محاذ پاران سنڌ جي امر ڪردار هشو ڪيولراماڻي کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ جسم جي مرڪزي چيئرمين عبدالخالق جوڻيجو جي صدارت هيٺ سڪرنڊ لڳ ڳوٺ ايڪيهه ڏڏ ۾ سندس 111 هين جنم ڏينهن جي حوالي سان فڪري ويهڪ رکي وئي جنهن ۾ اديبن شاعرن صحافين ۽ قومي ڪارڪنن شرڪت ڪئي جن هشو ڪيولراماڻي جي ڪردار ۽ سنڌس سنڌ سان عشق تي الڳ الڳ ويچار ونڊيا جنهن ۾ صدارتي خطاب ڪندي جيئي سنڌ محاذ جي چيئرمين عبدالخالق جوڻيجو چيو ته حشو سنڌ ۽ هند جو وڏو مهان انسان هو سائين جي ايم سيد ۽ حشو هڪ ٻئي کي استاد چوندا هئا سائين جي ايم سيد شروعات ۾ مذهبي سياست ڪئي جنهن بعد سياست جو رخ تبديل ڪيو جيڪڏهن حشو ڪيس ڀيرياڻ ملي ها ته ڪافي سنڌ جا سور گهٽجن ها هن چيو ته اڄ سنڌ جي صورتحال ڳڻتي جوڳي آهي ان ڪري سنڌ جي نوجوانن کي سجاڳ ٿيڻو پوندو سنڌ تي مختلف پاسن کان ڪاهون ٿيون پر مزاحمت جي ڪري سنڌ قائم آهي جيڪڏهن هيئنر اسان مزاحمت نه ڪئي ته تاريخ ۾ اسان کان پڇاڻو ڪيو ويندو سنڌ ٿنڪرس فورم جي چيئرمين سيد محمد منير شاهه چيو ته حشو هڪ ڪردار جو نالو هو جنهن پنهنجي ڌرتيءَ سان نڀايو اهو ڪردار سري نٿو سگهجي اسان کي به اهڙو ئي ڪردار ادا ڪرڻو پوندو آزاد سمون چيو ته حشوءَ کي زبردستي جيل ۾ وجهي سنڌ بدر ڪيو ويو سنڌس آخري وقت ۾ لاش ۾ نه مليو سسئي وانگي سنڌ کي ياد ڪندي رڻ ۾ دفن ٿي ويو . سائل پيرزادي چيو ته حشو جو وطن ڇڏڻ چڻ ته سسئيءَ جي پنهور کي آخري ڇمي هجي جيئن حشوءَ کان زمين کسي وئي اسان کي به سوچڻ گهرجي ته ايئن نه ٿئي جو اسان کان به ائين ئي زمين کسي نه وڃي . جهانگير ذاهري چيو ته سنڌي قوم اڄ به ورهاڱي واري سانحي ۾ قاتل آهي ماڻهن کي تلوار سان وڍيو ويو آهي حشوءَ کي سنڌ مان ته ڪڍيو ويو پر سنڌس کي هندستان به پنهنجو نه ڪيو' اعجاز سنڌو چيو ته اسان کي پنهنجي وطن جي مالڪي ڪرڻي پوندي ايندڙ نسل کي ڪتاب پڙهايو ته جيئن ڌرتي کي ويجها ٿين ان موقعي تي ضلعي صدر مقصود انڙ . سائين بخش انڙ . سرتاج انڙ سميت ٻيا مهمان پڻ موجود هئا آخر ۾ حشو جي 111 هين جنم ڏينهن جي حوالي ڪيڪ پڻ ڪٽيو ويو

هالا جي سول سوسائٽي اڳواڻ انجنيئر عنايت ميمڻ جي پٽ جي شادي تقريب

هالا(ن ع) هالا جي سول سوسائٽي اڳواڻ سعودي ڪنسلٽنٽ انجنيئر عنايت ميمڻ جي پٽ انجنيئر ثناءُ ميمڻ جي شادي تقريب ۾ سعودي اليڪٽرڪ سٽي ڪنسلٽنٽ انجنيئر اڪبر برهماڻي، سعودي ڪنسلٽنٽ سميع ميمڻ سيف جان،پي پي اڳواڻ حاجي بدر ميمڻ نوازليگ صوبائي اڳواڻ نصير ميمڻ سنڌ آبادگار بورڊ اڳواڻ خالد دوداڻي ميمڻ ڪي اي ايس سي اڳوڻو چيف انجنيئر عبدالجبار ڏهر،سابق چيف انجنيئر آبپاشي عزيز قادرميمڻ،اڳوڻو چيف ايگزيڪٽو حيسڪو عبدالحق ميمڻ ڊي جي ايم سوئي سدرن گيس منظور ميمڻ،اڳوڻو پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغني لنجان،ريٽائرڊ ڊي جي اظهر قادر ميمڻ سابق ڊائريڪٽر انور قادن ڊاڪٽر اصغر قادن ايڊووڪيٽ اظفر بهزاد، چيئرمين سول سوسائٽي سيد گلفام شاهه ڪاظمي آبادگاربورڊ اڳواڻ منظور مصراڻي ميمڻ اينٽي ڪرپشن ڊائريڪٽر فهيم ڊائريڪٽر پاپوليشن شهاب ميمڻ فرحان ميمڻ سپريڊنٽ جيل حيدرآباد عبدالڪريم عباسي حماد آخوند،اڳوڻو انجنيئر آبپاشي عزيزالله سينيئر صحافي محمد افتخار،ميمڻ،عبدالرحيم ميمڻ عمير ميمڻ ۽ ٻين وڏي تعدادم شرڪت ڪئي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هيءَ اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آڱارو 23 ڊسمبر 2025ع

تحريڪ تحفظ آئين پاران ڪوٺايل قومي ڪانفرنس!

اسلام آباد ۾ ٿيل قومي ڪانفرنس، جنهن جو اهتمام تحريڪ تحفظ آئين ڪيو، ملڪ جي سياسي منظرنامي ۾ هڪ اهم علامتي ۽ فڪري موڙ طور ڏٺي وڃي ٿي. هيءَ ڪانفرنس ان وقت ٿي آهي، جڏهن ملڪ اندر سياسي بيچيني، معاشي دٻاءُ ۽ رياستي ادارن بابت عوامي سوال پنهنجي انتها تي پهتل آهن. اهڙي ماحول ۾ مختلف سياسي، قومي ۽ فڪري ڌرين جو هڪ ئي ڇت هيٺ گڏ ٿيڻ پاڻ ۾ هڪ پيغام آهي، جيڪو حڪومت توڙي طاقتور حلقن لاءِ نظرانداز ڪرڻ آسان نه هوندو. سوال اهو ناهي ته ڪانفرنس ۾ ڪنهن ڇا چيو، اصل سوال اهو آهي ته ان گڏجاڻيءَ جو رياست ۽ حڪومت تي ڪيترو اثر پوندو. پاڪستان جي سياسي تاريخ شاهد آهي ته اهڙيون ڪانفرنسون گهڻو ڪري يا ته نظرانداز ڪيون ويون آهن يا پوءِ وقت گذرڻ سان انهن جو اثر گهٽجي ويو آهي، پر موجوده حالتن ۾ صورتحال ڪجهه مختلف نظر اچي ٿي. ملڪ اندر سياسي صورتحال، معاشي بدحالي ۽ انتظاميا تي اعتماد جي گهٽتائي اهڙي سطح تي پهچي چڪي آهي، جتي ڪنهن به منظم سياسي آواز کي مڪمل طور دٻائڻ هاڻي ايترو سولو ناهي. هيءَ ڪانفرنس حڪومت لاءِ هڪ سنجيده سڏ آهي ته آئين، بنيادي حقن ۽ وفاقي ڍانچي بابت وڌندڙ خدشن کي رڳو سياسي بيانن سان ٽارڻ نه گهرجي. جيڪڏهن حڪومت هن گڏيل آواز کي صرف اپوزيشن جو سياسي دٻاءُ سمجهي نظرانداز ڪندي ته اهو عمل رياست ۽ عوام وچ ۾ موجود فاصلي کي وڌيڪ وڌائيندو. رياست جي طاقت جو دارومدار صرف انتظامي قدمن يا قانوني جبر تي ناهي، پر عوامي قبوليت ۽ اعتماد تي آهي، جيڪو هن وقت تيزيءَ سان ڪمزور ٿي رهيو آهي. ڪانفرنس جو هڪ وڏو اثر اهو به آهي ته هن مختلف سياسي ڌرين کي هڪ اخلاقي ۽ آئيني نڪتي تي گڏ ڪيو. اهو اتحاد جيڪڏهن برقرار رهي ٿو ته حڪومت لاءِ سياسي ميدان ۾ چئلينج وڌي سگهي ٿو، خاص طور تي جڏهن عوام اڳ ئي مهانگائي، بي روزگاري ۽ عدم تحفظ جهڙن مسئلن سبب مايوس هجي. تڏهن آئين ۽ حقن جي ڳالهه هڪ وسيع سماجي اپيل بڻجي سگهي ٿي. حڪومت کي سمجهڻ گهرجي ته اهڙي اپيل کي محض 'سياست' جو نالو ڏئي رد ڪرڻ حڪمت عملي نه پر سياسي شارٽ ڪٽ هوندو.

حڪومت جي سنجيدگيءَ جو اصل امتحان لفظن ۾ نه پر عمل ۾ ٿيندو. ڇا حڪومت سياسي قيدين بابت سوچيندي؟ ڇا ميڊيا، عدالتن ۽ پارليمان کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جي آزادي ملندي؟ ڇا صوبن جي خدشن کي واقعي ٻڌو ويندو؟ جيڪڏهن انهن سوالن جا جواب منفي رهيا ته اهڙيون ڪانفرنسون رڳو هڪ ڏينهن جو واقعو نه رهنديون پر مستقبل جي سياسي تحريڪن جو بنياد بڻجي سگهن ٿيون. ٻئي پاسي حڪومت لاءِ اهو به هڪ موقعو آهي ته اها صورتحال کي سمجهي هڪ سنجيده سياسي ڊائلاگ جي شروعات ڪري. پاڪستان جي تاريخ ٻڌائي ٿي ته طاقت جي زور تي سياسي مسئلا حل ڪرڻ هميشه وڌيڪ بحرانن کي جنم ڏنو آهي. جيڪڏهن حڪومت واقعي ملڪ ۾ استحڪام چاهي ٿي ته اختلاف ڪندڙ آواز کي دشمن سمجهڻ بدران شريڪِ گفتگو بڻائڻو پوندو. اهو به ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته عالمي سطح تي به پاڪستان جي سياسي صورتحال تي نظر رکي پئي وڃي. سياسي بيچيني، انساني حقن بابت سوال ۽ آئيني بحران معاشي لاڳاپن ۽ سفارتي اعتماد تي سڌو اثر وجهن ٿا. اهڙي حالت ۾ حڪومت لاءِ ضروري آهي ته اها اندروني سياسي مسئلن کي سنجيدگيءَ سان حل ڪري نه ته هر نئين ڪانفرنس يا احتجاج ملڪ جي تصوير کي وڌيڪ ڌنڌلو ڪندو.

بهرحال تحريڪ تحفظ آئين جي قومي ڪانفرنس حڪومت لاءِ هڪ آئينو آهي، جنهن ۾ رياست جي ڪمزورين، عوامي ناراضگي ۽ سياسي بيچيني صاف نظر اچي ٿي. هاڻي اهو حڪومت تي دارومدار رکي ٿو ته اها آئينو ٽوڙي ڇڏي يا پاڻ کي سڌاري. جيڪڏهن سنجيدگي، ڳالهه ٻولهه ۽ آئيني رستي کي اختيار ڪيو ويو ته هي ڪانفرنس شايد هڪ مثبت موڙ ثابت ٿئي، پر جيڪڏهن روايتي نظراندازي ۽ جبر جو رستو ورتو ويو ته پوءِ اها گڏجاڻي مستقبل جي وڌيڪ وڏين سياسي تحريڪن جو اڳواٽ اشارو بڻجي سگهي ٿي.

آئيني جي اڳيان

'وقت جي تيزي ۽ ٿڪل وجود جو نوحو'

حڪيم پريم چانڊاڻي

"دنيا ڏاڍو تيز هلي ٿي، / جندڙي ٿڪجي پوي ٿي"

سنڌ جي حساس ۽ انسان دوست شاعر پريم جون اهي ٻه سٽون سادي ٻوليءَ ۾ چيل محض لفظ ناهن پر هي ايڪويهين صديءَ جي ان انسان جو پيغام آهن جيڪو ترقيءَ جي ٻوڙ ۾ پنهنجو پاڻ وڃائي ويٺو آهي. اڄ جڏهن اسان هن شعر جي گهرائيءَ ۾ لهون ٿا ته اسان کي محسوس ٿئي ٿو ته شاعر اسان جي نسن ۾ ٻوڙندڙ ان بيچينيءَ کي، نبض تي هٿ رکي سڃاڻي ورتو آهي، جنهن جو علاج ڪنهن به طبيب وٽ ناهي. برق رفتار زمانو ۽ ساهه جي گهٽ: انسان فطرت جي گود مان نڪري، جڏهن کان مشينن جي دنيا ۾ داخل ٿيو آهي، تڏهن کان وقت جي رفتار سان سندس جنگ جاري آهي. اڳي وقت گذرندو هو، هاڻي وقت ٻوڙي ٿو. اڳي ماڻهو ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي ڪچهريون ڪندا هئا، دلين جا حال احوال ورندا هئا، پر اڄ ڪنهن وٽ ٻه پل لاءِ ته ڇا پر پنهنجي ذات لاءِ به وقت ڪونهي. اها ئي ته اها تيزي آهي، جنهن ڏانهن پريم شاعر اشارو ڪيو آهي. دنيا هڪ اهڙي ريل گاڏيءَ وانگر ٿي وئي آهي، جنهن جي نه ڪا منزل آهي ۽ نه وري ڪا بريڪ. اسان سڀ ان گاڏيءَ جا مسافر بڻجي ويا آهيون، جيڪي درين مان ٻاهر ڏسڻ جي بجاءِ صرف پنهنجي سيٽ پڪي ڪرڻ جي فڪر ۾ غلطان آهيون. ٽيڪنالاجي، انٽرنيٽ ۽ سوشل ميڊيا جتي اسان کي دنيا سان ڳنڍي ڇڏيو آهي، اتي اسان کي پاڻ کان پري به ڪري ڇڏيو آهي. پل پل بدلجندڙ منظر، روز نيون خواهشون ۽ هر گهڙي اڳتي نڪري وڃڻ جي هڪ اڻ کٽ ڊوڙ انسان کي هڪ اهڙي مشين بڻائي ڇڏيو آهي، جنهن ۾ احساس جو پرزو خراب ٿي چڪو آهي.

جندڙي ٿڪجي پوي ٿي: هڪ وجودي بحران: شعر جي ٻي سٽ، جندڙي ٿڪجي پوي ٿي، اصل ۾ هڪ الميو آهي. هي ٿڪ جسماني ناهي. جيڪڏهن هي جسماني ٿڪ هجي ها ته ننڊ ڪرڻ سان لهي وڃي ها، آرام ڪرڻ سان ٺيڪ ٿي وڃي ها، پر هي ٿڪ روح جو ٿڪ آهي. هي ٿڪ ان مسلسل ذهني ڇڪتاڻ جو نتيجو آهي، جيڪا اسان سڄو ڏينهن برداشت ڪريون ٿا. اسان جو اندر، اسان جي جندڙي، اصل ۾ فطرت جي سڪون جي طلبگار آهي. اها چاهي ٿي ته ڪنهن درياهه جي ڪپ تي ويهي پاڻيءَ جو آواز ٻڌجي، ڪنهن وڻ جي ڇانوَ ۾ ويهي پکين جون ٻوليون ٻڌجن يا وري ڪنهن پياري جي اکين ۾ ڏسي خاموشيءَ سان ساري ڪائنات جي حسناڪين کي محسوس ڪجي. پر جڏهن ٻاهرجي دنيا جو شور ۽ رفتار اسان جي اندرجي رفتار سان ميل نٿي کائي ته پوءِ هڪ عجيب قسم جي ڇڪ ڇڪ اندر ۾ جنم وٺندي آهي. اها ٽوڙ ڦوڙ انسان کي ڊپريشن، بيچيني، اڪيلائپ ۽ ويڳاڻپ جي اونهي کوهه ۾ ڌڪي ڇڏي ٿي. اڄ جو انسان بلند عمارتن ۾ رهي ٿو پر سندس من جو گهر خالي آهي. هن وٽ ڊوڙڻ لاءِ پڪا رستا آهن پر هلڻ لاءِ ڪو ساٿي ناهي. هو چنڊ تي قدم رکڻ جا خواب ڏسي ٿو پر ڌرتيءَ تي موجود گلن جي خوشبوءِ کان محروم آهي. اها محرومي ۽ اڪيلائيءَ ئي جندڙيءَ کي ٿڪائي وجهي ٿي. روح، جيڪو ازل کان سڪون جو متلاشي آهي، جڏهن ان کي مادي شين جي ٻوڙ ۾ ڦهليو وڃي ٿو ته هو رڙيون ڪري ٿو پر دنيا جي گوڙ ۾ اها رڙ ڪير به نٿو ٻڌي. خواهشن جو سراب ۽ وقت جو جبر: هن تيز هلندڙ دنيا جي انجڻ خواهشون آهن. هڪ خواهش پوري ٿئي ٿي ته ٻي جنم وٺي ٿي. سرمائيداري نظام اسان کي اهو يقين ڏياري ڇڏيو آهي ته وڌيڪ حاصل ڪرڻ ئي زندگيءَ جو مقصد آهي. پر حقيقت ۾، جيترو اسان دنيا جي پويان ڀڄون ٿا، دنيا اوترو اسان کي پويان ڇڏيندي ٿي. اهو هڪ اهڙو سراب آهي، جنهن ۾ پاڻي نظر اچي ٿو پر اڃ ڪڏهن به نٿي لهي. پريم شاعر جي هن فڪر ۾ هڪ ڊيڄاريندڙ گهنٽي به آهي. هو اسان کي ياد ڏياري رهيو آهي ته انسان جي صلاحيتن ۽ طاقت جي هڪ حد آهي. اسان روبوٽ ناهيون. اسان جذبن، احساسن ۽ ساهه کڻندڙ وجود جا مالڪ آهيون. جيڪڏهن اسان هن بي مقصد تيز رفتاريءَ تي ضابطو نه آندو ته پوءِ نه صرف اسان جي جندڙي ٿڪجي پوندي، پر اسان جو اجتماعي شعور ۽ سماجي ڍانچو به پورو پورو ٿي ويندو.

سڪون جي تلاش : واپسيءَ جو رستو: هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته ڇا ڪجي؟ ڇا دنيا کي ڇڏي ڏجي؟ بلڪل نه، پر دنيا جي رفتار سان هلڻ جي جنون ۾ پاڻ کي اجاڙڻ يا وڃائڻ نه گهرجي. اسان کي پنهنجي زندگيءَ ۾ وقفو وٺڻ جي ضرورت آهي. اسان کي گهرجي ته ڪجهه گهڙيون هن تيز رفتار دنيا کان پري رهي ڪري، پنهنجي ذات لاءِ وقت ڪڍون. پنهنجي رب سان روح جو رابطو بحال ڪيون. پنهنجي ڌرتيءَ سان ويجهڙائي پيدا ڪريون ۽ انهن ننڍين خوشين کي ڳوليون، جيڪي وڏن بنگلن ۽ مهانگين گاڏين ۾ نه پر ڪنهن ٻار جي مرڪ ۾، ڪنهن بزرگ جي دعا ۾ ملن ٿيون. جندڙي تڏهن ٿڪجي پوي ٿي، جڏهن اها پنهنجي اصل مرڪز کان پري ٿي وڃي ٿي. ان ڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اسان پنهنجي اندرجي آواز کي ٻڌون. رفتار ڀلي زماني جي هجي، پر موسيقي اسان جي پنهنجي روح جي هئڻ گهرجي. جيستائين اسان پنهنجي اندر ۾ سڪون پيدا نه ڪنداسين، تيستائين ٻاهرجي دنيا اسان کي ائين ئي گهيليندي رهندي ۽ اسان ٿڪجي ٽٽي، ذرا ذرا ٿي وکري وينداسين. حاصل مطلب: شاعر جو هي شعر، جديد دور جي نوحي سان گڏوگڏ هڪ نصيحت پڻ آهي. هي اسان کي درس ڏئي رهيو آهي ته بيهو، ساهه کڻو ۽ ڏسو ته توهان ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيو؟ ڇا اها منزل واقعي ايتري اهم آهي، جنهن لاءِ سڄو سفر ئي اذيتناڪ بڻجي وڃي؟ اچو ته زندگيءَ کي جيئڻ سکون، نه رڳو ان کي گذارڻ سکجي، ڇو ته دنيا ته تيز هلندي رهندي پر هيءَ نماڻي جندڙي، جيڪڏهن هڪ دفعو ٿڪجي ڪري پئي

ڪجهه سرد ته ڪجهه گرم ڊسمبر 2025ع

مير اعظم علي ٽالپر

ڊسمبر مهيني جي موسم به ڪجهه عجيب آهي، رات جو سيانڊو ته ڏينهن جو گرمي بشرط سج صاف نڪتل هجي ته اُن ۾ تپش محسوس ٿئي ٿي. جيتوڻيڪ ماضيءَ ۾ اڄ کان 50 يا 60 سال اڳ ڊسمبر سرد سياري وارو ٿي ويندو هو پر اڄڪلهه ماحولياتي ڦيرڦار سبب ڊسمبر به گهڻو بنا سرديءَ جي گذريو وڃي. حالانڪ ڊسمبر جا هي آخري ڏينهن ڪجهه سرديءَ وارا ٿيندا آهن. پر ڊسمبر ۾ شام وارو وقت هڪ اداس وقت هوندو آهي، صبح جو دل اُٿڻ کان انڪاري هوندي آهي ته پٿهرڻ جو اُس وٺندي آهي. البته ڊسمبر کان شام جو سج (ڏينهن وڏڻ) لهڻ ۾ ڪجهه منٽ دير ڪندو آهي، ياد رهي ته برصغير جي ورهاڱي کانپوءِ 1947ع کان 1951ع (تقريبن 5 سال) تائين پاڪستان ۽ هندستان جو معياري وقت ساڳيو هڪڙو ئي هو جيڪو پهرين گڏيل ملڪ ۾ هوندو هو. پر حسابن جي ماهر ۽ رياضيدان پروفيسر محمود انور کي پاڪستان جي معياري سيالڪوٽ (شڪر ڳڙهه) واري علائقي کان سج اڀرڻ جي پهرئين ڪرڻي کي ڳڻڻ لاءِ چونڊيو ويو. جو ته بقول پروفيسر منير محمود انور ته پاڪستان ۾ سج اڀرڻ جي شروعات اتان ٿئي ٿي، جنهن مطابق پاڪستان جو معياري وقت هندستان ۽ سريلنڪا کان اڌ ڪلاڪ پوئتي آهي. بهرحال پروفيسر منير ائين وقت جو ٽاسڪ مڪمل ڪيو ۽ هاڻ ته ڊسمبر جي 20 ۽ 21 تاريخ (ڇنڇر ۽ آچر) گذري وڃڻ کانپوءِ ته سال جي ڊگهي ۾ ڊگهي رات جو به لٽاڪو گذري ويو. البته اها ٻي ڳالهه آهي ته اُن ڊگهي رات جي سمهي ننڊ ڪرڻ جو آرام بندن (ماڻهن) کي ڪيترو نصيب ٿيو ۽ سنڌن جسم جو سُور لٿو يا نه. جو ته 21 ڊسمبر تائين راتيون وڏيون ۽ ڏينهن ننڍا هوندا آهن. اهو سلسلو روزانو 80 سيڪنڊ گهٽ ڏينهن وار 21 ڊسمبر تائين هلڻ کانپوءِ 22 ڊسمبر (ڪالهه سومر) کان روزانو ڏينهن 45 سيڪنڊ وڏڻ شروع ٿي ويندو آهي، يعني سج 45 منٽ دير سان لهڻ لڳندو آهي. اُن ڪري چوندا آهن ته هڪ سج به پاڇا. اها ته قدرت جي طاقت آهي. جيڪا هيڏي ساري ڪائنات کي هلائي ٿي، خلقِ خدا کي ڪهڙي مجال آهي؟ قدرت ئي سج، چنڊ، تارا اُڀاري ۽ لاهي ٿي، اُن ۾ انسان جو ڪهڙو وس آهي. بندو (ماڻهو) ته خود محتاج ۽ لاچار آهي. اُن ۾ ڪيترين ئي ڀلي چڱاين ۽ خوبيون هجڻ پر هو مجبورين ۽ خواهشن جي جار ۾ به ڦاٿل آهي. جنهن ۾ ذلت ۽ خواري به شامل آهي. اُن جو واضح مثال گذريل ٻن ٽن ڏينهن ۾ پاڪستان جا اڌ لک کان مٿي (60 هزار) پينو فقير دنيا جي مختلف ملڪن مان ڊي پورٽ ڪيا ويا آهن. جيڪي ايڪسپورٽ ڪوالٽي تحت پنڻ ۽ خيرات لاءِ ٻاهرين ملڪن ۾ دوري تي ويل هئا. پنڻ هڪ ڌنڌو ۽ فائدي وارو ڪاروبار ٿي ويو آهي. دنيا ۾ پنڻ هڪ فائدي واري صنعتڪاري آهي. جنهن ۾ جيڪو ڪجهه مليو، نه مليو ته وري به خير آهي. ڪو به نقصان ته نه پوندو. تازو 'ڏي ڙي بندا نالي الله جي' صدا ٻڌندي سعودي عرب مان 56 هزار، دبئيءَ مان 6 هزار، پاڪستاني فقيرن آذر بائيجان جهڙي ملڪ کي به بخش نه ڪيو. جتان تقريبن اڍائي هزار پاڪستان جا فقير واپس ملڪ موڪليا ويا. جڏهن ته ملڪ ۾ ٻندن جي چوري ۽ سينا زوري، ڌاڙيلن جون ڳالهيون ڪا نئين ڳالهه نه آهي. سڀ عام ڳالهيون آهن پر تڪڙو ۽ جلدي انصاف تازو لاهور ۾ به عدد صوف ۽ هينڊ واش چوري ٿي وڃڻ تي جج صاحب فورن ڪارروائي ڪندي نامعلوم چور کي ثقافت سزا طور سزا ۽ ڏنڊ جو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو. جيتوڻيڪ صوفن ۽ هينڊ واش جو چور هٿ نه آيو. بهرحال ٻئي ڏينهن وري ڪورٽ اهو ڪيس ٿي رد ڪري ڇڏيو، هاڻ قانون ۽ انصاف جو ذڪر نڪتو آهي ته سنڌ ۾ اڄڪلهه هر طرف اِي چالان جو چرچو هلندڙ آهي. اِي چالان حادثا روڪڻ لاءِ ڪيترو موثر ثابت ٿيندو؟ سو ته ايندڙ وقت ٻڌائيندو. البته اِي چالان جو سڄو نزلو صرف ڪارن ۽ موٽرسائيڪلن مٿان ڪِري رهيو آهي، ڪو به ڊمپر، ڪنٽينر، ڪوچ ۽ ڪوسٽر انهيءَ معزز چالان کان ٻاهر آهن. جڏهن ته ٻي انتهائي چڙواڳيءَ جي ڇوٽ اسپيڊ سان اَهي هلن ٿا ۽ ايڪسيڊنٽ به هنن جي تيز رفتاريءَ سبب ٿين ٿا. بهرحال وقت ظاهر ڪندو ته اِي چالان جو ڪيترو فائدو عوام کي پهتو يا هوٽل ۾ آيل اُن گراهڪ واري ٻِل جيان بيرو پري کان بيهي دخل ٿي ويٺل سيٽ کي پئسا وٺڻ لاءِ وڏي آواز ۾ چوندو 'ڪايا پيا ڪُڇ نهين، گلاس توڙني کي صاحب سي پانچ روپئي لو' سو اُن وانگر اِي چالان به پريندي پريندي ڪارن ۽ اسڪوٽرن وارا هلندا رهندا. اُن کانپوءِ جڏهن هي قصو ماضيءَ جو داستان بڻجي ويندو ته واقعي اِي چالان صحيح هو، حادثن جي حوالي سان يا رڳو اُن وقت جي سرڪار عوام جا کيسا خالي ڪري پنهنجو خزانو ڀريو هو. هاڻ جڏهن ڳالهه ٽرانسپورٽ جي حوالي سان نڪتي آهي ته هن وقت سنڌ ۾ ڊبل ڊيڪر بسون هلائڻ لاءِ چين ولائيت مان بسون ڪراچيءَ ۾ پهچي چُڪيون آهن ۽ هاڻي رڳو 'استاد ڊبل' چوڻ جي دير آهي، اُن کانپوءِ ڪراچيءَ ۾ ڊبل ڊيڪر بسون عرف 'لاريون' هلڻ شروع ٿي وينديون، ماضيءَ ۾ بس کي بس بدران 'لاري' چيو ويندو هو. ماضيءَ واري بس تان ياد آيو ته اڄڪلهه ڪراچيءَ ۾ پراڻي بليڪ اينڊ وائيٽ فلم کي سو به شرطيه نيو پرنٽ سان ڪلر ۾ نمائش لاءِ پيش ڪيو پيو وڃي. يعني ڊبل ڊيڪر رنگ برنگي بسون ڪراچي پهچي چُڪيون آهن ۽ روڊ جي زينت بڻجڻ لاءِ تيار بيٺيون آهن. پر 1970ع واري ڏهاڪي ۾ جڏهن راقم شاگرد هو ته حيدرآباد کان ميرپورخاص تائين ڪيترين ئي صبح کان شام تائين ڊبل ڊيڪر بسون هلنديون هيون. اُن کانسواءِ حيدرآباد شهر اندر به ڊبل ڊيڪر بسون هر روڊ ۽ رستي تي روان دوان هونديون هيون. جن جا شهر ۾ مختلف اسٽاپ هوندا هئا، خاص ڪري گول بلڊنگ ويجهو ڪوٽڙي والا جيمبروٽ پير جي وڻ هيٺان ڊبل ڊيڪر بس موجود هوندي هئي، جنهن کي ڀهراڙيءَ وارا وري ماڙي بس سڏيندا هئا ۽ مٿي چڙهي ويهي شهر جو نظارو ڏسندا هئا. اُن ئي زماني ۾ راقم کي بسن جو هاف ڪرايو وارو ڪارڊ بس ايسوسيئيشن اونرس جي جنرل سيڪريٽري سائين انعام الحق ميمڻ ناهي ڏنو هو جنهن جو ميڊيڪل اسٽور 'انعام' نالي گاڏي کاتي ۾ اورينٽ هوٽل سامهون هو. هاڻ جڏهن پراڻو زمانو نه ٿي سگهي پر پراڻي دور جون ڊبل ڊيڪر بسون ڪراچيءَ ۾ موٽي آيون آهن ته اهي حيدرآباد ۾ به اچڻ گهرجن ۽ وري ڪراچيءَ ۾ 'ٽام' جي سروس کي به وري آڻڻ گهرجي. جيڪا سستي سواري هوندي هئي. جيڪڏهن اهو سڀ ڪجهه اچي ويو آهي ته پوءِ وري نوجوان جيڪي اڳي وارن جا وڏا وڏا قلم رکندا هئا، ننڍيون قميصون پائيندا هئا ۽ شلوار جا وڏا وڏا پانچا رکرائي اُن تي ٻه عدد گلابي رنگ جا ڪَندڙا درزيءَ کان لهرائيندا هئا ۽ عورتون پڻ ننڍا چولا زيبِ تن ڪنديون هيون ته ڇا واقعي اهو ثقافتي رنگ به وري ڊبل ڊيڪر بسن جي آمد سان گڏ موٽي ايندو؟ دنيا ۾ ته بجليءَ جون گاڏيون هلڻ پيون پر هتي ڊبل ڊيڪر بسن جي واپسي ٿي رهي آهي، جيتوڻيڪ پاڪستان ۾ بجليءَ جي گاڏين جي اچڻ جو ذڪر هلي رهيو آهي پر واعدن جو ڪهڙو اعتبار.

ملڪ ۾ سولر جو واپار ڌام ڌوم سان ٿي رهيو هو ۽ اُن مان پيدا ٿيندڙ بجلي جا مالڪ نه صرف وڪرو ڪري رهيا هئا، پر پاڻ به استعمال ڪري رهيا هئا. پر هاڻي سرڪار حساب لڳايو ته اُن مان عوام کي فائدو ۽ اهو فائدو ڇو آهي، سو هاڻي سرڪار سولر پلانٽ جي بجلي 11 روپيا في يونٽ خريد ڪندي ۽ سرڪار واپسيءَ ۾ بجلي 50 روپيا يونٽ ڏيندي، مطلب ته 'جس ڪي لاٺي اُس ڪي ڀينس' سو هن وقت ملڪ ۾ بجليءَ جي گاڏين جي آمد ڀلي ٿئي پر پوءِ انهن کي چارج ڪرڻ لاءِ بجلي ۽ ٻيون ضرورتون ڪيئن پوريون ٿينديون؟ اڄڪلهه سنڌ جي اسڪولن ۾ سياري جون موڪلون آهن، حالانڪ هن وقت سياري جون موڪلون نالي ۾ نيهال موڪلون آهن. جڏهن راقم اسڪول ۾ پڙهندو هو ته (1960ع کان) اُن زماني ۾ موڪلن جي شيڊيول کي ناتال جون موڪلون چوندا هئا، جيڪي هر سال 26 ڊسمبر کان 8 جنوريءَ تائين ٿينديون هيون (رڪارڊ موجب) پر هاڻ ته جمعي جمعو اٺ ڏينهن موڪلون ختم ٿي وڃن ٿيون. اُنهن موڪلن ۾ ڪئلينڊر ۾ هڪ موڪل لڪيل هوندي هئي، "اسلامي مهينو صفر پون اربع عام موڪل". اُن موڪل جي پس منظر جي تاحال ڪا خبر نه آهي ته پويون اربع صفر جو ڇو موڪل ٿيندي هئي، پر هاڻ اهڙي موڪلن جي ويڪيشن جي رونق ڪٿي آهي؟ بهرحال تازو سنڌ ۾ پيپلز پارٽيءَ جي وزيرن ۽ مشيرن هر ضلعي هيڊ ڪوارٽر ۾ کُلي ڪچهري ڪري عوام جا مسئلا معلوم ڪيا، حالانڪ جڏهن چاٽايل ماڻهو وزير يا ميمبر ٿيڻ لاءِ چونڊن ۾ بيٺا هئا ۽ هر هڪ ڳوٺ ۾ ورڪ تي آيا هئا ته عوام کين پنهنجي مسئلا ٻڌايا هئا، سو اُن ڪري نه وزير مشير نوان آهن ۽ نه ئي ڪو مسئلا نوان آهن، بس بيٺل پاڻيءَ ۾ ٺِير هٽڻو سو هنيو ويو. البته کُليل ڪچهرين مان حڪمران پارٽيءَ کي ڪو فائدو پهتو يا نه پر ڪيس عوام جي ٽيمپريچر (درجهءِ حرارت) جي خبر ضرور پئجي وئي هوندي، جڏهن ته عوام کي ڇا مليو يا نه مليو پر شهرن ۾ انهن ڪچهرين سان سياسي رونق ٿي وئي هئي. گهڻا سال اڳ وڃوٽو ۾ هڪ سائنسي پروگرام ٿيو هو. اُن ۾ به هڪ کُلي ڪچهري ٿي هئي، جنهن ۾ هڪ پوڙهو يا جهونو شخص پنهنجي زمين تي اربابن پاران قبضي خلاف ڌانهن ڪٿي اسٽيج تي پهتو ته جيستائين هو پنهنجو دردِ دل جگر چيري ٻڌائي، اُن کي انتظاميا ڪٿي وٺي ۽ شام جو نماز وقت هُن راقم کي وڃوٽو جي مسجد ۾ ٻڌايو (جيڪا اسلام ڪوٽ مٺي روڊ تي هئي) ته هن سان ڪهڙو ظُلم ٿيو آهي پر انتظاميا ٻڌڻ لاءِ تيار نه هئي، ڪالهه يا اڄ سنڌ جي وزيرن ۾ ڪو فرق نه آهي، اُن ڪري لتا جو مشهور گانو ياد اچي ٿو 'محنت مين اپني قدم لڙکڙائي، زمانہ سمجها ڪي هم پي ڪي آئي' بهرحال ڊسمبر جو مهينو ڪجهه سرد ته ڪجهه گرم پنهنجا باقي ڏينهن ڳڻي رهيو آهي ته سال 2025ع به پنهنجو ليکو چوکو ڪري رهيو آهي ۽ سڄو حساب ڪتاب پنهنجي نئين پاءِ 2026ع لاءِ تيار ڪري رهيو آهي. جيئن صدين کان هر سال پنهنجي مسئلن جي هڙ ٻئي ايندڙ سال (نئين سال) جي ڪُلهن تي رکي هليو ويندو آهي، تيئن 2025ع به عنقريب ائين ڪري هليو ويندو ۽ نئين سال جو جشن دنيا وارا ملهائيندا، پر ماضيءَ ۾ ڊسمبر 2025ع يادگار هوندو.

---

20 ماڻهو اغوا وارو واقعو پوليس لاءِ خطرناڪ پيغام!



ايڊووڪيٽ عبيدالله چڇڙ

هڪ ڌوهاريءَ جي گرفتاريءَ کان پوءِ 20 ماڻهو اگر اغوا ڪيا وڃن ته اهڙو عمل يقيناً پوليس لاءِ وڏو چئلينج آهي. اڄ کان لڳ ڀڳ 30 سال پهريان انهيءَ گڊو-گهوٽڪي اوٻاوڙو روڊ تي جيڪو واقعو پيش آيو هو شايد تاريخ جي بدترين واقعن مان هڪ هو جتي ڌوهاري ٽولن پاران هڪ ئي هنڌ 40 ڄڻن کي مسافر گاڏيءَ مان لاهي اغوا ڪيو ويو هو اهڙي واقعي کي نه رڳو ملڪي پر عالمي سطح تي ننديو ويو هو بلڪ سنڌ اندر پوليس کاتي جي اها ڪمزوري ۽ ناڪامي آهي جو هيڏو وڏو واقعو پيش اچي ٿو پر اها روايتي طور تي خاموش رهي ٿي. وقت جي رفتار سان واقعي ۾ اغوا ٿيل وقفي وقفي سان بازياب ٿيندا رهيا، جڏهن ته ماضيءَ کانپوءِ پاڻ مختلف وقتن تي ڏٺو جتي ڪڏهن ڪيترا ماڻهو راهه ويندي اغوا ٿيا ته وري ڦرلٽ يا قتل غارت هڪ معمول بڻيل آهي. تازو ڌوهارين ڊگهي ماضيءَ جي ياد تازي ڪرائيندي لڳ ڀڳ ساڳئي گڊو وايا گهوٽڪي روڊ تان ڪوچ مان 20 مسافرن کي زبردستي لاهي اغوا ڪري کڻي ويا. آيل خبرن موجب ته يارنهن مغوي بازياب ٿيا آهن، جن ۾ هڪ ڄڻي کي رستي ويندي دل جو دورو پيو جنهن کي ڇڏيو ويو. باقي 10 ڄڻا پوليس مقابلي دوران بازياب ٿيا آهن ۽ اڃان 9 مغوي ڌاڙيلن جي قيد ۾ هجڻ جون خبرون آيل آهن. اهڙي ريت پوليس جي موقف ۾ تضاد نظر رهيو آهي، جتي هڪ طرف چيو پئي ويو ته مجموعي طور سڀ مغوي ڌاڙيلن کان بازياب ڪرايا ويا آهن پر انهن کي اڃان تائين ميڊيا سامهون ظاهر ناهي ڪيو ويو. واقعي کانپوءِ جيتوڻيڪ پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جو گڏيل آپريشن جاري آهي، جنهن ۾ عورت سميت ڪي به ماڻهو مارجي وڃڻ جون به خبرون آيل آهن.

ان کان علاوه هاڻ ڌاريندڙ هڪ ٻيو واقعو رات جي پهر ۾ ان وقت پيش آيو آهي، جڏهن پنجاب جي صادق آباد کان ڪوئيٽا ويندڙ مسافر بس 30 ماڻهو کڻي وڃي رهي هئي ته گهوٽڪي ضلعي جي ڪنيڙا پوليس ٿاڻي جي حد گڊو-گهوٽڪي روڊ تان موٽر سائيڪل سوار هٿياربندن مسافر ڪوچ تي سڌا فائر ڪندي، بس جا شيشا ٽوڙي اندر داخل ٿي ويا. ڪجهه مسافر عورتن ۽ ٻين 20 ماڻهن کي زبردستي اغوا ڪري ڪچي طرف کڻي ويا. واقعو پيش اچڻ کان پوءِ ٿوري دير ۾ پوليس به هنگامي طور واقعي واري هنڌ پهتي ۽ ڌوهارين جو پيڇو ڪيو. جتي جاءِ واردات جي ڀرسان طرفن ڪمند جو فصل تمام گهڻي تعداد ۾ پوکيل هو جنهن جي ڪري هن پيري به ڌوهاري واردات ڪرڻ کانپوءِ سڀني مغوين کي ڪمند جي فصل ۾ کڻي ڪچي طرف هليا ويا ته پوليس اڳواٽ انهن جا گهٽ ۽ گهير سوڙها ڪيا، جنهن دوران ڌوهارين پاران يارنهن مغوين کي مجبور ٿي رستي تي ڇڏي ڏنو ۽ 9 ڄڻن کي پاڻ سان گڏ کڻي ويا، جيڪي هن مهل تائين ڌاڙيلن وٽ قيد ٻڌايا پيا وڃن. اتر سنڌ جي تاريخ ۾ هي ٻيون بدترين وڏو واقعو آهي، جتي هيتري تعداد ۾ ماڻهو هڪ ئي واردات دوران اغوا ڪيا ويا آهن ۽ اڄ اهڙي واقعي کي ماضيءَ جيان ملڪي سطح تي ننديو پيو وڃي. ماضيءَ ۾ جيڪو 40 ماڻهن کي اغوا جو واقعو پيش آيو هو، ان وقت به ڪچي سان تعلق رکندڙ ڌوهارين جي مائٽن جي پوليس پاران گرفتار ڪرڻ بعد واقعو پيش آيو هو. هن پيري به اهو چيو پيو وڃي ته پنجاب سان تعلق رکندڙ انڌڙ گينگ جي ڪجهه ماڻهن کي پنجاب ۽ سنڌ پوليس پاران گرفتار ڪيو ويو آهي، جتي سنڌن جي گرفتاري به ظاهر نه پئي ڪئي وڃي. هن پيري به انهن ڌوهاري ٽولن جيڪي پنجاب ۽ سنڌ جا هڪ ٻئي سان ساٿاري رهن ٿا، انهن اهڙي گرفتاريءَ جي ردعمل کانپوءِ هيڏو وڏو اغوا واقعو ڪيو آهي. جاءِ واردات جيتوڻيڪ قانوني طور ته گهوٽڪي ضلعي سان تعلق رکي ٿي پر جيڪڏهن گهڻ زخمي وهنوار، جتي بدامنيءَ کان وٺي اثر رسوخ يا وڏج واپار جو ذڪر ڪجي ته هتي پنجاب جي سرائيڪي بيلٽ سان تعلق رکندڙ ماڻهن جو وڏو واسطو رهي ٿو. انهيءَ جاءِ واردات کان چند ڪلو ميٽرن جي مفاصلي تي پاڻ کي ياد هوندو ته پنجاب حد چوڪ ماهي واري مڪيه هنڌ تي اڄ کان ٽي سال پهريان پنجاب جي ڌوهاري ٽولن دهشت جي وار ڪندي هڪ ئي هنڌ تي سگهن پائرن ۽ ٻيءَ سميت ڇهن ڄڻن کي موت جي ننڊ سمهاريو هو جيڪي پيرا به سنڌ جي ڪچي سان تعلق رکندڙ ڌاڙيل گينگ طرف ويا هئا. هن وقت هي جيڪو تازو واقعو پيش آيو آهي، هتي به ته رڳو مغوين جا پيرا سنڌ جي ڪچي واري علائقن ڏانهن ويندڙ آهن پر هتي ته رڳو پنجاب جا ڌوهاري پر ڪشمور ۽ گهوٽڪيءَ سان تعلق رکندڙ ڌوهاري به ساٿاريدار بڻيل نظر اچي رهيا آهن، جنهن جي عڪاسي ته رڳو انهن مغوين جا ويل پيرا پر گذريل ڏينهن جيڪو مريد شاخ پرسان پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جو گڏيل آپريشن ڪيو ويو، جتي لالوئي ۽ ميرائي برادرين سان تعلق رکندڙ ٻن ڌوهارين ۽ هڪ عورت جي مارجي وڃڻ جون خبرون آيل آهن.

اترين ضلعن ۾ ته هونئن ئي بدامنيءَ جي ٻاهه ٻريل آهي، جتي ته رڳو تازو واقعو پر هر آئي ڏينهن گهوٽڪي ڪشمور توڙي جو شڪارپور ۾ ڪون ڪو اڻ وڻندڙ واقعو ٿيڻ معمول بڻيل آهي. موٽ ۾ اسان جي پوليس چئي ٿي ته بدامني تي ڪنٽرول ڪيو ويو آهي. ڪجهه ڏينهن پهريان پاڻ ڏٺو ته شڪارپور اندر هيڏو وڏو واقعو پيش آيو. ان تناظر بعد ته رڳو شڪارپور جي همايون شريف پرسان ريل پٽڙيءَ کي ڌماڪي سان اُڏايو ويو. جتي معجزاتي طور ڪوئيٽا ويندڙ ريل گاڏي هڪ خوفناڪ حادثي کان محفوظ رهي پر ساڳئي رات نامعلوم هٿياربندن شڪارپور پرسان هڪ مسافر ڪوچ کي زبردستي روڪي لکين روپين جي ڦرلٽ به ڪئي. گڊو-گهوٽڪي روڊ مٿان پيش آيل تازو واقعو ڪيترائي سوال اٿاري ٿو هيڏي وڏي تعداد ۾ اغوا جي واقعي علائقي اندر هڪ خوف واري فضا کي جنم ڏنو آهي. مقامي رهواسين جو چوڻ آهي ته هي علائقو يا روڊ انتهائي مصروف روڊ هجي ٿو جتي نه رڳو ڪراچيءَ کان پنجاب ۽ ڪي پي ڪي ٽريفڪ عام جام وڃي ٿي پر جيڪا گهوٽڪي ضلعي جي مختلف شهرن جو ته ڪو ڪاٿو به نه ٿو لڳائي سگهجي. هتي گڏوگڏ اهو به سوچڻ ضروري آهي ته جيڪڏهن شڪارپور کان ڪشمور تائين رات جو 8 وڳي کانپوءِ ٽريفڪ کي ڇڏيو ويندو آهي ته پوءِ هتي سنڌ ۽ پنجاب جي ملندڙ جلندڙ روڊن مٿان هن مهل تائين ڪنهن ڪانواءِ جو بندوبست ڇو نه ٿيل آهي. بدامنيءَ جي ٻريل ٻاهه ته شڪارپور کان وڌيڪ گهوٽڪي ضلعي اندر نظر ايندي رهي ٿي ته پوءِ پوليس ۽ انتظاميه کي ته متحرڪ ۾ اچڻ گهرجي ها. خير اسان جي پوليس هونئن ئي جيئن وس وارن آڏو بيوس بڻيل رهي ٿي، تيئن ئي هتي ڌوهارين اڳيان به گوڏا کوڙيل نظر ايندا آهن. هن پيري هي جيڪي يارنهن مغوي هڪ ئي هنڌ بازياب ٿيڻ جون خبرون آيل آهن ته گڏوگڏ پوليس موجب ته باقي رهيل 9 ٻيا مغوي به آزاد ٿي چڪا آهن. ان زميني حقيقتن بابت ڪيتري صداقت آهي، تنهن جو پتو پڻ جلد پوندو ته اهي يارنهن مغوي ڌوهاري پاڻ ڇڏي ويا يا پوليس مقابلن جي نتيجي ۾ بازيابي ٿيا. اگر يارنهن مغوي بازياب ٿي ميڊيا سامهون ڏيکاريا پيا وڃن ته پوءِ ٻيا 9 ڪٿي گم ڪيا ويا آهن. اهڙي ريت پوليس پاران قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي مدد سان جيڪو ڌوهارين جي ٺاڪن ساڙڻ ۽ ماڻهو مارجڻ سان گڏوگڏ ڊرون ذريعي جيڪي ڌوهاري زخمي ٿيڻ جون خبرون هلي رهيون هيون ته انهن لاشن يا زخمين کي هن مهل تائين پوليس پنهنجي تحويل ۾ ڇو نه وٺي سگهي آهي؟ ان واقعي نه رڳو سوال پيدا ڪيا آهن پر امن واري علائقي ۾ هڪ ڳڻتيءَ واري فضا ڇانئجي وئي آهي ته آخر هي ڌاڙيل ۽ ڌوهاري فيڪٽر جو خاتمو ڪڏهن ٿيندو؟

قيمتي سرمايو



رسول بخش رئيس

پنهنجو ديس ٿي پنهنجو هوندو آهي اهو توهان انهن کان پڇي ڏسو، جيڪي روزي روٽيءَ جي چڪر ۾ پرديس ۾ پنهنجون ساريون عمريون ڳاري آخرڪار آخري ڏهاڙن ۾ ٿڌا ساهه کڻي، پنهنجي ڳوٺن محلن ۽ شهرن کي ياد ڪندي دم ٽوڙي ڇڏين ٿا. البته اهو چوڻ ته سڀني جو حال اهڙو ئي هوندو آهي ۽ سڀ وطن موٽڻ لاءِ تڙپندا رهن ٿا، درست ناهي، هتي اشارو رڳو هڪ اقليت ڏانهن آهي، جيڪا ڪنهن زماني ۾، اسان جي اندازي موجب، پرديس ۾ اڪثريت هوندي هئي. ڳالهه پهرين نسل جي انهن تارڪينِ وطن جي ٿي رهي آهي، جيڪي تعليم ۽ روزگار لاءِ مغربي ملڪن ڏانهن ويا ۽ آهستي آهستي اتي ئي رهجي ويا. جن سان اسان جون ملاقاتون اڌ صدي اڳ ٿينديون هيون، اڄ به انهن جو خيال ذهن ۾ تري اچي ٿو. اهي آمريڪا جي ڪنهن رياست جي ڳوٺ يا شهر ۾ رهندا هئا، پر جڏهن به ملاقات ٿيندي هئي ته ڳالهيون وطن جون، پراڻن دوستن جون، اسڪول ڪاليج جي ڏينهن جون ۽ ڳوٺ جي يادگيرين جون هونديون هيون.

ڳوٺاڻا ماڻهو پنهنجي ڪچين وسندين، دال ساڳ، ڍنڍن ۽ ماضيءَ جي رونقن کي ڪڏهن به نٿا وسارين. شهرن مان ويندڙن جو شايد معاملو ڪجهه مختلف هجي، جو ته هاڻي دنيا جي شهرن جي زندگيءَ ۾ هڪجهڙائي وڌندي پئي وڃي. ماڻهو جلدي نئين ماحول سان مانوس ٿي وڃن ٿا. فرق رڳو رفتار، طرزِ زندگي، نئين معاشي آسودگي ۽ سماجي آزاديءَ جو هوندو آهي، جيڪا مغربي ملڪن ۾ ميسر آهي. هتي رڳو پنهنجي ملڪ جي ڳالهه ناهي، پر ٽئين دنيا جي سڀني ملڪن مان مغرب ڏانهن هجرت جو وڏو سبب امن جي زماني ۾ هڪ بهتر معاشي مستقبل جو خواب رهيو آهي. اندروني خانه جنگين، تشدد ۽ فساد کان تنگ اچي به ماڻهو دنيا جي ڪنهن به خطي ۾ هجن، پنهنجو ملڪ ڇڏڻ تي مجبور ٿي وڃن ٿا. هڪ وڏو طبقو اهڙن ملڪن مان به آهي جهڙا اسان جا ملڪ، جتي خوشحال گهراڻا آهن پر مغرب جي سماجي آسودگي ۽ اظهارِ راءِ جي آزاديءَ کان متاثر ٿي اتي رهڻ پسند ڪن ٿا. هجرت جو ڪو هڪ سبب ناهي، جيترا ماڻهو، اوتريون ڪهاڻيون. ڪافي عرصي کان هي موضوع هڪ منظم علمي ڌارا بڻجي چڪو آهي جنهن کي اسان پنهنجي ٻوليءَ ۾ هجري مطالعات يا ڊائيسپورا اسٽڊيز چوندا آهيون. مهاجر ماڻهو هڪ يا ٻه نسل ته پنهنجي ٻولي ۽ ڪجهه حد تائين ثقافت کي سنڀالڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. پر انهن جو نئون نسل آهستي آهستي مقامي ثقافت جي گهري رنگ ۾ رچڻ لڳي ٿو. ڪي ماڻهو ته 'جهڙو ديس، تهڙو ويس' واري اصول تي هلندي، مقامي سماجن ۾ قبوليت حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي سڃاڻپ، حليو ۽ تعليم جو طريقو پل ۾ تبديل ڪري ڇڏين ٿا. جڏهن ٻولي بدلجي ٿي ته گهڻو ڪجهه بدلجڻ فطري ڳالهه آهي. ٻولي ئي ته دنيا کي ڏسڻ سمجهڻ لاڳاپا جوڙڻ ۽ نئين ماحول ۾ جيئڻ جو وسيلو هوندي آهي. هجرت جو جبر سڀني کي نئين ٻولي سکڻ تي مجبور ڪري ٿو.

ٻارن جو معاملو بلڪل مختلف هوندو آهي، ڇو ته انهن جو پنهنجي اباڻن ملڪن سان واسطو رڳو والدين ۽ ڪجهه رشتن تائين محدود هوندو آهي. اسڪولن ۾ داخل ٿيندي ئي اهي ٻين ٻارن سان گڏجي وڃن ٿا. ٻولي، آداب، ثقافت ۽ اخلاقي رويا نئين ملڪ جي تعليمي ادارن، چوڌاري ماحول ۽ تفريحي ذريعن مان ٺهندا آهن. مغربي تهذيب جي ڪشش جي تپش ٿي ايتري تيز آهي جو اهو سڀ ڪجهه ڳاري پنهنجي اندر جذب ڪري ڇڏي ٿي. آمريڪا جي 'ميلٽنگ پاٽ' واري نظريي ۾ هڪ طرف دلڪشي آهي ته ٻي طرف سوچڻ جو پهلو به. دلڪشي اها ته انهيءَ اُبرندڙ تهذيبي ڪڙاهي ۾ ٻين جا رنگ به ڪٿي نه ڪٿي نظر اچن ٿا، پر ان جي گهري تهن ۾ اڳ ئي موجود هڪ طاقتور رنگ آهي، جيڪو سڀني کي پاڻ ۾ جذب ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو. انهيءَ خوف سبب نون تارڪينِ وطن جي اندر هڪ نئين ڇڪتاڻ جنم وٺي ٿي ته پنهنجو مذهب، فرقو، قوميت، ٻولي ۽ ثقافت ڪيئن بچائجي. منهنجو پنهنجو مشاهدو آهي ته جيڪي هندو، سک ۽ مسلمان پنهنجي وطن ۾ روزمره جي زندگيءَ ۾ گهڻا مذهبي نه هئا، اهي آمريڪا يا يورپ پهچي خاص ڪري پنهنجن ٻارن ۾ مذهبي سڃاڻپ پيدا ڪرڻ تي وڌيڪ زور ڏيڻ لڳن ٿا. گهرن اندر به ڳوٺاڻو ماحول قائم رکڻ جون ڪوششون ٿين ٿيون. پر ٻولي ۽ ثقافت جو ناءُ ڪيترن ئي خاندانن جو ذهني سڪون برباد ڪري ڇڏي ٿو. ڌيئرن بابت ته هو وڌيڪ فڪرمند ۽ حساس ٿي وڃن ٿا ته ڪٿي هونئن نه ٿي وڃي، ڪٿي هيئن نه ٿي وڃي. جيڪڏهن شاديون آسمانن ۾، اسان جي روايتن مطابق طئي ٿين ٿيون ته پوءِ زميني حقيقتن سان ڪهڙو واسطو رهي ٿو؟ اها زميني حقيقت مغرب ۾ رهندڙن کي پنهنجين ڌيئرن تي وڌيڪ سختي ڏيکارڻ لاءِ اُڪسائي ٿي. ڪجهه المناڪ واقعن کان توهان به واقف آهيو. انهن جو ذڪر ڪري نه پنهنجي دل ساڙڻ جو فائدو آهي نه توهان کي اداس ڪرڻ جو. انهن نادانن کي اها سمجهه گهٽ ئي هوندي آهي ته آزاد معاشري ۾ آزاديءَ کان سواءِ ٻي ڪنهن قدر جو سِڪو نٿو هلي. پنهنجي ديس ۾ تارڪينِ وطن جو سڀ کان وڏو مسئلو معاشي ۽ سماجي آزاديءَ جي کوٽ هئي، جنهن کان جان ڇڏائڻ لاءِ هو سمنڊ پار ٿڌن ملڪن ڏانهن هليا ويا. پر اتي پنهنجن ٻارن جي سماجي آزاديءَ مان جنم وٺندڙ ڪجهه مسئلا، جيڪي اصل ۾ سندن ذهني بناوٽ سان لاڳاپيل هوندا آهن، انهن کي گهيري وٺن ٿا. مون پهرين نسل جي اڪثريت کي ٻن تهذيبن جي وچ ۾ ٽنگيل ڏٺو آهي. اسان جي ملڪن مان آمريڪا ۾ رڳجي ويل ڪيترائي دوست اهڙا به آهن جيڪي ڪنهن ڇڪتاڻ جو شڪار ناهن. هو اتي خوش آهن ۽ هتان سڀ ٻيڙيون ساڙي، مڪمل طور اتي جا ٿي ويا آهن. مغرب بابت اهو به چوڻ ضروري آهي ته اتي مذهبي آزادي اسان جي ملڪن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ آهي. هتي جيڪڏهن آزادي نظر اچي ٿي ته اها رڳو غالب مذهبي فرقن لاءِ هوندي آهي. ٿوري هن خطي جي ملڪن ۾ مذهبي اقليتن جي حالت ڏسو، جتي انهن جي عبادتگاهن ۽ گهرن کي ساڙڻ، انهن کي قتل ڪرڻ يا ڪوڙا ۽ ڪريل ڪيس مڙهڻ عام ڳالهه بڻيل آهي. پاڪستان جي باني جيڪو چيو هو ته "توهان هن ملڪ جا آزاد شهري آهيو، مندر وڃو، گرجا گهر وڃو يا مسجد، جتي چاهيو عبادت ڪريو. جيڪا سڃاڻپ چاهيو رکو". ان ڳالهه جي عملي شڪل گهٽ ۾ گهٽ حد تائين توهان کي يورپ ۽ آمريڪا ۾ نظر اچي ٿي. اتي هر مذهب ۽ قوميت جي ماڻهن پنهنجي مذهبي ۽ ثقافتي سڃاڻپ کي بچائڻ لاءِ پنهنجا ادارا قائم ڪيا آهن. ٻولي ۽ ادب بابت به ڪي ماڻهو فڪر رکن ٿا، جنهن لاءِ ڪا سختي رڪاوٽ ناهي. سياست ۾ به جيڪڏهن ڪا ڪميونٽي منظم هجي ته هو پنهنجو ڪردار بهترنموني ادا ڪري سگهي ٿي. هتي ته اسان جي سياسي تقدير موروثيتن جي غلبي هيٺ، عاجزيءَ کان سواءِ ٻي ڇا ٿي سگهي ٿي؟ اتي تارڪينِ وطن مان زهران ممداني ۽ صادق خان به پيدا ٿي سگهن ٿا.

اسان کي نه ان ڳالهه سان ڪا خاص دلچسپي آهي، نه واسطو ته ڪير ڪٿي ۽ ڇو رهڻ پسند ڪري ٿو. اسين ڏيهي ماڻهو آهيون ۽ اسان لاءِ پنهنجي ديس ۾ سنڌو درياهه جو ڪنارو ۽ ڪنهن ننڍڙي ٻيلي جي هڪ ڪنڊ ئي دنيا وسائڻ لاءِ ڪافي آهي. البت دل ۾ اِها چيٽ ضرور چُڀي ٿي ته جيڪڏهن اسان آزاد معاشرو، شهري آزادي ۽ ميرٽ تي ٻڌل سياسي نظام قائم ڪريون ها ته اسان جي باصلاحيت نوجوان نسل کي پرديس وڃڻو نه پوي ها. هاڻي اهي اُڏامي هليا ويا آهن، جيڪڏهن ڪڏهن موٽيا به ته شايد اسان نه هجون. سندن واپسيءَ جو ڪو ٻيو ئي زمانو هوندو.

ڪنڌ جي بحران بابت تحقيقاتي رپورٽ!



ڊاڪٽر مرزا اختيار بيگ

قومي اسيمبليءَ جي واپار بابت اسٽينڊنگ ڪميٽيءَ 20 آڪٽوبر 2025ع تي ڪنڌ جي بحران بابت منهنجي سربراهيءَ ۾ هڪ ڪميٽي جوڙي هئي، جنهن ۾ قومي اسيمبليءَ ميمبرز طاهره اورنگزيب، فرحان چشتي ۽ گل اصغر خان شامل هئا. ڪميٽيءَ کي ملڪ ۾ ڪنڌ جي بحران، غلط اسٽاڪ رپورٽنگ ڊيڪلري مراعتون حاصل ڪري ڪنڌ برآمد ڪرڻ، ڪنڌ جي مصنوعي کوٽ پيدا ڪري ڊيوٽي ۽ ٽيڪس فري درآمد ۽ مقامي مارڪيٽ ۾ ڳٽ جوڙ ۽ سٽيبازيءَ ذريعي ڪنڌ جون قيمتون وڌائڻ بابت جاچ ڪرڻ جي ذميواري ڏني وئي. ان سان گڏ ڪنڌ بحران ۾ مقابلي واري ڪميشن آف پاڪستان (سي سي پي)، شوگر ايڊوائزري بورڊ ۽ پاڪستان شوگر ملز ايسوسيئيشن (پي ايس ايم اي) جي ڪردار جو به جائزو وٺڻو هو. واپار بابت اسٽينڊنگ ڪميٽيءَ هدايت ڪئي ته ڪميٽي واضح طور انهن ادارن جي نشاندهي ڪري جيڪي ڪنڌ بحران جا اصل ذميوار آهن. ڪميٽيءَ ٻن مهينن اندر سڀني لاڳاپيل ادارن کان جاچ ڪري پنهنجي رپورٽ واپار بابت اسٽينڊنگ ڪميٽيءَ کي پيش ڪئي.

ان ڪميٽيءَ ۾ شامل سينئر قومي اسيمبلي

اضافي اسٽاڪ ڊيڪلري 7 لک 50 هزار ٽن ڪنڌ برآمد ڪرڻ جي اجازت ورتي، جيڪا جنوري 2024ع کان جنوري 2025ع تائين برآمد ڪئي وئي. ان کان پوءِ پي ايس ايم اي خراب موسمي حالتن سبب ڪنڌ جي پيداوار ۾ هڪ ملين ميٽرڪ ٽن گهٽتائي ظاهر ڪئي، جنهن سٽيبازن کي ڪنڌ جي قيمتن سان کيڏڻ جو موقعو ڏنو ۽ ڪنڌ جي قيمت 140 رپيا في ڪلو کان وڌي 200 رپيا في ڪلو تائين پهچي وئي. ان دوران حڪومت ڪنڌ جي سرڪاري قيمت 165 رپيا في ڪلو مقرر ڪئي پر مارڪيٽن ۾ قيمتون وڌنديون رهيون ۽ آخرڪار حڪومت کي ڪنڌ جي فراهمي يقيني بڻائڻ لاءِ 5 لک ميٽرڪ ٽن ڪنڌ درآمد ڪرڻي پئي. ان موقعي تي درآمد ڪندڙن ڪنڌ جي درآمد تي 47 سيڪڙو ڪسٽم ڊيوٽي، سيلز ٽيڪس، انڪم ٽيڪس ۽ ٻين محصولن جي مد ۾ 46 ارب رپيا حڪومت کان معاف ڪرايا ته جيئن مقامي مارڪيٽ ۾ ڪنڌ 175 رپيا في ڪلو وڪرو ٿي سگهي پر شوگر مافيا صورتحال مان فائدو وٺندي ڪنڌ

جي ڪاروبار کي ڊي ريگوليٽ ڪيو وڃي ته جيئن ڳٽ جوڙ سبب سرڪاري خزاني کي نقصان نه پهچي. اجلاس ۾ سي سي پي جي نمائندي ٻڌايو ته شوگر ملون ملي ڀڳت ڪري ڪنڌ جون قيمتون وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون. جنهن تي سي سي پي 2021ع ۾ ڳٽ جوڙ جي ثبوتن جي بنياد تي مِل مالڪن تي 44 ارب رپيا ڏنڊ لاڳو ڪيو هو، جيڪو عدالتن ۾ چيلينج ٿيل آهي. پاڪستان ۾ ڪنڌ جي ساليانو استعمال جو مقدار 6.5 ملين ميٽرڪ ٽن آهي. ڪميٽيءَ سفارش ڪئي ته ڪنڌ برآمد ڪرڻ کان اڳ گهٽ ۾ گهٽ هڪ مهيني جو بفر اسٽاڪ، يعني 5 لک ٽن رکيو وڃي ته جيئن بحران پيدا نه ٿي سگهي. اجلاس ۾ اهو به ٻڌايو ويو ته درآمد ڪيل ڪنڌ بارڪ داڻيدار هجڻ سبب مارڪيٽ ۾

انهن الزامن کي رد ڪري ڇڏيو پاڪستان جي ڀيٽ ۾ ڀارت ۽ بنگلاديش جهڙن ملڪن ۾ ڪنڌ جي قيمت گهٽ آهي، جنهن جو سبب في ايڪڙ ڪمند جي وڌيڪ پيداوار، گهٽ ٽيڪس ۽ ڊيوٽي، سستي بجلي، سرڪاري پاليسين جو تسلسل ۽ شوگر ملز ۾ جديد ٽيڪنالاجي جو استعمال آهي. جڏهن ته پاڪستان ۾ في ايڪڙ ڪمند جي گهٽ پيداوار، وڌيڪ ٽيڪس ۽ ڊيوٽي، مهانگي بجلي، سرڪاري پاليسين جو عدم تسلسل، ڪڏهن برآمد تي پابندي، ڪڏهن اجازت، ڪڏهن سبسڊي ڏيڻ ۽ ڪڏهن واپس وٺڻ ۽ پراڻي ٽيڪنالاجي اهڙا عنصر آهن جيڪي مقامي مارڪيٽ ۾ ڪنڌ جي قيمتن کي غير مستحڪم رکن ٿا. ان سان گڏ شوگر مل ملڪ ڪمند جي ڪرشنگ ۾ دير ڪري هارين کي مجبور ڪن ٿا ته هو گهٽ اگهه تي ڪمند وڪڻن. فوڊ سيڪيورٽي وزارت موجب گذريل ڏهن سالن دوران پاڪستان ۾ ڪنڌ عالمي مارڪيٽ جي ڀيٽ ۾ مهانگي رهي آهي، جڏهن ته درآمد تي مختلف ٽيڪس لڳڻ سبب ڪنڌ عالمي مارڪيٽ کان لڳ ڀڳ 30 رپيا في ڪلو وڌيڪ مهانگي ٿي وڃي ٿي. انهن حقيقتن جي بنياد تي ڪميٽيءَ گذريل هفتي واپار بابت اسٽينڊنگ

بقايا 1 بل منظور

قرارداد متفقه طور تي منظور ڪئي. حڪومت ۽ مخالف ڌر جي ميمبرن مسيح برادري کي انهن جي ٿهوار تي دل جي گهراين سان مبارڪباد ڏني. قرارداد پي پي پي جي ميمبر روما مشتاق مٽو پيش ڪئي. اقليتي معاملن بابت خاص مددگار چيو ته ڪرسمس محبت ۽ امن جو نالو آهي، هي ٿهوار اسان کي مذهبي رواداري قائم ڪرڻ جو درس ڏئي ٿو. ايم ڪيو ايم جي صابر قائمخاني چيو ته اسلام محبت جو مذهب آهي، اسان مسيح برادري کي مبارڪباد ڏيون ٿا. هن چيو ته ايم ڪيو ايم پهرين پارٽي هئي جنهن مسيح برادري کي وزارتي سطح تي عهدا ڏنا. پي ٽي آءِ جي شبير قريشي چيو ته مان پوري مسيح برادري کي ڪرسمس جي ڏينهن تي مبارڪباد ڏيان ٿو. جماعت اسلامي جي ميمبر محمد فاروق چيو ته اسلام جو نالو امن آهي، مان پاڪستاني مسيح برادري کي هن ٿهوار تي مبارڪباد ڏيان ٿو. صحت واري وزير ڊاڪٽر عذرا پيچوهو چيو ته مان هڪ مسيح اسڪول ۾ پڙهندي هيس ۽ منهنجي ڏائي پيدائش وقت مسيح هئي. هن چيو ته منهنجي موجودگي انهن جي ڪري آهي، منهنجي طرفان، مان مسيح برادري کي ڪرسمس جون تمام گهڻيون مبارڪون ڏيان ٿو. قانون ۽ پارلياماني معاملن واري وزير ضياءُ الحسن لنجار مسيح برادري کي مبارڪباد ڏني ۽ چيو ته پيپلز پارٽي جي حڪومت ۽ قيادت هميشه اقليتن کي حق ڏنا آهن. ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان جي آئين ۾ مذهبي هم آهنگي پيدا ڪئي. هن چيو ته پاڪستان ۾ سڀني مذهبن جا ماڻهو مڪمل مذهبي آزادي حاصل ڪن ٿا. ڪرسمس مسيح برادري لاءِ هڪ تمام وڏو ڏينهن آهي. اسان انهن جي خوشي ۾ انهن سان گڏ آهيون. ڊپٽي اسپيڪر اينٿوني نويد چيو ته اهو صوفين جي سرزمين جو هڪ بهترين مثال آهي ته سنڌ ۾ سڀئي اقليتون مڪمل مذهبي آزادي حاصل ڪن ٿيون. بعد ۾، قرارداد متفقه طور تي منظور ڪئي وئي. ايوان جي ڪارروائي دوران، ايوان پارلياماني معاملن واري وزير ضياءُ الحسن لنجار پاران پيش ڪيل ٿر ڪول انرجي بورڊ ترميمي بل جي منظوري ڏني. بل پيش ڪندي، قانون واري وزير چيو ته هي بل 2011 ۾ منظور ڪيو ويو هو پر هاڻي بل ۾ ڪجهه شقون تبديل ڪيون ويون آهن. سومر ڏينهن سنڌ اسيمبلي ۾ سوالن جي وقت، مڪاني ادارن واري کاتي سان لاڳاپيل سوالن جي وقت، مڪاني ادارن واري وزير جي بدران، کاتي جي پارلياماني سيڪريٽري سراج قاسم سومرو ميمبرن جي سوالن جا جواب ڏنا. سوالن جي وقت دوران، مخالف ڌر جي ميمبرن عوامي هنڌن تي ٽوائليٽ جي عدم دستيابي جو مسئلو اٿاريو. قاسم سراج سومرو ايوان کي ٻڌايو ته شهر جي سڀني عوامي پارڪن ۾ عوامي ٽوائليٽ قائم ڪيا ويندا، صفائي لاءِ باقاعده عملو مقرر ڪيو ويندو. هن چيو ته ڪلين سنڌ منصوبو ورلڊ بينڪ جي سهڪار سان جاري آهي، اهو سڄي سنڌ لاءِ هڪ منصوبو آهي، جنهن ۾ ڪراچي به شامل آهي. ايم ڪيو ايم جي عامر صديقي چيو ته عوامي ٽوائليٽ جي جڳهن جي نشاندهي ڪئي وڃي. قاسم سراج سومرو چيو ته پراڻا عوامي ٽوائليٽ ڊاهي ڇڏيا ويا، هاڻي نوان ٽوائليٽ ٺاهيا پيا وڃن. شهر ۾ پاڻي جي کوٽ جي حوالي سان هن چيو ته ڪراچي ۾ ايترو پاڻي ناهي جيترو ان جي ضرورت آهي. پاڻي چوري بابت ايف آءِ آر داخل ٿيون آهن. ماضي ۾ سزائون نه ڏنيون ويون هيون، پر هاڻي ان معاملي تي سخت ڪارروائي ڪئي پئي وڃي. پارلياماني سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ چيو ته سنڌ هاءِ ڪورٽ پاڻي چوري خلاف ٽريبونل قائم ڪيو آهي. پاڻي چوري جا ڪيس هاڻي ٽريبونل ۾ هلايا ويندا. هن چيو ته ايڪٽ ۾ ترميمون ڪيون پيون وڃن، ۽ نئين قانون ۾ سخت سزائون مقرر ڪيون وينديون. سراج قاسم سومرو ايوان کي ٻڌايو ته ڪي-4 منصوبو هڪ سال ۾ مڪمل ڪيو ويندو، جنهن کان پوءِ ڪراچي ۾ پاڻي جو مسئلو حل ٿي ويندو. هن چيو ته مليرندي تي ننڍن ڊيمن جي هڪ زنجير ٺاهي وئي آهي. هن چيو ته اسان وٽ سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي سان ڪم ڪرڻ جي تجويز آهي ته هڪ نقشو تيار ڪيو وڃي جيڪو هڪ ٽينڪ جي تعمير جي اجازت ڏئي جتي برسات جو پاڻي ذخيرو ڪري سگهجي. مخالف ڌر جي اڳواڻ علي خورشيدي چيو ته فائر برگيڊ وٽ عملي جي کوٽ آهي، ۽ اها حڪومت جي ذميواري آهي ته اها هن کوٽ کي پورو ڪري. ڇا حڪومت باهه لڳڻ دوران ٽينڊر سڏي موتن جي ذميواري به کڻندي؟ سراج قاسم سومرو چيو ته حڪومت ريسڪيو 1122 تنظيم پڻ قائم ڪئي آهي ۽ عملي ۾ واڌ ڪئي آهي. ميئر واعدو ڪيو آهي ته شيون بهتر ڪيون وينديون. سنڌ حڪومت پنهنجي ڪارڪردگي بهتر ڪئي آهي ۽ ماڻهو ڪارڪردگي جي بنياد تي اسان کي ووٽ ڏين ٿا. هن چيو ته گڏاپ ۾ فائرمين کي تربيت ڏيڻ لاءِ هڪ تربيتي ادارو آهي. ايوان جي ڪارروائي دوران ميمبرن ڪيترائي ڌيان ڇڪايو نوٽيس پڻ پيش ڪيا جن ۾ عوامي اهميت جي مسئلن جي نشاندهي ڪئي وئي. ايم ڪيو ايم جي قرة العين پنهنجي ڌيان ڇڪايو نوٽيس ۾ چيو ته سنڌ ۾ منشيات جو استعمال وڌي رهيو آهي، سنڌ حڪومت ڪهڙا قدم کڻي رهي آهي؟ تعليمي ادارن ۾ به ٻارن کي منشيات ملي رهي آهي. ايڪسائيز ۽ نارڪوٽڪس واري وزير مڪيش ڪمار چاولا چيو ته سڄي صوبي ۾ منشيات خلاف ڪارروائيون جاري آهن. اسڪولن ۾ والدين ۽ استادن تي مشتمل هڪ خاص ڪميٽي ٺاهي وئي آهي. پوليس جا نمائندا به شامل آهن ۽ منشيات جي واپار ۾ ملوث ماڻهن خلاف ڪارروائي ڪئي پئي وڃي. ايم پي اي محمد اويس پنهنجي ڌيان ڇڪايو نوٽيس ۾ چيو ته شاهه فيصل ڪالوني نمبر 4 جو پمپنگ اسٽيشن ٽن کان چار لک جي آبادي کي پاڻي فراهم ڪري ٿو هي اهي علائقا آهن جتي 24 ڪلاڪن مان به ڪلاڪ پاڻي موجود آهي. هتي هڪ ٽينڪ ٺاهڻ جي درخواست ڪئي وئي آهي، جنهن کي اي ڊي پي ۾ پڻ شامل ڪيو ويو آهي. هڪ وقت ڏنو وڃي ته اهو ڪڏهن مڪمل ٿيندو. سنڌ جي وڏي وزير جي درخواست جي باوجود، هي ڪم مڪمل نه ٿي رهيو آهي. هن چيو ته عوامي ڪالوني، بلال ڪالوني ۽ ناٿا خان پاڻي کان محروم آهن. لوڪل گورنمينٽ ڊپارٽمينٽ جي پارلياماني سيڪريٽري قاسم سومرو چيو ته هي اسڪيم 2027 تائين مڪمل ٿيڻي آهي، جڏهن ته، بي اسڪيم جون کان اڳ مڪمل ڪئي ويندي. ايم ڪيو ايم جي طحه احمد ڪراچي جي ماسٽر پلان بابت ڌيان ڇڪايو نوٽيس پيش ڪيو. پي ٽي آءِ جي سجاد سومرو پنهنجي اعتراض واري نقطي ۾ لياري مان هڪ ٻار جي اغوا جو معاملو اٿاريو جنهن تي گهرو وزير يقين ڏياريو ته ٻار تمام جلد بازياب ڪرايو ويندو. هن چيو ته مان ايوان ۾ واعدو ڪريان ٿو ته ٻار محفوظ طور تي واپس ايندو. ايم ڪيو ايم جي شارق جمال اعتراض تي چيو ته ٽرانسپورٽ واري وزير چيو ته جيڪو نمبر سنڌ جي ويب سائيٽ تي ناهي اهو سنڌ جي گاڏي ناهي، ريڊ بسن جي نمبر پليٽ ايڪسائيز ويب سائيٽ تي چيڪ ڪئي وئي، ويب سائيٽ تي ڪا به ريڊ بس رجسٽرڊ ناهي. ماڻهو اي چالان جي خلاف آهن. سنڌ اسيمبلي جي اجلاس ۾ سومر ڏينهن تي نئين سال دوران پاڪستان جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ خاص دعا گهري وئي. اجلاس ۾ قومي ڪرڪيٽ ٽيم جي انڊر 19 ٽيم جي ڪاميابي تي خوشي جو اظهار ڪيو ويو ان موقعي تي پاڪستان جي هٿياربند فوج جي مسلسل ڪاميابين لاءِ دعا کان علاوه شهيد محترمه بينظير ڀٽو ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي مغفرت لاءِ به دعا گهري وئي.

بقايا 2 ٽي ڄڻا زخمي

هٿياربندن فائرنگ ڪري ڏني. فائرنگ جي نتيجي ۾ دودو پٺاڻي، حضور بخش پٺاڻي ۽ اصغر پٺاڻي موقعي تي ئي مارجي ويا، جڏهن ته علي نواز پٺاڻي، زبير پٺاڻي ۽ حبيب الله پٺاڻي زخمي ٿي پيا. زخمين مان ٻن ڄڻن جي حالت گنڀير جوڳي ٻڌائي پئي وڃي، جن کي فوري طور سکر اسپتال منتقل ڪيو ويو. واقعي جي اطلاع ملڻ شرط خانپور مهر پوليس وڏي نفري سان گڏ واقعي واري هنڌ پهچي علائقو گهيري ۾ آڻي ڇڏيو جڏهن ته مقتولن جا لاش قبضي ۾ وٺي تعلقي اسپتال منتقل ڪيا ويا جتي پوسٽ مارٽم بعد لاش وارثن حوالي ڪيا ويا. مقتولن جا وارث رحيميار خان، صادق آباد ۽ پنجاب جي ٻين علائقن مان لاش وصول ڪرڻ لاءِ اسپتال پهچي ويا، جنهن بعد لاش پنجاب روانا ڪيا ويا. پوليس موجب واقعي بابت اڃا تائين ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي. ان حوالي سان ايس ايڇ او خانپور مهر طالب حسين جسڪاڻي ٻڌايو ته جوابدارن جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا پيا وڃن، جڏهن ته ٽن شڪي ماڻهن کي حراست ۾ ورتو ويو آهي. هن چيو ته وارثن جي فرياد تي ڪيس داخل ڪيو ويندو ۽ وڌيڪ جاچ جاري آهي. هوڏانهن واقعي جو صوبائي وزير سردار محمد بخش خان مهر نوٽيس وٺندي لاڳاپيل عملدارن کي هدايتون جاري ڪيون آهن. سندس هدايتن تي ٽائون ڪاميٽي خانگڙه جو چيئرمين عبدالرزاق مهر تعلقي اسپتال پهچي مقتولن جي وارثن کان واقعي بابت تفصيل ورتا، جڏهن ته ڊي ايس پي ميرپور ماٿيلو محمد يونس پوليس نفري سان گڏ واقعي واري هنڌ جو معائنو ڪيو. ٻئي طرف مقتولن جي وارثن الزام لڳائيندي چيو آهي ته سندن پنهنجي برادري جي شاهنواز پٺاڻي واري ڌر سان زميني ۽ سڱاوتي تڪرار هلندڙ هو جنهن جي خاتمي لاءِ هو ميڙ منٿ ڪٺي ويا هئا، پر سامهون ڌر بنا ڪنهن جواز جي فائرنگ ڪري ٽي ڄڻا قتل ۽ ٽي زخمي ڪري ڇڏيا. هنن مطالبو ڪيو ته جوابدارن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪري کين انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 3 احتجاج

جو رهواسي نوجوان زوهيب پنهور رنگ جي دڪان جا پئسا وصول ڪرڻ جي غرض سان مٽياري ضلعي جي شهر هالا ويو هو پر هو اڃان تائين واپس نه موٽيو آهي. وارثن موجب نوجوان ٽئين ڏينهن اڳ منجهند جو لڳ ڀڳ 1 وڳي کان لاپتا آهي، جنهن کان پوءِ هن سان ڪنهن به قسم جو رابطو نه ٿي سگهيو آهي. نوجوان جي اوچتي گمشدگي سبب گهر ڀاتي سخت پريشاني ۾ مبتلا آهن. وارثن پاران ايس ايس پي مٽياري کان پرزور مطالبو ڪيو ويو آهي ته نوجوان زوهيب پنهور جي ترت ڳولا ڪرائي وڃي ۽ پريشان خاندان سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 4 ڊپٽي ميئر

کي سوچڻ، سمجهڻ ۽ صحيح ۽ غلط ۾ فرق ڪرڻ سيکارين ٿا، جڏهن ته معاشرن جي فڪري تعمير ۾ ڪتاب جو ڪردار بنيادي حيثيت رکي ٿو هن چيو ته ڪتاب رڳو معلومات جو ذريعو نه آهن، پر اهي اخلاق، برداشت، تهذيب ۽ شعور جي تربيت پڻ ڪن ٿا. اهي خيال هن ايڪسپو سينٽر ڪراچي ۾ منعقد ٿيندڙ "ڪراچي ورلڊ بڪ فيئر" جو دورو ڪرڻ ۽ ليکڪ اطهر اقبال جي ڪتاب "هڪ چوٽي، هڪ ڪهاڻي" (جلد چوٿين) جي تقريب رونمائي ۾ بطور مهمان خاص شرڪت ڪندي ظاهر ڪيا. ان موقعي تي ليکڪ اطهر اقبال پنهنجي ڪتاب "هڪ چوٽي، هڪ ڪهاڻي" مهمان خاص کي پيش ڪيو ۽ تقريب دوران ڪتاب جي رونمائي ڪئي وئي. تقريب ۾ مختلف شعبن سان واسطو رکندڙ شخصيتن شرڪت ڪئي ۽ اطهر اقبال جي نئين ڪتاب کي گهڻو ساراهيو ويو تقريب جي صدارت نامياري محقق، مصنف، اڳوڻو چيئرمين شعبہ صحافت جامعہ ڪراچي ۽ ڪراچي پريس ڪلب جي اليڪشن ڪميٽي جو چيئرمين ڊاڪٽر توصيف احمد خان ڪئي. تقريب کي قومي اسيمبلي جي ميمبر احمد سليم صديقي، ڊاڪٽر توصيف احمد خان، ڊاڪٽر عقيل عباس جعفري، نامياري شاعر ۽ ڪالم نگار يونس همدم، حنيف سحر سهيل عابدي، ڪاوش صديقي، محبوب الهي محمود، رضوان زيدي، سيد منعم حسين ۽ صاحب ڪتاب اطهر اقبال پڻ خطاب ڪيو ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد وڌيڪ چيو ته نئين نسل کي ڪتاب سان جوڙڻ وقت جي سڀ کان اهم ضرورت آهي، ڇاڪاڻ ته سوشل ميڊيا ۽ ڊجيٽل دور ۾ مطالعو ڪرڻ جي عادت ڪمزور ٿي رهي آهي، جنهن کي ٻيهر مضبوط ڪرڻ لاءِ والدين، تعليمي ادارن ۽ سماجي تنظيمن کي گڏيل ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. هن چيو ته ڪتاب دوستي نوجوانن ۾ مثبت سوچ، تنقيدي شعور ۽ تعميري ڪردار کي هٿي ڏئي ٿي. ڊپٽي ميئر ڪراچي ڪراچي ورلڊ بڪ فيئر جهڙن علمي ميلن جي انعقاد کي خوش آئند ۽ ساراهه جوڳو قرار ڏيندي چيو ته اهڙا ادبي ۽ علمي ميلا سماج ۾ علم دوستي، مڪالمو ۽ فڪري هم آهنگي کي فروغ ڏين ٿا. هن چيو ته ڪراچي هميشه کان علم، ادب، تحقيق ۽ تخليق جو مرڪز رهي آهي ۽ اڄ به هي شهر ادبي سرگرمين جي ذريعي پنهنجي سڃاڻپ برقرار رکيو پيو اچي. هن وڌيڪ چيو ته ادبي سرگرميون سماج ۾ مثبت سوچ، برداشت ۽ رواداري کي هٿي ڏين ٿيون ۽ ڪتاب سان جڙيل سماج ئي امن، ترقي ۽ شعوري ارتقا جي ضمانت هوندو آهي. ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد يقين ڏياريو ته بلديه عظميٰ ڪراچي علم ۽ ادب جي واڌاري، ڪتاب ميلن ۽ مطالعو سان لاڳاپيل سڀني مثبت سرگرمين جي حوصلا افزائي جاري رکندي، ته جيئن ڪراچي کي هڪ باعلم ۽ باشعور شهر بڻائي سگهجي. هن ليکڪ اطهر اقبال جي ادبي خدمتن کي ساراهيندي نئين ڪتاب جي اشاعت تي کيس مبارڪباد پڻ پيش ڪئي.

بقايا 5 گورنر

سان گڏ بيهڻ جي سڀ کان وڌيڪ ضرورت آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن گورنر هائوس ۾ جمعيت علماءِ اسلام (ف) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان سان گڏ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي ڪيو. گورنر سنڌ وڌيڪ چيو ته هن وقت دشمن اسان جي خلاف خاص طور تي بلوچستان ۽ خيبر پختونخواهه ۾ الخوارج استعمال ڪري رهيو آهي، موجوده صورتحال ۾ سڀني مذهبي طبقن کي اسلام جي مطابق شرعي فتوائون ڏيڻ گهرجن. عالمن کي مدرسن ۾ ٻارن کي ٻڌائڻ گهرجي ته هي اهو ئي افغانستان آهي جنهن کي اسان رائڊ ڪرڻ، ٽيو ڏيڻ ۽ هلڻ سيکاريو هو. واپار هجي يا رائڊ جو ميدان، انهن افغانين انهن کي اڳتي آندو آهي. اڄ اهي ئي ماڻهو دشمن جا اوزار بڻجي رهيا آهن. الله تعاليٰ انهن کي هدايت ڏئي، آمين. هن چيو ته اڄ پاڪستان فيلڊ مارشل حافظ سيد عاصم منير جي اڳواڻي ۾ طاقتور ٿي چڪو آهي، جڏهن ته پاڪستان جي معاشي ترقي جا اثر اڃا اچڻا آهن. هن چيو ته سياسي ۽ مذهبي تنظيمن کي ماڻهن کي ٻڌائڻ گهرجي ته هي اتفاق جو وقت ناهي، پر معاشي بحران مان نڪرڻ لاءِ هڪ ٻئي جو هٿ پڪڙڻ جو وقت آهي. ان کان اڳ گورنر سنڌ سر سيد يونيورسٽي طرفان مولانا فضل الرحمان کي اعزازي ڊاڪٽريٽ جي ڊگري ڏني. گورنر سنڌ پنهنجي هٿن سان تيار ٿيل حليم مولانا فضل الرحمان ۽ سندس ساٿين جو رکو پيش ڪيو. مولانا فضل الرحمان وڻ پوکڻ جي مهم جي حصي طور گورنر هائوس ۾ هڪ ٻوٽو پڻ لڳايو.

بقايا 6 دورو

حيدرآباد جو دورو ڪيو جتي هن کاڌخوراڪ جي شين جي اگهن ۽ پيٽروليم مصنوعات جي ناپ تول جي چڪاس ڪئي- دوري دوران خاص معاون نيشنل مارٽ ۾ اگهن جي جانچ ڪئي جڏهن ته نيشنل ڊيري ۽ مرحبا مارٽ جو به معائنو ڪيو _ هن مقرر ڪيل اگهن جي خلاف ورزي تي نيشنل مارٽ تي 50 هزار رپيا ۽ مرحبا مارٽ تي 25 هزار رپيا ڏنڊ عائد ڪيو _ ان کان علاوه عثمان غني هنگورو پيٽرول ۽ ڊيزل جي مقدار جي جاچ لاءِ شيل پمپ ، ٽوٽل پمپ، تاج پمپ ۽ پوئنر پمپ جو دورو ڪيو _ معائني دوران ناپ تول جي آلات جي درستگي ۽ صارفين کي مقرر ڪيل مقدار جي فراهمي جو جائزو ورتو ويو _ ان موقعي تي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر بيورو آف سپلائي اينڊ پرائسزنويد احمد شيخ ، پرائس انسپيڪٽر عديل احمد ، پرائس انسپيڪٽراقبال قريشي ۽ اسسٽنٽ ڪنٽرولر ويٽس اينڊ ميئرزخادم حسين جکرو پڻ ساڻس گڏ هئا _ خاص معاون لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪئي ته کاڌ خوراڪ جي شين جي اگهن ۽ ماپ تور جي نظام تي ڪڙي نظر رکي ويندي ۽ عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ مستقبل ۾ به بنا ڪنهن فرق ڪارروائيون جاري رکيون وينديون

بقايا 7 رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا

آگاهي جي اڄ ڪي ختم ڪيو. ڪراچي عالمي ڪتاب ميلو ماضي جا سڀئي رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا. هڪ محتاط اندازي موجب، پنجن ڏينهن ۾ 550,000 ماڻهن شرڪت ڪئي، جن ۾ 300 کان وڌيڪ اسڪولن، ڪاليجن، يونيورسٽين ۽ مدرسن جا شاگرد شامل هئا. ڪراچي عالمي ڪتاب ميلي جو افتتاح صوبائي تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهه ڪيو. جڏهن ته تقريب ۾ آرٽس ڪائونسل پاڪستان جي صدر احمد شاهه ۽ نيشنل بڪ فائونڊيشن جي سيڪريٽري مراد علي سميت نامور ادبي، سماجي ۽ صحافتي شخصيتن شرڪت ڪئي. ڪراچي عالمي ڪتاب ميلي جي پنجن ڏينهن ۾ سياسي، ادبي، سماجي ۽ صحافتي شخصيتن شرڪت ڪئي. وفاقي وزير تعليم ۽ تربيت مقبول احمد صديقي، مخالف ڌر اڳواڻ علي خورشيدي، جماعت اسلامي ڪراچي جي امير منعم ظفر، ليکڪ فاطمہ حسن، نيشنل بڪ فائونڊيشن جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر ڪامران جهانگير، ريجنل ڊائريڪٽر فياض، نذير حسين يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر مسرور احمد شيخ، ايم پي اي معيد انور، ڊائريڪٽر اسڪول ايجوڪيشن ڪراچي ارشد بيگ ۽ ٻين سياسي، سماجي، ادبي ۽ تعليمي شخصيتن شرڪت ڪئي. عالمي ڪتاب ميلي ۾ 329 اسٽال لڳايا ويا، جن ۾ 17 ملڪي ۽ 17 پرڏيهي پبلشر ۽ ڪتاب وڪرو ڪندڙ شامل هئا. آخري ڏينهن تي پبلشرز ۽ ڪتاب وڪرو ڪندڙن ڪتابن تي 30 کان 70 سيڪڙو تائين رعايت ڏني. ڪراچي عالمي ڪتاب ميلي جي انتظاميا موجب، پنج ڏينهن وارو ڪراچي عالمي ڪتاب ميلو ايندڙ سال 17 ڊسمبر 2026 کان منعقد ٿيندو. ڪتاب ميلي جي آخري ڏينهن تي، نذير حسين يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر مسرور احمد شيخ پڻ ڪتاب ميلي جو دورو ڪيو هن موقعي تي هن چيو ته نوجوان نسل ۾ اسلامي قدرن ۽ روايتن کي فروغ ڏيڻ لاءِ اهڙيون سرگرميون منعقد ڪرڻ ضروري آهن. هي ڪتاب ميلو صرف هڪ سرگرمي ناهي پر پاڪستان جي سڃاڻپ بڻجي چڪو آهي. هن ماحول سان ان کي روشن رهڻ گهرجي. هن وڌيڪ چيو ته انٽرنيٽ ۽ موبائل جي هن دور ۾، ڪتاب ميلي ۾ ايتري وڏي تعداد ۾ ماڻهن جي آمد هڪ سٺي مستقبل جي اڳڪٿي ڪري رهي آهي.

بقايا 8 آپريشن

بازارن ۾ حددخلين خلاف آپريشن ڪيو ويو اسسٽنٽ ڪمشنر نويد احمد سام پاران ميونسپل ۽ اينٽي انڪروچمينٽ عملي سان گڏجي ڊي سي روڊ، ٽاور روڊ، قائد اعظم روڊ، اولڊ ڪاليج روڊ سميت مختلف هنڌن تي حددخلين خلاف آپريشن ڪيو ويو جنهن دوران روڊن مٿان رکيل سنڌل ڪٽي، ٿلهن کي پٽ ڪيو ويو جڏهن ته روڊن مٿان بيٺل 3 کان وڌيڪ رڪشن کي پنهنجي تحويل ۾ وٺڻ سان گڏ گڏ ڪيترن ئي ماڻهن کي پڻ گرفتار ڪيو ويو ان سلسلي ۾ اي سي نويد احمد سام صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته عوامي شڪايتن تي حددخلين خلاف آپريشن ڪيو ويو آهي، دوڪاندار روڊن مٿان سنڌل رکي، ٿلها ٻڌي ويٺل آهن جنهن ڪري شهري سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻ تي مجبور ٿي ويا آهن، هن چيو ته ڪافي دوڪاندار خلاف ڪارروايون ڪيون آهن جيڪي اڃان به جاري رهنديون، اڄوڪي ڪارروائي هڪ وارننگ آهي، آئون دوڪاندارن کي تنگ نٿو ڪرڻ چاهيان ڪنهن جو نقصان نٿو ڪرڻ چاهيان ان لاءِ انهن کي هڪ ٻن ڏينهن مهلت ڏيان ٿو جيڪڏهن هنن پنهنجي مدد پاڻ حددخلين ختم نه ڪيون ته پوءِ انهن خلاف سخت ڪارروائي ٿيندي.

بقايا 9 لاش وارثن حوالي

لاش جيڪب آباد جي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن پاران لاش جو پوسٽ مارٽم ڪيو ويو جڏهن ته وارث نه پهچڻ سبب رات کان صبح تائين مئل معرفاني جو لاش سول اندر پيل رهيو جنهن بعد منجهند 1 بجه شڪارپور کان مئل عرفاني جي ماسي لاش وصول ڪرڻ لاءِ جيڪب آباد جي سول اسپتال پهچي وئي جتي پوليس ۽ ڊاڪٽرن پاران ضروري ڪارروائي پوري ڪرڻ بعد لاش سندس حوالي ڪيو ويو جيڪا ايمبولينس ذريعي مئل معرفاني جو لاش سندس گهر ڪٺائي روانا ٿي وئي. ان سلسلي ۾ رابطو ڪرڻ تي ايس ايڇ او مولاداد ٻڌايو ته رات دير سان مئل معرفاني پنهنجي 3 ساٿين سان گڏجي استاد الاهي بخش مغيري کان ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن دوران مزاحمت ڪرڻ تي الاهي بخش مغيري سميت مئل معرفاني به مارجي ويو سندس ٻيا ساٿي فرار ٿي ويا، هن چيو ته اڃان تائين واقعي جو ڪيس داخل ناهي ڪيو جيئن فريادي ايندا ته واقعي جو ڪيس داخل ڪنداسين. واضح رهي ته ٻه ڏينهن اڳ مولاداد ٿاڻي جي حد قادرپور لاڙي وٽ مبينہ ڦر دوران مزاحمت ڪرڻ تي الاهي بخش مغيري سميت ڏوهاري مئل معرفاني مارجي ويا هئا.

بقايا 10 جوابدار گرفتار

انسپيڪٽر ذوالفقار اوڍاڻو جي سربراهي ۾ پوليس آپريشن ڪري سنگين ڏوهه جي ارادي سان بيٺل 4 جوابدارن کي مبينا گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪري جانچ شروع ڪري ڇڏي ٻئي طرف ايس.ايڇ.او انسپيڪٽر ذوالفقار اوڍاڻو الزام هڻندي چيو آهي ته جانچ دوران معلوم ٿيو آهي ته گرفتار ڪيل جوابدار آئيس (نشو آور منشيات) وڪرو ڪرڻ سان گڏ ٻين مختلف ڏوهن ۾ ملوث رهيا آهن جوابدارن خلاف اڳ ۾ به ڪيترائي ڪيس داخل ٿي چڪا آهن ۽ اهي عادي ڏوهاري آهن هن چيو ته ضروري قانوني ڪارروائي بعد جوابدارن خلاف ڪوٽڙي ٿاڻي تي ايف.آءِ. آر تحت سيڪشن ۽ موجب ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جانچ ڪريون پيا.

بقايا 11 لاش هٿ

ڪيو ويو آهي راهگيرن جي اطلاع ملڻ تي ملاڪاتيار پوليس سفت ۽ ايڌي جي رضاڪارن جي مدد سان لاش کي پاڻي مان ڪڍائي ڪاٽپوءِ ٽنڊو محمد خان جي سرڪاري اسپتال پهچايو جتان ضروري ڪارروائي ڪاٽپوءِ لاش جي سڃاڻپ لاءِ لاش کي مرده خاني ۾ رکيو ويو آهي ، سڃاڻپ نه ٿيڻ بعد لاش کي لاوارث قرار ڏئي ٽنڊو محمد خان جي سخي برهان شاهه قبرستان ۾ تدفين ڪيو ويندو.

بقايا 12 احتجاجي ريلي

يو سينٽر کي اپ گريڊ نه ڪرڻ خلاف شهر جي سياسي سماجي ۽ صحافي تنظيمن پاران پريس ڪلب کان ريلي ڪڍي حيدر چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي ڊي ايڇ او دادو ۽ پي پي ايڇ آئي دادو جي عملدارن خلاف سخت نعري بازي ڪئي وئي ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن لالا ظهير سومرو ڪامريڊ رمضان پنهور سيد زاهد حسين شاهه رياض احمد پنهور شڪيل احمد پنهور شاهنواز سومرو ۽ ٻين سخت احتجاج ڪندي چيو ته گذريل هڪ مهيني کان وٺي ڊاڪٽر مسلسل غير حاضر آهي جڏهن ته اسپتال ۾ دوائن جي شديد کوٽ آهي ۽ بي ايڇ يو سينٽر کي اپ گريڊ نه پيو ڪيو وڃي ايم اين اي دادو رفيق احمد جمالي پاران بي ايڇ يو سينٽر کي اپ گريڊ ڪرڻ لاءِ اسپتال جي نئي عمارت جو افتتاح ڪري ربن ڪٽي چيو ته بي ايڇ يو سينٽر کي اپ گريڊ جو درجو ملي ويو آهي پر ست سال گذرڻ جي باوجود هن وقت تائين به ان کي اپ گريڊ ناهي ڪيو ويو جيڪا عوام سان سراسر دوکو ۽ ناانصافي آهي احتجاج ڪندڙن وڌيڪ چيو ته ڊي ايڇ او دادو ۽ پي پي ايڇ آئي دادو جا عملدار ملي ڀڳت ڪري اسپتال لاءِ مليل فنڊ ۽ دوائون هڙپ ڪري ڇڏين ٿا فوري طور بي ايڇ يو سينٽر کي اپ گريڊ ڪري ڊاڪٽر مقرر ڪيو وڃي ۽ علائقي واسين کي علاج جون سهولتون ڏنيون وڃن جي ائين نه ٿئي صورت م احتجاج جي دائري کي وسيع ڪيو ويندو

بقايا 13 بال ٽورنامينٽ

پرائيتشنل هاءِ اسڪول جي ملٽي پرپز اسپورٽس ڪمپليڪس ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ مختلف علائقن مان 18 ٽيمن حصو ورتو ان موقعي تي پروگرام آرگنائزر محمد رفيق ٿيٻو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هن قسم جي رانديون جو سرگرميون اسان جي نوجوانن لاءِ انتهائي ضروري آهن جنهن سان اسان کي هڪ صحتمند ماحول ملي ٿو ۽ اسان جا نوجوان نشي کان پري رهي صحتمند سرگرمين ۾ حصو وٺي وڏيون وڏيون ڪاميابيون حاصل ڪري ملڪ جو نالو روشن ڪري سگهن ٿا هن چيو ته رانديون جا ميدان آباد ڪرڻ سان اسپتالون ويران ٿين ٿيون تنهنڪري ضلعي انتظاميہ کي گهرجي ته ضلعي اندر رانديون ۽ صحتمند سرگرمين تي وڌ کان وڌ ڌيان ڏين جيئن ايندڙ نسل کي بهترين ماحول ڏئي سگهجي هن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي مختلف ضلعن ڪراچي ، حيدرآباد ، ميرپورخاص ، عمرڪوٽ ، سانگهڙ ، نوابشاهه سميت سڄي سنڌ مان شوٽنگ بال ٽيمن شرڪت ڪئي آهي جڏهن ته بلوچستان جي مختلف علائقن سان لاڳاپيل ٽيمن پڻ پنهنجي راند جا جوهر ڏيکاريا آهن سنڌ حڪومت جي سهڪار سان اڄ هي رانديون جو ميدان سجايو ويو آهي محدود فنڊ هئڻ سبب اهڙي قسم جا ٽورنامينٽ ڪرائڻ تمام مشڪل ڪم آهي جيڪڏهن ضلعي حڪومت ، ڊسٽرڪٽ ڪائونسل يا ميونسپل ڪاميٽي سهڪار ڪري ته وڌيڪ بهتر پروگرام ترتيب ڏئي سگهجي ٿو ڇو ته ٻين ضلعن مان ايندڙ رانديگر اسان جا مهمان هوندا آهن ۽ سنڌ جي روايت آهي ته مهمان نوازي بهتر نموني ڪئي وڃي ٻي پاسي شوٽنگ بال ٽورنامينٽ ۾ ڪامياب ٿيندڙ ٽيمن ۾ لڳ ڀڳ هڪ لک رپيا انعام طور ورهايا ويا ونر ، رنر اپ ، سيمي فائنل ، مين آف دي ٽورنامينٽ ، مين آف دي ميچ ، بهترين آفينسر ۽ ڊفينڊر ۾ انعامات تقسيم ڪيا ويا فائنل ونر ٽيم محبوب ڪلب حيدرآباد بڻجي جنهن جي رانديگر محبوب سولنگي کي ڪيش پرائز ۽ ٽرافي ڏني وئي جڏهن ته فائنل رنر اپ ٽيم سروري ڪلب حيدرآباد رهي . مين آف دي ٽورنامينٽ محبوب سولنگي کي ڏنو ويو ۽ مين آف دي ميچ علي ٿيٻو کي ڪيش پرائز ڏنو ويو لڳ ڀڳ هڪ لک رپين جا ڪيش انعام رانديگرن ۾ ورهايا ويا ان موقعي تي خاص مهمان ايس او جي اسپورٽس گورنمينٽ آف سنڌ علي ڏنو گوپانگ کي سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ پڻ پارائي وئي ان موقعي تي ڊي او اسپورٽس فائزه خان . پ پ پ تعلقہ صدر رمضان مري ۽ ٻين مهمانن پڻ شرڪت ڪئي

بقايا 14 هٿ ڪري ورتو

راشد خالد کي حيدرآباد جي راهوڪي ٿاڻي جي حد مان پوليس هٿ ڪري ورتو ، مويا پوليس ايف آءِ آر داخل ڪري نه سگهي ، خبر موجب ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب ۾ يونين ڪائونسل مويا جي ڳوٺ قاضي احمد ٻانهڻ جي رهواسي خالد لطيف ٻانهڻ سندس زال نيلما ٻانهڻ پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو آهي ته اسان جي 10 سالا نينگر کي ڳوٺ جي رهواسي بااثر شخص مشتاق ڪانڀانهڻ ، رفيق ڪانڀانهڻ ، قادر بخش ، لڪاڏنو ۽ ٻين نامعلوم 50 کان وڌيڪ هٿياربندن گهرن جي اندر داخل ٿي اسان جي ٻن نوجوانن 18 سالا شايان علي ، 20 سالا عابد لطيف سان گڏ 10 سالا نينگر راشد خالد کي ڪنهي ڪٽي سخت تشدد جو نشانو بڻائي نوجوانن کي ڳوٺ جي روڊ آڏو مرڻينگ حالت ۾ ڇڏي 10 سالا نينگر راشد خالد کي کڻ ڪري ڇڏيو هو جنهن بابت مويا پوليس ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائڻ باوجود 9 ڏينهن گذرڻ ڪاٽپوءِ اڃان تائين پوليس واقعي جي ايف آءِ آر داخل ڪري نه سگهي آهي نه ڪنهن کي گرفتاري ڪئي آهي ، مسلسل وارثن جي احتجاج رڪارڊ ڪرائڻ ڪاٽپوءِ اسان جي 10 سالا نينگر راشد خالد کي هٿياربند تعلقي حيدرآباد جي راهوڪي ٿاڻي جي حد پيندي شريف موري پرسان روڊ تي لاوارث حالت ۾ ڇڏي ويا هئا ، جنهن کي پوليس هٿ ڪري سوشل ميڊيا تي سڃاڻپ لاءِ سندس تصوير ڇڏي هئي ، جنهن جي بعد اسان رات دير سان راهوڪي ٿاڻي تان پنهنجي معصوم دل جي ٽڪري نينگر راشد خالد کي پوليس کان وٺي پنهنجي ڳوٺ وٺي آياسين ۽ اسان جي گهر ۾ ڇانئيل غم خوشين ۾ تبديل ٿي ويو آهي پر اسان سان اڃان تائين انصاف نه ٿيڻ جي ڪري مايوسي ڇانئيل آهي اسان جا زخمي 2 نوجوان اڃان تائين زير علاج آهن معصوم ٻار کي 9 ڏينهن اغوا ڪري نامعلوم هنڌ قيد ۾ رکيو ويو هو کيس ڪنهن وقت ماني ڏيندا هئا ته ڪنهن وقت بک تي ڇڏي ڏيندا هئا ، ٻار تمام گهڻو ڪمزور ٿي ويو آهي اسان سان تمام وڏي ناانصافي ٿي آهي جنهن لاءِ اسان آئي جي سنڌ ، ڊي آئي جي حيدرآباد اعليٰ اختيارين کي پريس ڪانفرنس ذريعي اپيل ڪريون ٿا ته اسان جي معصوم ٻار جي اغوا واري واقعي ۽ نوجوانن کي زخمي ڪرڻ واري واقعي جي مويا ٿاڻي تي ايف آءِ آر داخل ڪرائي جوابدار گرفتار ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ اسان بک هڙتال ڪنداسين .

بقايا 15 مارجي ويو

قتل ڪري ڇڏيو پوليس موجب چور ساوند برادري جي گهرن مان مال چورائڻ آيا هئا، گهر ڌڻين جي سجاڳ ٿيڻ ۽ مزاحمت ڪرڻ تي چورن سڌي فائرنگ ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ مختيار ساوند ۽ عبدالشڪور ساوند ٿڏي تي ئي فوت ٿي ويا، جڏهن ته محمد صديق ساوند سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي گنڀير جوڳي حالت ۾ سکر اسپتال منتقل ڪيو ويو. واقعي بعد ايس ايس پي سکر اظهر خان مغل جي اڳواڻي ۾ پوليس جو ڌوهارين خلاف آپريشن شروع ڪيو ويو. ايس ايس پي موجب ڌوهارين جو گهيرو تنگ ڪيو ويو جنهن دوران هڪ ڌوهاري مقابلي ۾ مارجڻ جي دعوا ڪئي آهي، جڏهن ته ٻين جي گرفتاري لاءِ آپريشن جاري آهي

بقايا 16 شرجيل ميمڻ

پيڪيج جي منظوري سنڌ حڪومت جو هڪ تاريخي ۽ بروقت فيصلو آهي. هن چيو ته سنڌ حڪومت ڪراچي کي بهتر مضبوط، فعال ۽ مقابلي جي سگهه رکندڙ صنعتي مرڪز بڻائڻ لاءِ مڪمل سنجيدگي ۽ تسلسل سان ڪم ڪري رهي آهي. هڪ بيان ۾ سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڪراچي قومي معيشت جي دل آهي ۽ صنعتي زونن جي بحالي ۽ ترقي سڌي طرح روزگار، برآمدات ۽ سيڙپڪاري سان جڙيل آهي. هن ٻڌايو ته صنعتي علائقن جي انفراسٽرڪچر جي بهتري لاءِ جامع روڊ ميپ تحت اڄ سومر کان ترقياتي ڪم شروع ڪيا پيا وڃن، جيڪي ڇهن مهينن اندر مڪمل ڪيا ويندا. هن وڌيڪ چيو ته اهي فنڊز انفراسٽرڪچر ڊولپمينٽ سيس مان مهيا ڪيا پيا وڃن، جيڪو صنعتڪارن پاڻ ادا ڪيو آهي. سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته مختلف صنعتي زونن لاءِ ضرورت ۽ ترجيح جي بنياد تي فنڊز جي منصفاڻي ورڇ سنڌ حڪومت جي عملي قدمن جو واضح ثبوت آهي. هن زور ڏيندي چيو ته ترقياتي منصوبن جي معيار، رفتار ۽ شفافيت تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪيو ويندو جڏهن ته تجويز ڪيل نگران ڪميٽي ذريعي سڀني منصوبن جي سخت نگراني ڪئي ويندي. هن چيو ته وزيراعليٰ سنڌ واضح اعلان ڪيو آهي ته پهرئين مرحلي جي تڪميل کان پوءِ صنعتي علائقن لاءِ ساڳئي نوعيت جو هڪ ٻيو وڏو ترقياتي پيڪيج پڻ ڏنو ويندو. هن چيو ته صنعتي انفراسٽرڪچر جي بحالي سان ٽرانسپورٽ ۽ لاجسٽڪس ۾ بهتري ايندي، ڪاروباري خرچ گهٽ ٿيندا ۽ سيڙپڪارن جو اعتماد ٻيهر بحال ٿيندو

بقايا 17 اسپتال منتقل

زخمي ڪيل عبدالخالق ابڙو جي ڀاءُ محمد امين ابڙو ٻڌايو ته منهنجي ڀاءُ کي منهنجي ساهرن گهر ۾ هلان ڪري ڌڪ هنيا آهن جنهن سبب مٿي ۾ ڦاڙ پيو آهي ۽ ٽنگ ڀڄي آهي. منهنجي گهر واريءَ منهنجا رکيل ٽي لک رپيا ۽ ٻيو سامان کڻي وڃي والدين ڏي هلي وئي جنهن جو فيصلو پڻ رکيل هو منهنجو سهرو سڪندر عرف ٻيو ابڙو طارق ابڙو ۽ ٻين اچي ڌڪ هنيا آهن جنهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري انصاف تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 18 نينگري فوت

معصوم نينگري تبسم ٿڏي تي فوت ٿي وئي جڏهن ته ٻين زخمين ۾ 5 عورتن سميت 8 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا جن کي ڊي، ايڇ، ڪيو اسپتال ڪوٽڙي منتقل ڪيو ويو آهي زخمين ۾ علي ٻين ٺاڪت، ماروي ۽ ٻيا شامل آهن جن مان ٽن ڄڻن جي حالت نازڪ ٻڌائي پيئي وڃي آخري اطلاعن تائين حادثي جو ڪارڻ معلوم نه ٿي سگهيو آهي

بقايا 19 نينگر فوت

14 ورهين جو بلاول پٽ اظهر جتوئي ارسلان پٽ مجيد جتوئي سخت زخمي ٿي پيا، زخمين کي سندس وارثن ڪٺائي چانڊڪا اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ منتقل ڪيو ويو جتي 15 ورهين جو ثقلين پٽ اڪبر جتوئي 14 ورهين جو بلاول پٽ اظهر جتوئي زخمن جي ست نه سهندي دم ڏئي ڇڏيو جڏهن ته ارسلان جتوئي کي طبي امداد ڏني پئي وڃي. ان حوالي سان فوتين جي وارث وسيم جتوئي ٻڌايو ته مستقيم جتوئي جي نڪاح جي تقريب ۾ ڳوٺ کان شهر جي مراد واهڻ محلي وڃي رهيا هئا سين ته بس جي ڇت تي ويٺل بجلي لڙڪندڙ تارن ۾ سڙي سخت زخمي ٿي پيا آهن. هوڏانهن اسپتال انتظاميہ ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيا جن جا لاش گهر پهچڻ تي شادي جون خوشيون ماتم تبديل ٿي ويون.

بقايا 20 آگاهي سيشن

ڪيئر ڪميشن ۽ حيدرآباد ڊويزن / ضلعن ۾ هم آهنگي ۽ باهمي تعاون سان عوامي صحت آگاهي سيشن منعقد ٿيو _ سيشن کي خطاب ڪندي ايڊيشنل ڪمشنر ون چيو ته حيدرآباد ڊويزن ۾ صحت جي سهولتن کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ ۽ عوام کي معياري علاج فراهم ڪرڻ کي يقيني بنايو ويندو ته جيئن مختلف بيمارين کان بچاءُ جي اصولن جي باري ۾ آگاهي حاصل ٿي سگهي_ان موقعي تي سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر ڊاڪٽر احسن قوي سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن (ايس ايڇ سي سي) جي ڪردار ، اختيارات ۽ ذميوارين کان آگاهه ڪيو خاص طور تي عطائيت خلاف (اينٽي ڪوئيڪري) مهمن تي خصوصي توجهه رهي _ هن چيو ته جعلي ۽ غير قانوني علاج گاهن خلاف ڪيل ڪارروائيون ، عطائيت جي مرڪزن کي سيل ڪرڻ جي حڪمت عمليءَ حاصل ٿيل ڪاميابيون ، درپيش چيلنجز کان شرڪت ڪندڙن کي آگاهه ڪيو ۽ عطائيت جي ڪري عوام جي صحت کي لاحق سنگين خطرن جي اجاگر ڪندي ان ڳالهه تي زور ڏنو ته ان ناسور کي پاڙ مان ختم ڪرڻ لاءِ انتظاميا ، سيڪيورٽي ۽ اسٽيڪ هولڊرز درميان ويجهي ربطي ذريعي گهڻي رخي حڪمت عملي تمام ضروري آهي ته جيئن ماڻهن جي صحت جي تحفظ کي يقيني بنائي سگهجي _ان موقعي تي ايس ايس پي حيدرآباد عديل چانڊيو چيو ته ضلعي حيدرآباد ۾ هيلٿ ڪيئر ڪميشن سنڌ پاران عطائيت خلاف کنيل قدمن جي ڀرپور حمايت ڪيون ٿا ۽ سيڪيورٽي کي به يقيني بنايو ويندو _ هن چيو ته عوام جي صحت اولين ترجيحي آهي ۽ موثر هيلٿ ڪيئر ريگيوليشن جي فروغ ۽ مريضن جي حقن ۽ تحفظ لاءِ گڏيل طور تي عزم جي ضرورت تي زور ڀريو _ سيشن ۾ سمورن لاڳاپيل ادارن جي عملدارن شرڪت ڪئي جڏهن ته ٺٽي ، سجاول ، بدين ، دادو ۽ ٽنڊو الهيار جي ڊپٽي ڪمشنرن ۽ لاڳاپيل عملدارن وڊيو لنڪ ذريعي اجلاس ۾ شرڪت ڪئي _ سيشن ۾ ڊائريڪٽر اينٽي ڪوئيڪري سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن ڊاڪٽر زبير احمد سومرو، ڊائريڪٽر هيومن ريسورسز اينڊ ايڊمنسٽريشن سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن ياسين احمد ويسر ۽ لاڳاپيل عملدارن شرڪت ڪئي

بقايا 21 فوت

ڳوٺ فقير محمد جتوئي واسي 18 سالا نوجوان پوروهيت نظير احمد ولد عمر جتوئي بخار وگهي فوت ٿي ويو آهي، بخار م مبتلا نوجوان پوروهيت نظير احمد جتوئي کي علاج لاءِ شهر جي پرائيويٽ اسپتال تي آندو ويو جتي هو فوت ٿي ويو. ياد رهي ته هڪ هفتو اڳ ساڳئي ڳوٺ مان 10 سالا نينگر سجاد پٽ عبدالستار جتوئي پڻ بخار وگهي فوت ٿي ويو هو جڏهن ته 2 ڏينهن اڳ يوسي لاڏيون ۽ ڇڄ جهان خان جا 2 معصوم ٻارڙا پڻ بخار وگهي فوت ٿي ويا هئا.

بقايا 22 اڳواڻن جي شرڪت

ايڊيٽر جڳ پرڪاش موراڻي ۽ هيڊ ماسٽر راجيش ڪمار موراڻي جي والد سرڳواسي سائين روي شنڪر موراڻي جي ارٿي کي ڪالهه حيدرآباد مان سندس اباڻي شهر ڏيپلو آڻي سندس آخري رسمون ادا ڪيون ويون. سندس مرتئي تي ڏيپلو جي مهراج محلي ۾ تعزيتي سلسلو جاري آهي ۽ ڪالهه جن شخصيتن سندس ٿڏي تي پهچي جڳ موراڻي ۽ ٽريش موراڻي سان تعزيت ڪئي ۽ ڏک ونڊيو تن ۾ ٽائون ڪاميٽي ڏيپلو جو چيئرمين انواز علي جوڻيجو، شنڪر لال سوٿهڙ مختيارڪار ڪرشن شرما، فيض محمد لنگهو غلام محمد لنگهو نصر الله ساهڙ ڊي اي او پرائمري ٿرپارڪر ارباب خالد مصطفيٰ، ڊپٽي ڊي اي او پرائمري ٿرپارڪر محمد عيسيٰ سميجو ٽي اي او سيڪنڊري مٺي، نور محمد جنجهي پرنسپال گورنمينٽ ڊگري ڪاليج اسلام ڪوٽ، ارباب غضنفر علي ٽي او ڪلوئي، جيٽيش رائي جنرل سيڪريٽري گستا ٿرپارڪر ڊاڪٽر تاراچند ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ٽي ايڇ ڪيو ڏيپلو پ پ پ اڳواڻ ڪامريڊ ٽنڊلال مالهي، ايڊووڪيٽ ڪندن مالهي، پرٿوي سريش مولاڻي اي ڊي سي ٿرپارڪر پکوانداس سوٿهڙ اسسٽنٽ ڪمشنر ڏيپلو ايسمتي آچاريا پي ايس ڊي سي ٿرپارڪر عبدالرئوف ٿيٻو ايس ڊي پي او عبدالرحمان سومرو ايس ڊي پي او ۽ هيو اسٽاف ڊي سي آفيس ٿرپارڪر محمد شريف منواڻي ڪائونسلر ٽي سي ڏيپلو ڊاڪٽر محمود منواڻي، انجنيئر محمد صالح منواڻي، انجنيئر محمد سليمان منواڻي ايريگيشن، امر اوڏاڻي، صحافي نظام مگسي، اشرف عبدالله ميمڻ، ذوالفقار چانڊيو ـ جاويد دلواڻي، ڪاشف دلواڻي ، عبرت ٿرپارڪر جو ضلع رپورٽر ننداللال لوهاڻو سينيئر ڪاٿاٽليو جائي، سڪندر بجيس رياض سڪندر بجيس محمد وارث خاصخيلي، مختيار وڪو ۽ ٻيا به شامل آهن ۽ تعزيتي سلسلو جاري آهي، ٻئي طرف بدين حيدرآباد مٺي سلام ڪوٽ ڏيپلو شهر جي آسپاس مختلف هندو مسلم برادرين جي وڏي تعداد ۾ ماڻهو سائين جڳ پرڪاش موراڻي سان سندس والد محترم سائين روي شنڪر جي تعزيت ڪرڻ لاءِ سندس رهائش گاهه ڏيپلي شهر تي اچي رهيا آهن تعزيت ڪندڙن ۾ روزاني سنڌو اخبار جي سينئر نيوز ايڊيٽر محترم نظام مگسي عبرت ٽنڊو محمد خان جي ضلعي رپورٽر ذوالفقار علي چانڊيو جاويد دلواڻي تعلقي تلهار عبرت رپورٽر راشد خيسوخان دلواڻي عبرت ضلعي بدين جي رپورٽر اشرف عبدالله ميمڻ سائين جڳ پرڪاش موراڻي سان ڏک جو اظهار ڪندي چيو هن ڏک جي گهڙيءَ ۾ سائين جڳ پرڪاش موراڻي سميت اسان پوري موراڻي پريوار سان برابر جا شريڪ آهيون، جڏهن ته حيدرآباد پريس ڪلب جي اڳوڻي فنانس سيڪريٽري سخي غلام حسين خاصخيلي صحافي وارث خاصخيلي پرويزڪليار مختيارعلي وڪو نواب الدين صحافي نظام مگسي صحافي ذوالفقار چانڊيو اشرف راهوڪو صحافي ننڊ لعل ٿڏي تي پهچي صحافي جڳ پرڪاش موراڻي ۽راجيش ڪمار سان ڏک جو اظهار ڪندي تعزيت ڪئي

بقايا 23 تقريب منعقد

اسڪولي شاگردن ۽ شاگردياڻين طرفان ثقافتي ويس پائي قومي گيتن تي ٽيبلوز پيش ڪيا ويا ان موقعي تي عبدالجبار داڻوداڻي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جي سنڌ جي ثقافت هزارين سال پراڻي ثقافت آهي دنيا ۾ اسان جهڙي ثقافت ڪنهن جي به ناهي پر اسان پنهنجي ثقافت کي وساري ويٺا آهيون اسان سڀني کي متحد ٿي سنڌ جي ثقافت لاءِ جاکوڙ ڪرڻ گهرجي هنن چيو ته اسان کي گهرجي ته پنهنجي ايندڙ نسل کي تعليم ڏياريون ۽ هنرسيکاريون ڇو ته تعليم سان ئي انسان ۾ شعورپيدا ٿئي ٿو اسان پنهنجن علائقن ۾ وڌ کان وڌ آگاهي ڏيون جيئن هو نشي ۽ ٻين برائين کان پري رهي پنهنجي ثقافت کي زنده رکڻ سان گڏ ملڪ جو نالو روشن ڪن

بقايا 24 وارثن جو احتجاج

ناز بي بي بگٽي ۽ هڪ معصوم ٿڃ پياڪ ٻارڙي کي ڪنهي گم ڪري ڇڏيو آهي ان حوالي سان گم ڪيل عورت جو مڙس مريد بگٽي ميڊيا کي ٻڌايو آهي ته 25 ڏهاڙا اڳ ٿاڻو بولاخان پوليس اسان جي گهرن تي چڙهائي ڪندي منهنجي غيرموجودگي ۾ منهنجي گهر واري ناز بي بي بگٽي ۽ هڪ ٿڃ پياڪ معصوم ٻارڙو ڪنهي ڪٽي گم ڪري ڇڏيو آهي هن چيو ته ٿاڻي بولاخان مان ڪنهن هندو برادري جي گهر مان ڪا چوري ٿي هئي ان ڪيس ۾ منهنجو هڪ ويڳو ڀاءُ پناڻ بگٽي کي پوليس گرفتار ڪرڻ لاءِ اسان جي گهرن تي چڙهايو ڪيون آهن ان ڀاءُ سان منهنجو ڪوبه واسطو ناهي اهو جيڪڏهن ڪنهن ڪيس ۾ گهربل آهي ان کي گرفتار ڪيو ويو منهنجي گهر واري يا معصوم ٿڃ پياڪ ٻارڙي ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي هن چيو مان اتي علائقي جا معزز وٺي ويو آهيان پوليس کي اهيو به چيو آهي ته توهان موٽڪي ٿاڻي تي ويهاريو منهنجي گهر واري معصوم ٻارڙي کي آزاد ڪيو پر پوليس ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي هنن کي ڪنهن نامعلوم هنڌ گم ڪيو ويو آهي اسان کي انهن سان ٿئو ملڻ ڏنو وڃي هن آءِ جي سنڌ پوليس ڊي آءِ جي حيدرآباد کان مطالبو ڪيو آهي اهڙي معاملي جي جاچ ڪري ڪنهي گم ڪيل بيگناهه عورت معصوم ٻارڙي کي آزاد ڪيو وڃي رابطو ڪرڻ تي ايس ايڇ او ٿاڻو نديم سولنگي جو چوڻ هو اسان ڪنهن به عورت کي گرفتار ناهي ڪيو ان جا وارث اسان مٿان بنياد الزام هڻي رهيا آهن

بقايا 25 شٽر بند هڙتال

جو پرچون ملڻ وارو عمل رڪجي نه سگهيو واپاري اڳواڻن ڊاڪٽر رميش لال، مهندر لال، پپو مل جي سڏ تي ڳڙهي خيرو شهر جا ڪاروباري مرڪز مڪمل طور تي بند رهيا، هندو برادري پاران احتجاجن وڏو ڪٽ گهرائي ورتو. جڏهن ته ڀتي جي آزار کان تنگ ڪيترائي واپاري اڳواڻ ڳڙهي خيرو ڇڏڻ لاءِ تيار ٿي ويا آهن. ٻئي پاسي جمعيت علماءِ اسلام تعلقہ ڳڙهي خيرو پاران ڀتا خوري ۽ بدامني خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو جنهن ۾ اڳواڻن سميت ڪارڪن وڏي تعداد ۾ شريڪ ٿيا. ان موقعي تي اڳواڻن سليم بروهي بروهي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته اسين هندو برادري سان مڪمل طور تي گڏ آهيون، تعلقي ڳڙهي خيرو مان ڀتي خوري ۽ بدامني جو آزار وڌي ويو آهي جنهن جي مذمت ڪيون ٿا، هنن چيو ته آءِ جي سنڌ پوليس سميت وس وارا نوٽيس وٺن. ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو. هوڏانهن ڳڙهي خيرو مان چونڊيل پ پ پ ايم پي اي مير ممتاز حسين جکراڻي پاران به هندو برادري کي ڀتي جون پرچون ملڻ واري واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي وئي. ان سلسلي ۾ ايم پي اي مير ممتاز حسين جکراڻي چيو ته ڳڙهي خيرو جي هندو برادري شهر جي سونهن آهن ۽ انهن کي ڀتي جون پرچون ڏنيون پيون وڃن جيڪي سراسر ناانصافي ۽ زيادتي آهي، هن چيو ته ڪڏهن ڀتا خور پيٽرول پمپن تي فائرنگ ڪن ٿا ته ڪڏهن گهرن تي فائرنگ ڪن ٿيا، هن چيو ته جيڪي چون پيا ڳڙهي خيرو کي آزاد ڪرائينداسين اهي هاڻي ٻڌائن ته ڳڙهي خيرو کي ڪنهن يرغمال بڻايو آهي، هن چيو ته آئون ڳڙهي خيرو ۾ 13 سالن کان ايم پي اي رهيو آهيان پر اهڙي حالت نه هئي جيڪا هاڻي آهي، هن چيو ته ڳڙهي خيرو بمبئي بيڪري جو ڪيڪ ناهي جو ڪٽي ويندا، هن چيو ته آئون هندو برادري سان هر موڙ تي گڏ آهيان ۽ انهن جي احتجاج جي مڪمل حمايت ڪريان ٿو هن چيو ته ڳڙهي خيرو ۾ هڪ ايس آئي اي 2 ٿاڻا هلائيندو ته امن امان جي صورتحال ضرور خراب ٿيندي هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه هندو برادري جو تحفظ ڪيو آهي ۽ انهن کي سينيٽ، قومي اسيمبلي ۽ سنڌ اسيمبلي ۾ نمائندگي ڏني آهي، هن صدر آصف علي زرداري، پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، وزيراعلي سنڌ سيد مراد علي شاهه، ايم پي اي ميڊم فريال ٽالپر گهرو وزير ضياءُ لنجار کي نوٽيس وٺڻ جي اپيل ڪندي چيو آهي ته ڳڙهي خيرو شهر ۾ هٿياربند پرچيون ٽوڙي فون وسيلي هندو برادري کان ڀتو وصول ڪرڻ لاءِ ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن اهڙن ڀتا خورن خلاف سخت کان سخت ڪارروائي ڪري گرفتار ڪيو وڃي ۽ ڳڙهي خيرو جي واپاري هندن سميت ٻين کي مڪمل طور تحفظ ڏنو وڃي.

بقايا 26 ايس ايس پي

رينجرز جي گڏيل آپريشن جي ڪاميابي کان پوءِ پنجاب جي ڪچي ۾ ڏوهارين جو خاتمون آڻي علائقا پنجاب جي راجنپور پوليس حوالي ڪري ڇڏيا ان موقعي تي ايس ايس پي گهوٽڪي انور ميڊيا سان آواز سان ڳالهائيندي چيو ته پنجاب جي ڪچي وارن علائقن ۾ آپريشن دوران گهوٽڪي پوليس ۽ رينجرس کي وڏي ڪاميابي حاصل ٿي آهي جنهن ۾ خطرناڪ ڏوهارين سميت 16 ڏوهاري مارجي ويا آهن،9 ڏوهارين جي مارجڻ جي تصديق ٿي چڪي آهي جڏهن ته 7 ڏوهارين جون لاشون ڳولهيون پيون وڃن مجموعي طور هن آپريشن ۾ 9 کان 16 ڏوهاري مارجي ويا آهن ڏوهارين جون لاشون اڃا تائين دريائي علائقن ۾ پيل آهن مارجي ويل ڏوهارين ۾ بکراڻي گينگ جو سرغنو دهشت جي علامت بڻيل چلو بکراڻي مارجي ويو جنهن تي پنجاب حڪومت پاران پنجاهه لک انعام رکيل هو مارجي ويل ڏوهارين ۾ ازان عرف آرزو هزارو سڪاڻي گمني گوپانگ ۽ شاهه مراد شامل آهن. ايس ايس پي گهوٽڪي وڌيڪ چيو ته مارجي ويل ڏوهارين ۾ ظفر عرف ظفري جهبيل تي 25 لک بهادر عمراڻي 25 لک انعام رکيل هو آپريشن دوران 27 ڏوهاري زخمي ٿيا آهن،آپريشن دوران جبري ۽ هني ٽريپ ذريعي اغوا ڪيل 9 مغوي بازياب ڪرايا ويا آهن،في مغوي جو هڪ ڪروڙ رپيا ڀنگ گهريو پئي ويو پوليس جن کي ڊرون سرويلنس ذريعي مغوين کي ڪچي جي ٻيٽن مان بازياب ڪرايو آهي زخمي ڏوهارين جو علاج ڪرائڻ لاءِ اغوا ڪيل ڊاڪٽر ڊسپينسري طارق رشيد ۽ شاهد علي کي به بازياب ڪرايو ويو. ڏوهارين جون ويجهي مائٽ عورتون، نابينا مائي پناڻي ۽ مائي شينا کي به هٿ ڪيو ويو آهي ۽ رياض نالي هڪ شخص جي لاش برآمد ٿي آهي، جنهن بابت شڪ آهي ته هو مغوي هو ۽ وڏي تعداد ۾ جديد هٿيار گولا بارود هٿ ڪيو ويو آهي هٿيارن ۾ ٽويل پوائنٽ سيون ايم جي ٽرائي پوڊ سميت، ايل ايم جي، آر آر 75 برآمد ڪيا ويا، هٿيارن ۾ آر پي جي 7 لانچر 4 وڏيون رائفلون، 3 ريپيٽر پسٽول ۽ شيلز برآمد ڪيا ويا، وڏي مقدار ۾ گوليون، بارود، ٽيلي اسڪوپ دوربين، ٽول باڪس ۽ سمارٽ فون به هٿ ڪيا سنڌ پوليس ۽ رينجرز بدنام ڏوهارين تنوير عرف تنو اڌوڙ، قابل سڪاڻي چلو بکراڻي ، ميرا پناڻي ۽ غلام رسول ميرائي جا ٺڪاڻا مڪمل تباهه ڪري ڇڏيا،آپريشن ۾ سنڌ پوليس جون 2 چين اي پي سين 14 پوليس موبائلون ۽ درجنين پوليس اهلڪار آپريشن ۾ شامل هئا، سنڌ رينجرز 83 ونگ ڪشمور شڪارپور خيرپور ۽ سکر طرفان مڪمل سپورٽ مهيا ڪئي ڪئي وئي هئي جنهن ۾ پوليس پاران آپريشن مڪمل ڪري هاڻي پنجاب پوليس ضلع راجنپور جي ڊي پي او حوالي ڪري ڇڏيو آهي اسين خيريت سان پوليس ۽ رنجرس جي جوانن سميت بناڪنهن نقصان جي پنهنجي ضلعي ۾ واپس خير سان ٿيا آهيون

بقايا 27 مظاهرو

۾ هڪ تيز رفتار ويگو گاڏي جي مبينا ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار نوجوان ضامن علي نوحاڻي فوت ٿي ويو هو ان جي وارثن طرفان ان گاڏي ۽ گاڏي مالڪ کي هٿ ڪرڻ ۽ ڪيس داخل نه ٿيڻ خلاف ڪيترن ئي شهرين شهر کان احتجاجي ريلي ڪڍي جامشورو ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب اڳيان پل هيٺان احتجاجي مظاهرو ڪندي ڌرڻو هنيو ويو آهي ان حوالي سان فوتي نوجوان جي والد سنڌ يونيورسٽي ۾ ملازم بخشل نوحاڻي سماجي اڳواڻ عبدالله شيخ مبين ٽيوڻو فوتي نوجوان جي مامي بادل نوحاڻي ۽ ٻين جو چوڻ آهي ته هڪ مهينو اڳ اسان جي نوجوان ضامن نوحاڻي کي ٻن پوليس موبائل گاڏين جي پروٽوڪول ۾ ويگو گاڏي اسان جي نوجوان کي ٽڪر هنيو هو جنهن ۾ هو فوت ٿيو هو ۽ هڪ زخمي ٿيو هو جيڪو اڃا تائين اسپتال زير علاج آهي پر هڪ مهينو گذرڻ باوجود پوليس نه اها گاڏي هٿ ڪئي آهي نه جوابدار نه ئي ڪيس داخل ٿي ڪري هو صرف لنواءِ رهي آهي هنن چيو ته جيڪا شخصيت هتان گذري ٿي ان کي پوليس پروٽوڪول ڏئي ٿي ان جي نه پوليس کي خبر ضرور هوندي آهي پر پوليس اسان کي ڪجهه به نٿي ٻڌائي نه ئي جوابدار گرفتارئي ڪري پوليس صرف ٽال مٽول ڪري رهي آهي هنن آءِ جي سنڌ پوليس ڊي آءِ جي حيدرآباد کان مطالبو ڪيو آهي واقعي ۾ گهربل گاڏي ۽ جوابدار گرفتار ڪيا وڃن

بقايا 28 سامان ڦري ويا

نامعلوم هٿياربندن سرمد پٽ محمد علي جسڪاڻي محمد نواز پٽ شير محمد جسڪاڻي کان هٿيارن جي زور تي هڪ موٽرسائيڪل 2019 ماڊل 2 ٽچ موبائل فون ۽ روڪ رقم 41 هزار روپيا ڦر ڪري فرار ٿي ويا اهڙي واقعي کان حد جي پوليس بي خبر اهڙا واقعا مسلسل ٿيندا رهن ٿا پر اڳڙا پوليس ڏوهارين تائين پهچڻ ۾ مڪمل ناڪام ٿي چڪي آهي.

بقايا 29 يونٽ جو افتتاح

وارڊ سميت ٻين شعبن جو افتتاح ڪيو ، ان موقعي تي پي پي ايم اين اي عرفان ظفر لغاري ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هيلٿ سينٽر منهنجي والد مرحوم حاجي ظفر علي خان لغاري قائم ڪرايو هيو ان لاءِ رورل سينٽر ۾ مختلف شعبن جو واڌارو ڪرايو آهي جنهن مان عوام کي سهولتون مهيا ڪيون پيون وڃن جنهن بعد پي پي ايم اين اي ڳوٺ ڳل محمد چانڊيو پهچي نئين تعمير ٿيل عمارت جو افتتاح ڪيو جتي ڳوٺائن ڊسپينسري کي اپ گريڊ ڪري بيسڪ هيلٿ يونٽ جو درجو ڏيڻ جو مطالبو ڪيو ايم اين اي ڳوٺائن کي يقين ڏيا ته هو تمام جلد ان کي اپگريڊ ڪرائيندو ڳوٺائن بخت حسين چانڊيو ۽ ٻين ڳوٺ ۾.ڪجهه ميهنن کان پيدا ٿيل گئس جي لائين وارو مسئلو حل ڪرڻ جو مطالبو ڪيو جنهن تي ايم اين اي فوري طور تي گئس آفيسر مدني صاحب سان رابطو ڪري ڳوٺائن جو گئس وارو مسئلو حل ڪرڻ لاءِ چيو جنهن چيو ته اهو مسئلو فوري حل ڪيو ويندو ان موقعي تي ساڻس گڏ چيئرمين ٽائون ڪميٽي سيتا قمبر علي خان لغاري ، پ پ ضلعي نائب صدر نور محمد چانڊيو ، ايڊووڪيٽ ظفر علي ٻکهيو ،وڏيرو سجاد علي جوڻيجو ، شبير احمد چنو ، سليم پنهور، مختيار علي بروهي گلستان منگي .عبدالمنان سولنگي ، انجنيئر منير احمد ڪوسو مختيار ٻکهيو .تاج ٻير .خالد چنو ،راشد علي جوکيو ، مير محمد جاتوئي علي اڪبر جاتوئي وڏيرو محمد هاشم لاٺڙ زاهد زنگيجو مختيار احمد ڪوسو خيرپور ناٿن شاهه پريس ڪلب جو صدر قربان علي ٻکهيو اڳوڻو نائب صدر محمد جعفر ٻکهيو سينئير صحافي امداد حسين سوڍر ۽ ٻيا گڏهيا

بقايا 30 ميهون ڪاهي ويا

۾ 10 کان وڌيڪ هٿياربندن چوڪيدار کي يرغمال بڻائي 10 پلوڙ ميهون ڪاهي ويا، اطلاع تي پوليس ۽ پاڳيا چورن پويان ويل هٿياربندن عابد شيخ جي واڙي تي ڪاهه ڪئي، چوڪيدار کي يرغمال بڻائي تشدد جو نشانو بڻايواطلاع تي ٻيرلوءِ پوليس پهچي چورن جو پيڇو ڪيو فائرنگ جي ڏي وٺ دوران 4 ميهون ڇڏائي ورتيون، چور 6 ميهون ڪچي طرف ڪاهي ويا شيخ برادري ۽ ٻيا ڳوٺاڻا ٿاڻي تي پهچي ويا،هنن ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو کان مطالبو ڪيو ته نوٽيس وٺي ميهون واپس ڪرايون وڃن.

بقايا 31 مسئلن جو نوٽيس

سومرو عوامي رابطا مهم دوران شهر جي ذوالفقار باغ ۾ هڪ کلي ڪچهري ڪئي، جتي هن شهرين سان ملاقات ڪري سندن مسئلا غور سان ٻڌا، جڏهن ته عوام طرفان پيش ڪيل مسئلن تي فوري نوٽيس وٺندي ايم پي اي جميل احمد سومرو لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن کي موقعي تي ئي هدايتون جاري ڪيون ته عوامي مسئلن جو ترت ۽ اثرائتو حل يقيني بڻايو وڃي. ان موقعي تي ڳالهائيندي هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي هڪ عوام دوست سياسي جماعت آهي، جيڪا هميشه عوام جي حقن جي تحفظ، سماجي انصاف ۽ عوامي ڀلائي لاءِ جدوجهد ڪندي رهي آهي. هن چيو ته پيپلز پارٽي جي سياست جو مرڪز هميشه عام ماڻهو رهيو آهي ۽ پارٽي عوام سان سڌي ريت رابطي ذريعي مسئلن کي حل ڪرڻ تي يقين رکي ٿي. هن وڌيڪ چيو ته عوامي مسئلن جي حل لاءِ اسان سنڌ حڪومت جي هدايتن تحت کليل ڪچهرين جو پروگرام شروع ڪيو آهي ته جيئن عوام جا مسئلا حل ٿين ۽ خاص طور تي لاڙڪاڻي شهر ۾ صفائي سٿرائي، لوڊ شيڊنگ، گندي پاڻي جي نيڪال، اسپتالن ۾ دوائن جي مڪمل فراهمي ۽ ٻيا لاڳاپيل مسئلا اوليت جي بنياد تي حل ٿي سگهن ۽ واسطيدار ادارن جهڙوڪ پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ، سيپڪو ۽ ٻين ادارن جي آفيسرن کي مان پڻ اهو چوندس ته عوام جي مسئلن حل ڪرڻ ۾ دير نه ٿيڻ گهرجي. امن امان جي شڪايت بابت هن ڳالهائيندي چيو ته اوهان پوليس سان تعاون ڪيو ته جيئن ڦر ٿيل شين جي رڪوري ٿي سگهي ۽ ڏوهارين خلاف اوهان پوليس ۾ شڪايت ڪيو ته جيئن جاچ ۾ آسائي ٿي سگهي. ان موقعي تي هن ڊائريڪٽر لوڪل گورنمينٽ کي هدايتون ڏيندي چيو ته اوهان جي اداري سان جيڪي به مسئلا آهن اهي حل ڪيا وڃن ۽ هتي موجود سيپڪو اختيارين کي چوندس ته هو لوڊشيڊنگ گهٽ ۾ گهٽ ڪن ته جيئن پاڻي نيڪال ٿي سگهي ۽ اسٽريٽ لائيٽ پڻ بحال رهي ۽ اوهان روزاني بنيادن تي سيپڪو صارفين جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ پنهنجن آفيسن ۾ کليل ڪچهريون منعقد ڪيو هن وڌيڪ چيو ته عوام جا مسئلا حل ڪرڻ سندن اولين ترجيح آهي ۽ ان سلسلي ۾ ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي. عوامي مسئلن جي حل لاءِ سڀني لاڳاپيل ادارن کي ذميواري سان پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. ان موقعي تي هن چيو ته اسپتالن ۾ دوائن جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي ۽ ڊاڪٽرن کي ڊيوٽي تي پابند رکيو وڃي. هن چيو ته تمام جلد نوجوانن کي نوڪريون ڏنيون وينديون پر ان لاءِ نوجوانن کي اپلائي ڪرڻ گهرجي. ان موقعي تي مختلف سرڪاري کاتن جا آفيسر پڻ موجود هئا، جن ايم پي اي کي شهرين جي مسئلن بابت آگاهي ڏني ۽ جلد حل جي خاطري ڪرائي. کلي ڪچهري ۾ ڪمشنر لاڙڪاڻو ڊويزن طاهر حسين سانگي، ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو ڊاڪٽر شرجيل نور چنا، ميئر ميونسپل ڪارپوريشن لاڙڪاڻو ايڊووڪيٽ انور علي لهر ايس ايس پي لاڙڪاڻو احمد فضل چوڌري، وائيس چيئرمين ڊسٽرڪٽ ڪائونسل لاڙڪاڻو اسد الله ڀٽو يوسي 03 چيئرمين سرائي سرفراز ڪوڪر ڪامران اوڍائي آفتاب ٽيڪ محمد ڀٽو سميت مختلف کاتن جي آفيسرن، سول سوسائٽي جي نمائندن، صحافين ۽ شهرين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا 32 احتجاجي مارچ

جاگرافي تحفظ لاءِ سوين ماڻهن جي تحفظ سنڌ مارچ ڪڍيو ويو جيڪو شهباز بلڊنگ کان ٿيندو حيدرآباد پريس ڪلب سامهون جلسي جي صورت اختيار ڪري ويو جلسي ۾ ڪارڪنن سنڌ جي بقا ۽ وسيلن جي مالڪي لاءِ نعري بازي ڪئي. ان موقعي تي جيئي سنڌ محاذ جي چيئرمين رياض چانڊيو خطاب ڪندي چيو ته سنڌ تاريخي وطن آهي سنڌ کي انتظامي يونٽن جي آڙ ۾ ورهائڻ جي اجازت نه ڏينداسين. هن چيو ته سنڌ جي گيس، تيل، درياهه سوڊو معدني وسيلن کي لٽيون ۽ ڦريون ويو آهي سنڌ جي ماڻهن کي مهانگائي،بدامني جي ور چاڙهيو ويو آهي جئين سنڌ جو عوام ذهني طور ٻن ويلن جي مانئي لاءِ پريشان هجي ۽ پنهنجا حق نه گهري سگهي. هن چيو ته سنڌ مان 20سالن کان ڪرپٽ نظام ٿپيو ويو آهي سنڌ جي زراعت،تعليم،صحت،بلدياتي ادارا تباهه ٿي ويا آهن سنڌ مٿان ڌاڙيل ڪلچر مڙهي آئيس ۽ ٻيو نشو عام ڪيو ويو آهي. هن چيو ته سنڌ جا وسيلا سنڌ جي مرضي ڪانسواءِ ڪوڙن قانونن ۽ هٿ ٺوڪي آئين ذريعي ڦريا ۽ لٽيا پيا وڃن سنڌ جي وسيلا سنڌ بدران وفاق تي خرچ ڪري سنڌ جي عوام کي بک جي باهه ۾ اڇليو ويو آهي. هن چيو ته اسان جي گهر آهي ته سنڌ جا وسيلا سنڌ تي خرچ ڪيا وڃن،سنڌ کان ڦريل درياهه ۽ معدني وسيلا واپس ڪيا وڃن ڌاڙيل راڄ ۽ منشيات جو وڪرو بندڪيو وڃي سنڌ کي انتظامي يونٽن جي آڙ ۾ ورهائڻ وارا منصوبا ختم ڪيا وڃن ٻئي صورت ۾ سنڌ جي ماڻهن جو سخت ردعمل ايندو.جلسي کي جسقم اڳواڻ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ پنج هزار سال تاريخي وطن آهي سنڌ جي وسيلن تي سنڌ جي عوام جو حق آهي سنڌ جا ماڻهو پنهنجي تاريخي وطن جي حدن جي حفاظت لاءِ تيار آهن ۽ پنهنجا وسيلا به ضرور حاصل ڪندا.

بقايا 33 اين سي داخل

داخل ڪري نينگر جو ميڊيڪل چيڪ اپ ڪرائڻ لاءِ تعلقہ اسپتال ٽنڊوآدم موڪليو جتي ڊاڪٽر نينگر جو معائنو ڪري جڙا ليبارٽري ڏانهن موڪليا آهن . ٻئي پاسي متاثر درويش نينگر ۽ سندس والد يار محمد ٿهيم ميڊيا آڏو داهيندي چيو ته جوابدار منهنجي درويش پٽ سان زبردستي جنسي ڏيادتي ڪئي ۽ فرار ٿي ويو آهي . هن اختيارين کان گهر ڪئي ته منهنجي پٽ سان ڏيادتي ڪندڙ جوابدار کي فوري گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي .

بقايا 34 ڦرجي ويون

فرار ٿي ويا جڏهن ته هڪ ڏينهن اڳ جتيا پاڙي مان نامعلوم هٿياربند پوليس اهلڪار زمان بيگ کان به نئين سي ڊي موٽرسائيڪل ڦر ڪري فرار ٿي ويا هئا

بقايا 35 وارثن حوالي

مان پنجاهه سالن جي پيرسن جو لاش مليو ڪالهه صبح سويري مارڪيٽ جا دڪاندار جيئن ئي پنهنجا دڪان کولڻ واسطي پهتا ته انهن هڪ شخص کي ننڊ ۾ ستل ڏسي ڪيس سجاڳ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر همراهه سجاڳ نه ٿيو دڪاندارن ۽ واقعي واري هنڌ گڏ ٿيل ماڻهن چيڪ ڪيو ته همراهه مري چڪو هو فوتي همراهه جي سڃاڻپ رسول بخش شيخ رهندڙ شيخ محلا راجوخاڻائي طور ٿي آهي ماڻهن فوتي جي وارثن ۽ پوليس کي اطلاع ڪيو پوليس ۽ فوتي جا وارث واقعي واري هنڌ پهچي ويا جتان فوتي جا وارث لاش جو اسپتال مان پوسٽ مارٽم ڪرائڻ بغير فوتي رسول بخش شيخ جو مڙهه گاڏي ۾ وجهي پنهنجي گهر ميئر جي مسجد وٽ شيخ محلا راجوخاڻائي ۾ ڪٺائي ويا، ٻئي طرف پوليس ٻڌايو ته في الحال موت پراسرار بڻيل آهي جنهن بابت وڌيڪ جاچ ڪئي ويندي، جڏهن ته لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو ۽ فوتي کي بنان پوسٽ مارٽم جي مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو.

بقايا 36 امن مارچ

اڳواڻن سميت سوين ڪارڪنن سٽي پارڪ کان پريس ڪلب تائين امن مارچ ڪيو ويو انهي دوران امن جي ڌرتي امن گهري ٿي، سنڌ لاءِ ناسور بڻيل قبائلي تڪرار ختم ڪريو بيگناهه شهرين جو قتل وعام بند ڪيو جي زورداري نعريبازي ڪندي امن مارچ کي خطاب ڪندي ۽ ميڊيا سان ڳالهائيندي ايس يو پي ضلعي صدر ظريت ساگر بجاراڻي، شاهنواز مرهيٺو رحمدل لاشاري، چوٿو جکراڻي، اصغر شيخ، غلام علي سبزوئي، جمعيت علماءِ اسلام جو سيد سهيل شاهه، احمد پناڻ، جسمر جو غلام عباس باجڪاڻي، جماعت اسلامي اڳواڻ غلام مصطفيٰ ميراڻي، عبيد الله ميراڻي، ايس ٽي پي جو جيوڻ خان سبزوئي، قمرالدين سهرياڻي ۽ ٻين چيو ته ڪنڌڪوٽ ڪشمور ضلعي اندر ڪيترين ئي برادرين ۾ خوني قبائلي تڪرار هلي رهيا آهن جنهن سبب بيگناهه انسانن جو قتل وعام ٿي رهيو آهي ۽ ڌريون خوني تڪرارن سبب پنهنجي ڳوٺن ۽ علائقن تائين محدود ٿي وڃن ٿيون جنهن ڪري انهن جا ٻار علم جي روشني کان محروم آهن علائقو بدامني جي وڙهه چڙهي وڃي ٿو جهڙيندڙ ڌريون مجبورن هٿيار کڻي هٿيارن سان زندگي گذارڻ تي مجبور آهن انهي ڪري هي اسان جي ايندڙ نسلن لاءِ ناسور بڻجي ويا آهن جنهن ڪري جهڙيندڙ ڌرين جي سردارن، معززين، مقدمن ۽ ڄڳن مڙسن کي گهرجي ته پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪري جهڙيندڙ ڌرين کي ناهه لاءِ راضي ڪرڻ تي پابند ڪن سنڌ سرڪار علائقا جا چونڊيل نمائندا ۽ ايس ايس پي محمد مراد گهانگهرو کي گهرجي ته قبائلي تڪرارن جي خاتمي ۾ ڪردار ادا ڪن جئين علائقي ۾ امن امان بحال ٿي سگهي.

سنڌ اسيمبلي ۾ ڪجهه شقون تبديل ڪرڻ بعد ٿر ڪول انرجي بورڊ ترميمي بل منظور

ايوان ۾ مسيحي برادري جي مذهبي تهوار ڪرسمس جي موقعي تي مبارڪباد جي قرارداد منظور ڪئي وئي

ڪرسمس محبت ۽ امن جو نالو آهي، هي تهوار اسان کي مذهبي رواداري قائم ڪرڻ جو درس ڏئي ٿو: ميمبر

اجلاس ۾ قومي ڪرڪيٽ ٽيم جي انڊر 19 ٽيم جي ڪاميابي تي خوشي جو اظهار ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽ : مجيد عباسي) سنڌ اسيمبلي سومر ڏينهن ٿر ڪول انرجي بورڊ ترميمي بل پنهنجي اجلاس ۾ منظور ڪيو. ايوان مسيح برادري جي مذهبي تهوار ڪرسمس جي موقعي تي مبارڪباد جي بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

خانپور مهر: پتافي برادري ۾ جهيڙي دوران مارجي ويل 3 ڄڻن جا لاش ۽ زخمي

خانپور مهر لڳ پتافي برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو، 3 ڄڻا مارجي ويا، ٽي ڄڻا سخت زخمي

لنڊي ٽوڙي پرسان تڪرار جي نبيري لاءِ مختلف علائقن مان ميڙ ڪٺي آيلن تي هٿيارٻندن فائرنگ ڪري ڏني

فائرنگ جي نتيجي ۾ دودو پتافي، حضور بخش پتافي ۽ اصغر پتافي موقعي تي ئي مارجي ويا

اطلاع تي پوليس پهچي علائقي ۾ گهيري ۾ آڻي لاش ۽ زخمي علي نواز، زبير ۽ حبيب الله کي اسپتال پهچايو

خانپور مهر (رپورٽ: سري چند ڪيول) پنجاب جي مختلف علائقن سان واسطو رکندڙ پتافي برادري جا ماڻهو هلندڙ پراڻي سڱاوتي ۽ زميني تڪرار جي نبيرڻ لاءِ ميڙ جي صورت ۾ لنڊي ٽوڙي واري علائقي ۾ شاهنواز پتافي جي گهر پهتا، جتي ڳالهه ٻولهه دوران شاهنواز پتافي واري ڌر جي بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد واسي نوجوان مٽياري مان گم، وارثن جو احتجاج

حيدرآباد واسي زوهيب پنهور هالا ويندي لاپتا ٿي ويو: وارث

وارثن جو ايس ايس پي مٽياري کان قدم کڻي نوجوان بازياب ڪرائڻ جو مطالبو

مٽياري (ڊ ر) مٽياري مان نوجوان جي گمشدگي جو معاملو سامهون آيو آهي حيدرآباد قليلي روڊ پڪي روڊ ڪڇي محلا بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ پنج ڏينهن واري عالمي ڪتاب ميلي جي پڄاڻي، ماضي جا سڀئي رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا

پنجن ڏينهن واري ميلي ۾ سياسي سماجي ادبي شخصيتن، شاگردن سميت ساڍا پنج لک ماڻهن شرڪت ڪئي

ڪتابي ميلو پاڪستان جي سڃاڻپ بڻجي چڪو آهي، هن ماحول سان ان کي روشن رهڻ گهرجي: اڳواڻ

ميلي ۾ ايتري وڏي تعداد ۾ ماڻهن جي آمد هڪ سٺي مستقبل جي اڳڪٿي ڪري رهي آهي

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) پاڪستان پبلشرز اينڊ بڪ سيلرز پاران ڪراچي ايڪسپو سينٽر ۾ منعقد ڪيل پنج ڏينهن وارو ڪراچي عالمي ڪتاب ميلو ڪاميابي سان ختم ٿي ويو آهي جنهن علم ۽ بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

چيف جسٽس لاهور هاءِ ڪورٽ عاليه نيلم فائيل فوٽو

ٽنڊو محمد خان: سنڌو دريا مان 35 سالا نوجوان جو لاوارث حالت ۾ لاش هٿ

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) سنڌو دريا مان 35 سالا نوجوان جو لاوارث حالت ۾ لاش هٿ، سڃاڻپ ٿي نه سگهي ، سنڌو دريا جي ڪناري تان 35 سالا نامعلوم نوجوان جو پاڻي ۾ پيل لاش لاوارث حالت ۾ هٿ بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد ۾ عوامي شڪايتن تي اي سي جا حدخلين خلاف آپريشن

نويد احمد سام سي سي روڊ، ٽاور روڊ، قائد اعظم روڊ، اولڊ ڪاليج تي ڪارروايون ڪيون

دڪاندار روڊن رستن ۽ ٿلها ٺاهي ويٺل آهن جنهن سبب شهري مشڪلاتن ۾ آهن: اي سي

جيڪب آباد (ڊ ر) عوامي شڪايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر نويد احمد سام پاران جيڪب آباد شهر جي مختلف روڊن ۽ بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: ڦر دوران مارجي ويل ڏوهاري مٺل معرفاڻي جو لاش وارثن حوالي

شڪارپور کان ماسي جيڪب آباد سول اسپتال پهچي لاش وصول ڪيو، گهر منتقل

ڦر دوران مٺل معرفاڻي ۽ الاهي بخش مغيري مارجي ويا، ساٿي فرار ٿي ويا هئا: ايس ايڇ او

جيڪب آباد (ڊ ر) ٻه ڏينهن اڳ جيڪب آباد جي مولاداد ٿاڻي جي حد ۾ مبينه ڦر دوران مارجي ويل ڏوهاري مٺل معرفاڻي جو بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ پوليس جو آپريشن، ڏوهه جي ارادي سان بيٺل 4 مبينا جوابدار گرفتار

ايس ايڇ او جي اڳواڻي ۾ ريلوي اسٽيشن،بابا نٿو شاهه ۽ آسپاس علائقن ۾ آپريشن ڪيو ويو

گرفتار ڪيل جوابدار اڳ ۾ منشيات وڪرو ڪرڻ سان گڏ ٻين ڏوهن ۾ ملوث آهن: پوليس

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي پوليس جو ريلوي اسٽيشن،بابا نٿو شاهه ۽ آسپاس علائقن ۾ آپريشن، ايس ايڇ او ڪوٽڙي بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي: پوليس آپريشن دوران گرفتار ڪيل جوابدار لاڪپ ۾ بيٺل آهن

بغداد: صدر آصف زرداري سيد عبدالقادر جيلاني جي مزار جي منتظمين سان ملاقات ڪندي

ڪتاب دوستي ڪنهن به زنده ۽ ترقي يافته قوم جي بنيادي سڃاڻپ هوندي آهي: ڊپٽي ميئر

سماج اندر معاشرن جي فڪري تعمير ۾ ڪتاب جو ڪردار بنيادي حيثيت رکي ٿو

ڪتاب رڳو معلومات جو ذريعو نه پر اخلاق، برداشت، تهذيب ۽ شعور جي تربيت پڻ ڪن ٿا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد چيو آهي ته مطالعو ڪتاب دوستي ۽ علم سان وابستگي ڪنهن به زنده ۽ ترقي يافته قوم جي بنيادي سڃاڻپ هوندي آهي ڪتاب انسان بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

پاڪستان ۽ اسلام جي ڳالهه اچي ٿي ته مذهبي طبقا گڏ بيٺا آهن: گورنر

دشمن اسان خلاف بلوچستان ۽ خيبر پختونخواهه ۾ الخوارج استعمال ڪري رهيو آهي

گورنر پاران سر سيد يونيورسٽي طرفان مولانا فضل الرحمان کي اعزازي ڊاڪٽريٽ جي ڊگري ڏني وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري چيو آهي ته جڏهن پاڪستان ۽ اسلام جي ڳالهه اچي ٿي ته مذهبي طبقا گڏ بيٺا آهن اڄ هڪ ڀيرو ٻيهر سياسي ۽ مذهبي طبقن سميت سڀني کي پاڪستان بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

وزيراعليٰ سنڌ جي خاص معاون جو حيدرآباد جو دورو

عثمان غني هنگورو ڪاڌ خوراڪ جي شين جي اگهن ۽ پيٽروليم مصنوعات جي چڪاس ڪئي

نيشنل مارٽ ۽ مرحبا مارٽ تي مقرر اگهن جي خلاف ورزي، 75 هزار رپيا ڏنڊ عائد

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) وزيراعليٰ سنڌ جي خاص معاون براءِ بيورو آف سپلائي اينڊ پرائسز عثمان غني هنگورو ضلعي بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

]ڪراچي ايڪسپوسينٽر ۾ ورلڊ بڪ فيئر ۾ شهرين جي رش نظر اچي رهي آهي

ڦلجي بي ايڇ يو سينٽر ۾ ڊاڪٽر غير حاضر ۽ دوائن جي کوٽ خلاف احتجاجي ريلي

سياسي، سماجي ۽ صحافتي تنظيمن پاران پريس ڪلب کان حيدر چوڪ تائين ريلي ڪڍي ڌرڻو

بي ايڇ او نادر ۽ بي بي ايڇ آئي نادر جا عملدار اسپتال لاءِ مليل فنڊ ۽ دوائون هڙپ ڪري ڇڏين ٿا: مظاهرين

ڦلجي اسٽيشن (ن ع) شهر جي بي ايڇ يو سينٽر ۾ گذريل هڪ مهيني کان ڊاڪٽر غير حاضر هجڻ دوائن جي کوٽ ۽ بي ايڇ بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ ستين آل سنڌ-بلوچستان شهيد بينظير ڀٽو شوٽنگ بال ٽورنامنٽ

ٽورنامينٽ ۾ 18 ٽيمن جي شرڪت، سنڌ ۽ بلوچستان رانديگرن پنهنجي راند جا جوهر ڏيکاريا

نوجوانن لاءِ صحتمند سرگرميون اهم آهن، راندين سان نشي کان پري رهي سگهجي ٿو: محمد رفيق ٽيبو

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار ۾ سنڌ گورنمنٽ جي تعاون سان ستين آل سنڌ بلوچستان شهيد بينظير ڀٽو شوٽنگ بال ٽورنامنٽ بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان ۾ اغوا ٿيل 10 سالا نينگر راشد خالد پوليس هٿ ڪري ورتو

ڳوٺ قاضي احمد بانڀڻ مان اغوا بعد هٿيارٻندن نوجوان تي تشدد ڪري لاوارث حالت ۾ ڇڏي فرار

ڏهه ڏينهن گذرڻ باوجود مويا پوليس ايف آءِ آر داخل نه ڪري سگهي، ڪو به جوابدار گرفتار نه ٿيو

وارثن ۽ صحافين جو آئي جي سنڌ ۽ ڊي آئي جي حيدرآباد کان فوري انصاف جو مطالبو

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو غلام حيدر جي مويا پرسان ڳوٺ قاضي احمد بانڀڻ مان هٿيارٻندن هٿان اغوا ٿيل 10 سالا نينگر بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل لڳ ڦر جي ڪوشش ناڪام، فائرنگ ۾ ٻه ڀائر سميت ڏوهاري مارجي ويو، هڪ زخمي

ڳوٺ دلاور ساوند ۾ ڦر مزاحمت تي هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ عبدالشڪور ۽ مختيار ساوند مارجي ويا

اطلاع تي پوليس پهچي مقابلي بعد هڪ ڏوهاري مارجي ويو، فائرنگ دوران شهري صديق زخمي ٿي پيو: ايس ايس پي

مارجي ويلن لاش ۽ زخمي کي اسپتال منتقل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

پنوعاقل(رپورٽ اعجاز جهنڊير) ڊبر ٿاڻي جي حد ڳوٺ دلاور عرف ڊيٺي ساوند ۾ چوپايو مال چورائڻ جي ڪوشش دوران افسوسناڪ واقعو پيش آيو جتي نامعلوم هٿيارٻندن گهرن ۾ گهڙي فائرنگ ڪري ٻن ڀائرن کي بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو باگو / ٽنگيارڪر : اي سي غير قانوني پيٽرول پمپن خلاف ڪارروائي ڪندي

اوٻاوڙو لڳ آپريشن دوران مجموعي طور 9 کان 16 ڏوهاري مارجي ويا آهن: ايس ايس پي

ڏوهارين مارجڻ جي تصديق ٿي چڪي آهي 7 ڏوهارين جون لاشون ڳولهيون پيون وڃن

پنجاب جي ڪچي ۾ ڏوهارين جو خاتمو آڻي راجنپور پوليس حوالي ڪري ڇڏيا آهن

اوٻاوڙو (ن ع) اوٻاوڙو لڳ پنجاب جي سونميائي جي ڪچي واري علائقن ۾ ڇهن ڏينهن تائين جاري رهندڙ سنڌ پوليس ۽ بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو لڳ ويگو جي ٽڪر ۾ فوت ٿيل نوجوان جا جوابدار گرفتار نه ڪرڻ خلاف مظاهرو

پوليس پروٽوڪول ۾ شامل گاڏي جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار ضامن نوحاڻي فوت ٿيو هو

واقعي جو ڪيس داخل نه ٿيڻ ۽ جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف فوتي جي وارثن احتجاج ڪيو

ڄامشورو (ڊ ر) شهر جي آر بي بي ڪالوني وٽ حيدرآباد ڄامشورو روڊ تي 25 ڏهاڙا اڳ ٻن موبائل گاڏين جي پروٽوڪول بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

راضيديرو لڳ هٿيارٻند نوجوان کان موٽرسائيڪل، روڪ رقم ۽ سامان ڦري ويا

راضيديرو(ن ع)اگڙا ٿاڻي جي پوليس کي ڏوهاري ٽولن سڃاڻي ورتو ننڍا وڏا ڏوهه ٿيڻ معمول بڻجي ويا.اگڙا پوليس کي ڦيرائيون پوليس لاءِ حد کي سنڀالڻ ڏکيو ٿي ويو.ڏينهن ڏٺي جو حد جي سڪيه روڊ جادو واهڻ لنڪ روڊ اچي مسجد وٽان ٽن بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

خيرپور ناٿن شاهه ۾ رورل هيلٿ سينٽر جا نوان شعبا ۽ بيسڪ هيلٿ يونٽ جو افتتاح

عرفان ظفر لغاري هيپاٽائيٽس بي سي، اکين جو شعبو ۽ گائني وارڊ ۽ ٻين شعبن جو افتتاح ڪيو

ڳوٺ گل محمد چانڊيو ۾ نئين تعمير ٿيل ڊسپينسري جو افتتاح، بيسڪ هيلٿ يونٽ ۾ اپ گريڊ جو واعدو

ڳوٺاڻن جا مسئلا حل ڪرڻ تي ايم اين اي جو واعدو، گئس لائين ۽ ٻين سهولتن لاءِ فوري ڪارروائي جو اعلان

خيرپورناٿن شاهه(ن ع) پي پي ايم اين اي عرفان ظفر لغاري پاران بي بي ايڇ آئي جي انتظام هيٺ هلندڙ سيتا روڊ رورل هيلٿ سينٽر ۾ قائم ٿيل نون شعبن هيپاٽائيٽس بي سي ، اکين جو شعبو،گائني بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

SUMMIT PAKISTAN - 2025
HEC, ISLAMABAD, PAKISTAN
DECEMBER 21 - 24
اسلام آباد: چيئرمين وزيراعظم يوٿ پروگرام رانا مشهود احمد خان بين الاقوامي ايم او آءِ سي سمٽ پاڪستان 2025 کي خطاب ڪندي

ڳڙهي خيرو ۾ ڀتا خوري ۽ بدامني خلاف هندو واپارين جي شٽر بند هڙتال

جمعيت علماءِ اسلام تعلقه ڳڙهي خيرو پاران ڀتا خوري ۽ بدامني خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو

اسين هندو برادري سان مڪمل طور تي گڏ آهيون، تعلقي ڳڙهي خيرو مان ڀتي خوري ۽ بدامني جو آزار وڌي ويو آهي: اڳواڻ

مير ممتاز حسين جکراڻي پاران به هندو برادري کي ڀتي جون پرچيون ملڻ واري واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت

جيڪب آباد (ڊ ر) تعلقي ڳڙهي خيرو مان ڀتي خوري ۽ بدامني جو آزار ختم نه ٿي سگهيو هندو برادري جي واپارين کي ڀتي بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

دادو: فلور ملز ۽ اٽو چڪي مالڪ پريس ڪانفرنس ڪندي

خيرپور لڳ هٿيارٻندن چوڪيدار کي يرغمال بڻائي 10 ٻلوڙ مينهون ڪاهي ويا

ڳوٺ الله ڏنو شيخ واسي عابد شيخ جي واڙي تي 10 کان وڌيڪ هٿيارٻندن ڪاهه ڪئي

هٿيارٻند چوڪيدار کي يرغمال بڻائي10 ٻلوڙ مينهون ڪاهي ويا آهن انصاف ڪيو وڃي: عابد شيخ

خيرپور(ڊ ر) خيرپور لڳ ڳوٺ الله ڏنو شيخ بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ پ پ ايم پي اي جميل سومرو جي کليل ڪچهري، عوامي مسئلن جو نوٽيس

ذوالفقار باغ ۾ کلي ڪچهري ڪئي، ڪچهري دوران هن شهرين سان ملاقات ڪري سندن مسئلا ٻڌا

عوامي مسئلن تي فوري نوٽيس وٺندي لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن کي هدايتون جاري ڪيون

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ ۽ ميمبر صوبائي اسيمبلي ايم پي اي جميل احمد بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

شهدادپور ۾ ٻن ڏينهن اندر ٻن پوليس اهلڪارن کان به موٽرسائيڪلون ڦرجي ويون

شهدادپور(ن ع) شهدادپور شهر ۾ ڦرون ۽ چوريون وڌي ويون شهر جي جتياپاڙي ۾ اوور هيڊ پل تان پوليس اهلڪار راڻو زرداري کان نئين سي ڊي موٽرسائيڪل ڦري بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ جيئي سنڌ محاذ جو وسيلن جي مالڪي ۽ تحفظ لاءِ احتجاجي مارچ

سنڌ تاريخي وطن آهي سنڌ کي انتظامي يونٽن جي آڙ ۾ ورهائڻ جي اجازت نه ڏينداسين:رياض چانڊيو

سنڌ جي ماڻهن کي مهانگائي، بدامني ور چاڙهيو ويو آهي، عوام ٻن ويلن جي ماني لاءِ پريشان آهي

سنڌ جي وسيلا سنڌ بدران وفاق تي خرچ ڪري سنڌ جي عوام کي بک جي باهه ۾ اڇلايو ويو آهي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) جيئي سنڌ محاذ پاران سنڌ جي وسيلن جي مالڪي ۽ بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

راڄوخاناڻي مان پنجاهه سالن جي پيرسن جو لاش هٿ، وارثن حوالي

راڄوخاناڻي(ن ع) راڄوخاناڻي شهر جي مين روڊ تي سلطاني واهه موري وٽ مير حسين بخش ٽالپر مارڪيٽ جي زير تعمير دڪان بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم لڳ درويش نينگر سان جوابدارن جي مبينا طور تي جنسي ذيادتي، اين سي داخل

ڳوٺ دائم ٿهيم واسي يار محمد ٿهيم پاران ٿاڻي تي پهچي 15 ورهين جي پٽ سان زيادتي جي رپورٽ داخل ڪرائي

درويش صفت پٽ قربان سان جوابدار حنيف ٿهيم زبردستي جنسي ذيادتي جو نشانو بڻايو آهي: موقف

پوليس جوابدار خلاف اين سي داخل ڪري نينگر کي ميڊيڪل لاءِ ليٽر ڏئي اسپتال منتقل ڪيو

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم لڳ ڳوٺ دائم ٿهيم جي رهندڙ 15 سالا درويش نينگر قربان علي ولد يار محمد ٿهيم کي سندس ئي ڳوٺ جي رهندڙ حنيف ٿهيم پاران مبينا طور تي جنسي ذيادتي جو نشانو بڻايو ويو آهي . متاثر درويش نينگر سان جنسي ذيادتي ڪندڙ جوابدار حنيف ٿهيم خلاف سندس والد يار محمد ٿهيم پاران ٽنڊوآدم بي سيڪشن ٿاڻي تي اين سي بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: جيئي سنڌ محاذ پاران وسيلن جي مالڪي ۽ تحفظ لاءِ احتجاجي مارچ ڪيو پيو وڃي

پنوعاقل لڳ ڦر جي ڪوشش دوران فائرنگ ۾ فوت ٿيل ٻه شهري

ڪنڌڪوٽ ۾ ايس يو پي جي قبائلي تڪرار جي خاتمي لاءِ امن مارچ

ڪنڌڪوٽ ڪشمور اندر ڪيترين ئي برادرين ۾ خوني قبائلي تڪرار هلي رهيا آهن:اڳواڻ

ڌريون خوني تڪرارن سبب پنهنجي پنهنجي ڳوٺن ۽ علائقن تائين محدود ٿي وڃن ٿيون

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) ڪنڌڪوٽ قبائلي تڪرارن جي خاتمي لاءِ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي سنڌ تي سياسي سماجي تنظيمن جي بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ڪراچي صنعتي علائقن لاءِ 9 ارب 28 ڪروڙن واري ترقياتي پيڪيج جي منظوري تاريخي فيصلو آهي: شرجيل ميمڻ

صنعتي زونن جي بحالي ۽ ترقي سڌي طرح روزگار، برآمدات ۽ سيڙپڪاري سان جڙيل آهي

علائقن جي انفراسٽرڪچر جي بهتري لاءِ جامع روڊ ميپ تحت اڄ کان ترقياتي ڪم شروع ڪيا پيا وڃن

ترقياتي منصوبن جي معيار، رفتار ۽ شفافيت تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪيو ويندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته ڪراچي جي صنعتي علائقن لاءِ 9 ارب 28 ڪروڙ رپيين کان وڌيڪ ترقياتي بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: وزيراعظم محمد شهباز شريف جو انڊر 19 پاڪستان ڪرڪيٽ ٽيم سان گڏ گروپ فوٽو

مورو ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙو، هڪ ڄڻو مرڻينگ، اسپتال منتقل

مورو (ن ع) مورو شهر جي ڳوٺ درس ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙو هڪ ڄڻو مرڻينگ، مورو اسپتال کان نوابشاهه جي اسپتال منتقل ڪيو ويو ان موقعي تي بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

CHAMPIONS TROPHY
ڄامشورو: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو ڪيڊٽ ڪاليج ۾ ٽرافي ڏئي رهيو آهي

ڪوٽڙي لڳ ٻن ڪارن ۾ زوردار ٽڪر معصوم نينگري فوت، 8 ڄڻا زخمي

بولهاڙي وٽ ٿيل حادثي ۾ 6 سالن جي نينگري تبسم ٽالڊي تي فوت ٿي وئي

زخمي ٿيل علي ٻيبرو، نذاڪت، ماروي ۽ ٻين کي اسپتال داخل ڪيو ويو ٽن ڄڻن جي حالت نازڪ

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي لڳ بولهاڙي وٽ ٻن ڪارن جو آمهون سامهون زوردار ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ 6 سالا بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي پرسان بجلي تارن مان ڪرنٽ لڳڻ سبب بس جي ڇت ويٺل ٻه چاچي نينگر فوت، هڪ مرڻينگ

مراد واهڻ محلي ايندڙ ڄڃ جي بس مٿان ويٺل 15 ورهين جو ثقلين 14 ورهين جو بلاول ۽ ارسلان زخمي ٿي پيا

زخمين کي چانڊڪا اسپتال نيو ويو جتي ثقلين ۽ بلاول جتوئي فوت ٿي ويا، ارسلان جو علاج جاري

فوتي نينگرن جا لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو، شادي جون خوشيون ماتم ۾ تبديل

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي پرسان ڳوٺ فقير واهه جتوئي مان لاڙڪاڻي شهر جي مراد واهڻ محلي ايندڙ ڄڃ سان بس جي ڇت ويٺل بجلي جي لڙڪندڙ تارن ۾ ڪي چاچي 15 ورهين جو ثقلين پٽ اڪبر جتوئي بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

چوهڙجمالي لڳ 18 سالن جو نوجوان بخار وگهي فوت

چوهڙجمالي(ن ع) چوهڙجمالي لڳ 18 سالا نوجوان پورهيت نظير احمد جتوئي بخار وگهي فوت ٿي ويو. چوهڙ جمالي لڳ بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن جي صحت آگاهي سيشن

ايڊيشنل ڪمشنر فرقان احمد لغاري جي صدارت هيٺ شهباز هال ۾ اجلاس ٿي گذريو

جعلي علاج گاهن خلاف ڪارروائين ۽ اينٽي ڪوئيڪري مهم بابت تفصيلي آگاهي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) ايڊيشنل ڪمشنر ون حيدرآباد فرقان احمد لغاري جي صدارت هيٺ شهباز هال حيدرآباد ۾ سنڌ هيلٿ بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ٿر جي تعليمي ماهر روي شنڪر موراڻي جون آخري رسمون، صحافين ۽ سياسي سماجي اڳواڻن جي شرڪت

روزاني عبرت جي نيوز ايڊيٽر جهم پرڪاش موراڻي ۽ هيڊ ماستر راجيش ڪمار جي والد جون آخري رسمون ڊيپلو ۾ ادا ڪيون ويون

حيدرآباد، ٽنڊومحمدخان، تلهار، بدين سميت مختلف شهر مان سياسي، سماجي ۽ صحافي ڌرين ٿلڊي تي پهچي تعزيت

نظام مگسي، ذوالفقار چانڊيو، جاويد ڏلواڻي، راشد خميسو ڏلواڻي، اشرف عبدالله ميمڻ، غلام حسين خاصخيلي ۽ ٻين پڻ تعزيت ڪئي

حيدرآباد/بدين/مٺي (نمائندن وٽان) ٿر جي ماهر تعليم سماج کي ڀهڙ اڏڻ جي ڏاهي ۽ تعليم لاءِ سموري عمر ارپيندڙ ۽ باصلاحيت ۽ سادي ۽ سهڻي واري طبيعت رکندڙ شخصيت ۽ عبرت جي سينئر نيوز بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

راڄوخاناڻي : هٿ آيل پيرسن جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

ڄامشورو لڳ ٿاڙو ٻولا خان پوليس جي ڪاهه، هڪ عورت ٻار سميت ڪنهي گم وارثن جو احتجاج

ڄامشورو (ڊ ر) جي تعلقي ٿاڻي ٻولاخان پوليس ساناپا موري وٽ بگٽي برادري جي گهرن تي چڙهائي ڪرڻ بعد هڪ عورت بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار الشهباز ايليمينٽري اسڪول ۾ ثقافتي تقريب منعقد

دنيا ۾ اسان جهڙي ثقافت ڪنهن جي به ناهي پر اسان وساري ويٺا آهيون:عبدالجبار

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار شهر جي مجاهد ڪالوني ۾ الشهباز ايليمينٽري اسڪول طرفان ثقافتي تقريب ڪوٺائي وئي جنهن ۾ بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: 11 هين اياز ميلي جي آخري ڏينهن تي هڪ لوڪ فنڪاره سيما ڪرماڻي رقص ڪري رهي آهي

آئل اينڈ گيس ريگوليٹری اتھارٹی
حکومت پاکستان
Oil & Gas Regulatory Authority
Government of Pakistan

پاکستان آئل سپلائی چین کی ڈیجیٹلائزیشن کی جانب ایک اہم قدم

راہ گزر

آئل اینڈ گیس ریگولیٹری اتھارٹی (اوگرا) کی جانب سے صارفین کیلئے قانونی پیٹرول پمپس اور آؤٹ لیٹس تک باآسانی رسائی کیلئے راہ گزر موبائل ایپلیکیشن کا اجراء

Nearby Petrol Stations
Search Stations
Karachi
Pakistan State Oil
Total Parco
Shell
Pakistan State Oil
Petrol Rate
Rs. 250.97 /Ltr
Diesel Rate
Rs. 300 /Ltr
My profile
Stay Updated Prices
Sign Up
Already have an account? Sign In
Explore as Guest
GUARDING PUBLIC INTEREST
App Store
Google play
URAAN PAKISTAN

راہ گزر موبائل ایپ کی خصوصیات

- تمام پیٹرول پمپس کی جیوٹیگنگ
- آئل مارکیٹنگ کمپنیوں کے تمام قانونی پیٹرول پمپس کی فہرست
- آپ کے نزدیک ترین پیٹرل پمپس کی نشاندہی
- پیٹرول اور ڈیزل کے انراخ سے جانکاری
- تمام نزدیکی ریٹیل آؤٹ لیٹس کا نقشہ

بذریعہ راہ گزر ایپ درج ذیل شکایات کا اندراج کرائیں

- اوور چارجنگ
- سیفٹی کے مسائل
- غیرقانونی آؤٹ لیٹس

اوگرا
پاکستان کے ڈاؤن سٹریم آئل سیکٹر کی شفافیت، آپریشنل کارکردگی اور عوام کے جان و مال کے تحفظ کیلئے کوشاں

PID (I) 5135-D/25

Head office: Plot no. 37 and 39 Mauve Area, G-10/4, Islamabad
Phone #: 051-9108825

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.